

# غلام نبي مغل

جو

ڪهاڻي ڪتاب

# نئون شهر

۽

ناوليٽ

# عورت ۽ پيار

# نئون شهر
# عورت ۽ پيار

(ڪهاڻيون)

# نئون شهر

(ناولٽ)

# عورت ۽ پيار

(ٻه ڪتاب هڪ ڪتابي صورت ۾)


مصنف: غلام نبي مغل

مصنف/ مترجم: پير لوئي/ غلام نبي مغل



نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستتر

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪشنس<br>ٽنڊو ولي محمد. حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | يٽائي ڪمپيوٽر ڪمپوزرس<br>ڪوڪر پاڙو، حيدرآباد سنڌ. |
| ٽائيٽل | فتح هالپوٽو |
| پهريون ايڊيشن | سيپٽمبر 1993ع |
| | قيمت -/45 رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

*NAUN SHAHAR (Short Stories) AND AURAT AIN PIYAR (Novelet) Written by GHULAM NABI MUGHAL and PERRY LOUIS.Published by New Fields Publication Tando Wali Mohammad, Hyderabad. Sindh. Pakistan. First Edition september 1993. Price Per Copy Rs. 45/-*
*Book No. 176*

---

ڪتاب "نئون شهر" پهريون ۽ ٻيو ڇاپو، 1964 ۽ 1963 ۾ ڇپيو.

ڪتاب" عورت ۽ پيار" پهريون، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون ڇاپو، 1965، 1973، 1990 ۽ 1993 ۾ ڇپيو.

# فهرست


ٻه اکر- غلام نبي مغل 7

ڪتاب: نئون شهر (ڪهاڻيون)

١. واچوڙن ۾ لاٽ 9
٢. شيشي جو گهر 20
٣. نئون شهر 28
٤. مينديءَ رتا هٿ 38
٥. دل جي ڳالهه 46
٦. اُنداها رستا، دونهاٽيل گهٽيون 57
٧. ٻوساٽ 68
٨. باهه ۾ برف 74

ڪتاب: عورت ۽ پيار (ناولٽ) 81

# ٻه اکر

’نئون شهر‘ منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي. هي ڪتاب 1964 ۾ مرحوم طارق اشرف جي ڪتاب ’سونهن پٽر ۽ پيار‘ سان گڏ ڇپيو هو. انهيءَ ڳالهه کي اڄ ٽيهه سال ٿيا آهن ۽ انهيءَ عرصي ۾ طارق ته اسان سان وفا نه ڪئي ۽ هميشه وانگر پنهنجي ضد تي قائم رهيو ۽ اسان سڀني کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو. هي ڪهاڻي ڪتاب ’نئون شهر‘ جيتوڻيڪ مختصر آهي ۽ منجهس ٿورڙيون ڪهاڻيون آهن پر تنهن هوندي به منهنجيون اُهي سڀ ڪهاڻيون شامل آهن جن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي دوستن ۽ مداحن پسند ڪيو آهي. هي ڪهاڻيون هن صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ لکيل آهن جيڪي روح رهاڻ، مهراڻ، ڪونج، سنڌو ڌارا ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيون آهن. ان مان ڪجهه ڪهاڻيون انگريزي ۽ اردو ۾ به ترجمو ٿي چڪيون آهن. منهنجي پهرين ڪهاڻي تر به انهيءَ ۾ موجود آهي جيڪا روح رهاڻ مخزن ۾ ڇپي هئي ۽ مخزن اُنهيءَ ڏينهن ۽ انهيءَ وقت تي بڪ اسٽالن تي آئي هئي جنهن ڏينهن ۽ جنهن وقت منهنجي ميٽرڪ امتحان جي رزلٽ به اخباري ضميمي جي صورت ۾ بڪ اسٽالن تي پهتي هئي. مون پهرين مخزن روح رهاڻ ڪئي، پنا اٿلائيندي پنهنجي ڪهاڻيءَ کي ڏٺو ۽ مخزن خريد ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي رزلٽ کي ڏسڻ لڳس. انهيءَ ڏينهن مونکي ميٽرڪ پاس ڪرڻ جي به خوشي ٿي ۽ پهرين ڪهاڻي ڇپجڻ جي به-- پر ڪهاڻي ڇپجڻ جي خوشي سرس هئي!

ڪتاب ’نئون شهر‘ کان پوءِ سال ٻن ۾ مون ’عورت ۽ پيار‘ کي ترجمو ڪري ڇپرايو. عورت ۽ پيار فرانس جي ڪلاسيڪ ليکڪ پيري لوئي جي هڪ ناولٽ وومن اينڊ پپيٽ جو ترجمو آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ سنڌي ادب ۾ اها هڪ جرئتمند ڪوشش هئي. اهو ڪتاب تمام گهڻو پسند پيو ۽ پڙهندڙن نهايت فياضيءَ سان خريد ڪيو. انهيءَ ڪتاب جا ڪيترائي ايڊيشن نڪري چڪا آهن. اڃا به اهو ناولٽ پڙهڻ جي شيءِ آهي. هونئن به انهيءَ ناولٽ جو نه رڳو فرينچ ڪلاسيڪ ادب ۾ پنهنجو مقام آهي پر دنيا جي ڪلاسيڪ ادب ۾ شمار ٿئي ٿو. اسان جا نوان اُسرندڙ ليکڪ ۽ ادب جا شاگرد ۽ عام پڙهندڙ انهيءَ ناولٽ کي ضرور پسند ڪندا.

غلام نبي مغل

- لاڙڪاڻو سنڌ.
7 سيپٽمبر 1993ع

# واچوڙن ۾ لاٽ

زينب هر دفعي ايندي هئي، ۽ هر دفعي منهنجن خيالن جي سلسلي کي انهيءَ تي مجبور ڪري ويندي هئي، تہ وري سندس باري ۾ وڌيڪ سوچيان.

منجهي پيو آهيان تہ ڪيس ڇا چوان. چنچل؟ چنچل تہ ڇوڪريون ٿينديون آهن، ۽ جيڪي جوانيءَ جي زور کي چنچلتا ۽ حيا ۾ نهوڙي، مُرڪنديون، اکيون ڇنڀينديون، هرڻين جيان چال پيون هٿنديون آهن؛ پر زينب تہ عمر جي چڱي هوندي. هاڻي سٺي اٺس، نہ تہ اناويهہ - اوڻٽيهہ سال تہ عمر ضرور هونديس. ٿي سگهي ٿو اڃا بہ عمر وڌي هجيس.

جنهن ڏينهن گهر جا ڀاتي، پهرئين جڳهہ ڇڏي وچي نئين جاءِ پيڙا ٿيا هئا. تنهن کي شايد چار يا پنج ڏينهن ٿيا هجن، تہ زينب مون وٽ هئي. آءٌ اڃا امتحان ڪاڻ اٽ رهيل هوس. صبح جا ڏهہ ڪن ٿيا هئا، اڃا هٿ منهن بہ ڪونہ ڌوتو هوم، رڳو سگهڙي ٻاري ڇانهن ناهي هيم. ڇانهن جي ڪٽلي لاهي، ويٺو ئي هوس تہ پيڪڙيل در ڪليو. زينب مٿي تي ڇبي رکيو اندر آئي.

"ميندي مُساڳ کپي؟" مون هن ڏانهن ڏسي مرڪي ڏنو. ۽ هوءَ بہ مرڪندي اچي ڪٽ تي ويٺي. اها سندس پراڻي عادت آهي. جڏهن گهر وارا هئا، تڏهن بہ ائين بنا هٻڪ جي ايندي هئي.

"ڪجل کپي! مون وٽ فسڪلاس ڪجل آهي. پائيندي؟ اک اصل چمڪندي." هن ڇبي مٿي تان لاهيندي چيو.

"جيئن تنهنجيون اکيون پيون چمڪن!" مون سندس اکين ۾ ڏسندي چيو.

"اڙي تنهنجي زال هن کي پائيندي تہ اُن جي اک مون کان گهڻو چمڪندي." هن ترت جواب ڏنو.

"ڇو ٿي صبح ساڻ ڪوڙ ڳالهائين." مون چيو.

"ڇو؟" هن ڪجهہ تڪائيءَ سان پڇيو.

"مون اڃا شادي ئي ڪونہ ڪئي آهي."

"ها ها، پر پٽري تہ ٿي ويئي نہ؟ مون کي ڄڻ خبر ناهي."

زينب کلندي چيو، ۽ ڇبيءَ منجهان ڪجل جون سرايون ڪڍي ڏيکارڻ لڳي.

"برف ٿورو سرس!" مون سندس انداز ۾ مرڪندي چيو.

"ها ها، گهڻو انجان نہ ٿي." اڻين چوندي ڪانئس ٿهڪ نڪري ويو. ٿهڪ اڻين ڏنائين. جڻ سندس نڙيءَ مان اڇل ڪائي ٻاهر نڪتو هو، ۽ مون مرڪي ڏنو.

هوٽل وارو چوڪر آرينج ڪٽي آيو. مون گلاس پري زينب کي ڏنو. هوءَ ڍڪ بہ پرڻ لڳي، ۽ برف جا ٽڪر بہ ڪرٽيندي ويئي. مون کي سندس اهڙي ريت برف ڪرٽڻ ڏايو وڻيو.

"تون هيڏي ڳري زال، ڪيئن ٿي هن ڪاڙهي ۾ نڪرين."

منهنجو اشارو سندس پيٽ ڏانهن هو، جو شايد ڇهين ستين مهيني جو هو. اهو ٻڌي، بہ ـ ٽي ساعتون پنهنجي نڪتل پيٽ ڏانهن اهڙي انداز سان ڏنائين، جڻ انهيءَ جي ڪيس ڪا پرواهہ ڪانہ هئي.

"اسين اُن زالن مان ڪوناهيون، جيڪي مڙسن سان هندورن ۾ لڏن ٿيون. اسان کي هن پيٽ جي پروائي ناهي. اسان کي هُن پيٽ جي دوزک جي ڳڻتي آهي!"

"پلا روز گهڻو ڪمايو وٺين؟" مون ڳالهہ سيرائي.

"ٽي رپيا، چار رپيا ـ"

"تنهنجو مڙس ڇا ڪري؟ اهو بہ ڪمائي؟"

"هو جيل ۾ اندر آهي." هن جواب ڏنو.

"ڇو؟" مون پڇيو.

"ڪراچيءَ مان چرس آندو هوس."

ڪجهہ دير ٻئي چپ رهياسين.

"اڄ ڪجل ڪونہ آندو اٿيئي؟" مون چيو. "پهريون تہ سنو ٿي ڪونہ هو."

"اي هل هل! سنو ڪونہ هوس." هن نڪ کي ڦوندي چپن جي نرم ڪندن ۽ اکين جي موهيندڙ ڪارڻ منجهہ مرڪندي چيو. "منهنجو ڪجل آهي ملڪان ملڪ مشهور!"

"پلا تون نوڪري ڪهڙو ڪرين؟" هن سامهون پٽ تي لڳل ڪئلينڊر کي ڏسندي پڇيو.

"آءٌ تہ اجا پڙهندو آهيان. نوڪري ڪونہ ڪريان."

"ٻيو ڇا ڪرين؟"

"ٻيو؟"

"ها ـ" هن مرڪندي چيو.

"ٻيو سائين." مون سندس زبان ۾ ورجايو. "ٻيو مان ڪهاڻيون لکندو آهيان." مون جڻ فخر منجهان اهو ٻڌايو.

"ڪهانيون؟ ـ باڇائن جون؟" هن جلدي پڇيو.

"نہ بادشاهن جون نہ. آءٌ ڪهاڻيون لکندو آهيان اڄ ڪلهہ جي زماني جون."
هوءَ سمجهي نہ سگهي. مون کيس سمجهائڻ ڪاڻ وري چيو: "ماڻهن کي جيڪي ڏک سور هوندا آهن نہ. آءٌ انهن جون ڪهاڻيون ناهيندو آهيان. ڪهاڻيون ناهي، وري ڪتابن ۾ ۽ اخبارن ۾ ڇپائيندو آهيان- پوءِ پيا سڀ ماڻهو اُهي پڙهندا آهن-"
"پو-؟"
"پوءِ ماڻهن کي خبر پوندي آهي تہ ڪنهنکي ڪهڙي تڪليف آهي. جيڪو ٻئي کي تڪليف ڏيندو آهي، تنهنکان سڀ نفرت ڪندا آهن: ۽ جيڪو تڪليف ۾ هوندو، تنهن لاءِ سيني جي دلين ۾ همدردي ٿيندي آهي. آءٌ ظالمن ۽ بدمعاشن جا پول پڌرا ڪندو آهيان ۽ نيڪ ماڻهن جي تعريف ڪندو آهيان. غريبن ۽ بيواهن جي ڏک سور ۾ سندن ڀائيوار ٿيندو آهيان- ۽"
"اڙي تہ پو، منهنجي بہ ڪهاڻي لک نہ!"
"ها، تو ۾ هڪ شيءِ آهي، جنهن تي ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي."
"ڪيڙي؟" هن ترت پڇيو.
"تنهنجي شوخي ۽ پنهنجائپ."
"هون، مون بيو ڪُجهہ سمجهيو." هن ساهہ کڻندي چيو.
"ڇا سمجهيو تو؟" مون پڇيو.
"الائي ڇا سمجهيو،" هن کلندي چيو، "وسري ويو!" سندس کل ۾ حيا جي جهلڪ هئي. حيا- جيڪو هڪ جوان جماڻ زال جي ڳلن جي گولائين تان ترڪڻ لڳندو آهي، جڏهن هوءَ ڪنهن مرد جي اڳيان هوندي آهي.
هوءَ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ايندي ئي رهندي هئي. ڪڏهن پاڻي ڀرڻ لاءِ، ڪڏهن ساهي پٽڻ لاءِ. الائجي ڇو، مون کي زينب سان ايتري همدردي ٿي ويئي جيتري قدر مون سندس ڳالهين مان پرکيو هو، ائين سمجهيم تہ هوءَ ڪافي تجربيڪار زال هئي: ۽ وقت جي لهہ وچڙهہ کيس انهيءَ قابل بنائي ڇڏيو هو جو هوءَ ننڍيءَ عمر ۾ بہ اڪيلي سر پنهنجو پيٽ- قوت پيدا ڪري رهي هئي.
هڪ ڏينهن ايندي شرط چيائين:
"تو منهنجي ڪهاڻي لکي؟"
"ڪيئن لکان؟" مون نهہ ۾ چيو.
"ڇو؟" هن جي پيشاني تي گهنڊ پئجي ويو.
"تنهنجي باري ۾ مونکي پوري خبر ڪانهي. رڳو اهو ڄاڻان ٿو تہ تون ميندي، مساڳ ۽ ڪجل وڪڻڻ واري زينب آهين ۽... ۽ بس، پيو؟" مون ڏانهنس ڏٺو.
"بيو آءٌ توکي بدايان ٿي. پر بس مُنجو نالو هُن ۾ نا هجي!"
"ٺيڪ آهي، تون پنهنجي سچي ڳالهہ ٻڌاءِ."

"بس، هتي ٿي آهي هڪ ننڍڙو اسڪول، هن ۾ ڇوڪرين کي ۽ زالن کي پرت جو ۽ سبڻ جو ۽ ٻيو علم ڏيندا آهن. مان هاڻ هن ۾ ڪم ڪندي آهيان. مونکي اهو ڪم اڳي ايندو هو ۽ ٻيو وري ٿورو سگهان به پئي. ڪڏهن ڪڏهن پيسن تي به سبندي آهيان- ۽ هاڻ ٿورن ڏينهن کان پو منجهي پگهار به شروع ٿيندي!"

زينب وڏيڪ به ڪجهه ڳالهايو، پر آءُ هڪ گهري سوچ ۾ ٻڏي ويس.

(۱۹۲۲ع)

●●●

بليڪ ڪيم، ته سڄي ڏينهن جو خرچ نڪري پيو. انهيءَ کان سواءِ، شڪر آهي مولا جو، جي 'آ گل چڪر' به ڪيم ته هارائي ڪونه ايندو آهيان. قسمت مڙيئي سٺائي آهي. گهر ۾ هڪ ماءُ اٿم. ٻيو ڀاءُ ۽ ڀاڄائي. بس. ڀاءُ آفيس ۾ ڪلارڪ آهي، ڪجهه ڏوڪڙ اتان اچن، ۽ انهيءَ کان سواءِ اما ۽ ڀاڄائي پرت ۾ پڙ آهن، اوڙي پاڙي جو ڪم ڪن ٿيون.

آءٌ ڏينهن جو گهٽ ڪري گهر ۾ هوندو آهيان، پر رات جو مڙيئي ڪجهه آوير ٿي ويندي اٿم. پلا آهيان ڇڙو، نه زال، نه ٻچو. سو رات جا ٻه اڍائي لڳي ويندا اٿم. يار دوست اچي گڏ ٿيندا آهيون، اتڻ تي دل ئي ڪين ٿيندي آهي. انهيءَ کان سواءِ رات جو گهر ۾ منجهي پوندو آهيان، دل ئي اباٽڪي ٿي پوندي اٿم. سو، انهيءَ رات اما جي طبيعت خراب هئڻ ڪري، ٻاهر وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيم. پر پوءِ ڊاڪٽر به چيو ته ڪا تڪليف ڪانهي ۽ اهو به ڏٺم ته امان گهريءَ ننڊ ۾ الوٽ هئي، سو ڀاڄائيءَ سان چانهه جو بهانو ڪري ٻاهر نڪري ويس.

جڏهن آءٌ ۽ يارو، مارڪيٽ جو موڙ مٽي، جيل روڊ واريءَ سنئينءَ سڌيءَ سڙڪ تي آياسين، ته ٽاور ٻارهن ٺڪاءُ هنيا. رستو بلڪل سنسان هو. ميونسپل جا لڳل ٿنيا ۽ سندن جهڪي روشني پاڻ رستي کي وڌيڪ ڀوائتو ڪري رهي هئي. ياروءَ جا ٺهڪ اصل ٻڙاڏو ٿي ٿي موٽيا، ۽ رستي تي سٽل ڪِن ڪِن ڪتن ته ماڳهين ڏمرجي ڀونڪڻ ٿي شروع ڪيو.

يارو منهنجو دوست آهي. ساڻس دوستي نئين نئين ٿي آهي، پر مڙس ڀول آهي. گول منهن ۽ سڄيل مٽن واري، ڪٽڪ رنگي ياروءَ ۾ هڪ ٻي به خوبي آهي... يعني پاڻ ڳنڊيڇوڙ به آهي. اصل اک ڇنڀ ۾ پٽون تڳايو وجهي، ۽ کيسا ڪتريو ڇڏي. بدن جو به چڱو سپر آهي، پر سندس ٻڪَهين آڱرين ۾ واهه جي ڦڙتي آهي، ائين ٿيون هلن، ڄڻ مشين. مون کي مڙيئي سادي ٻارهين ڏاري ٽاور واري هوٽل ۾ گڏجي ويو. اصل پڙ ڪيڏي ٻيهي رهيو ته اها رات ساڻس گڏ گذاريان. چي: "استاد، ڇا ياد ڪندين ته ڪڏهن اسان ٻارا يار گڏيا هئاسين! جيڪي حڪم ڪندين، سو حاضر ٿيندو." اهو ٻڌي مون مرڪي ڏنو. آءٌ سندس هر ڳالهه تي مرڪندو آهيان. اڄا ٻار اٿو ڪونه ويو اٿس.

جيل روڊ جي خاموشيءَ ۾ هلندي هلندي، آءٌ ڪڪ ٿي پيس. پڇيومانس ته وراڻيائين، "يار، استاد وٽان ٿورو حساب لاهي وڃي، ته پوءِ اچا ٿيون." آءٌ سندس ڳالهه سمجهي ويس، سو وري مرڪي ڏنم. ٿورو اڳتي هلي هو هڪ ڏاڪڻ چڙهي ويو، ۽ آءٌ رستي جي پر ۾ هڪ ٿنڀي وٽ وڃي بيٺس.

يارو ۽ سندس استاد متعلق مون کي صرف ايتري خبر آهي، ته سندن هڪ چڱو خاصو ٽولو آهي، جنهن جي هر ماڻهوءَ کي سندن اصطلاح ۾ 'ڪاريگر'

آرام سان ڪاٽي سگهو."

اسين وري ٽانگي ۾ چڙهياسين. ۽ ٽانگو وري به ساڳيءَ سست رفتار سان هلڻ لڳو. مون کي اوڏيءَ مهل ننڊ به پئي آئي، پر يارو ءَ جي چرچي ڀوڳ ڪري جاڳيس پئي. ٽانگو نشاط سينيما وارو چونڪ لنگهي، نور محل سينيما واري رستي تي هلڻ لڳو. ڪجهه پنڌ ڪان پوءِ ٽانگو هڪ سنهڙي گهٽيءَ جي مُهڙ وٽ اچي بيٺو. وري به پهرئين خميسو هيٺ لٿو ۽ اسان کي پنيان اچڻ لاءِ اشارو ڪري، پاڻ ان بدبودار گهٽي ۾ وڃڻ لڳو. گهٽيءَ ۾ گُـگهه اونده هئي. سو اسين به ٿڙندا ٿاٻڙندا وياسين پئي.

گهٽيءَ جي چيڙي وٽ هڪ ڪچي گهر جي در تي خميسي ٽي دفعا ٺڪ- ٺڪ ڪئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ آواز آيو. "ڪير؟"

"پنهنجا آهيون!" خميسي بيفڪريءَ سان چيو.

در کليو. اسين ٽيئي ڄڻا اندر وياسين. گهر ڏسڻ ۾ ڪچو هو ۽ ڪجهه ننڍو به، پر ننڍيون ننڍيون ڪوٺڙيون جام هيون. جن مان ڪن ۾ اونده هئي ته ڪن ۾ لالٽين جي جهڪي روشني. ڪنهن ڪنهن ڪمري مان ڪنهن وقت زناني کل جو آواز به پئي آيو. اندر ايندي ئي خميسي جهڪي پوڙهي کي ڪجهه چيو. ۽ پوڙهي به سمجهي هائوڪار ڪئي.

"اچو." پوڙهي اسان ڏانهن ڏسندي چيو ۽ اڳڻ لتاڙي گهر جي پوئين حصي ڏانهن وڃڻ لڳو. اسين به سندس پنيان هلياسين. آخر اچي هن ننڍن ڪمرن وٽ پهتاسين. هن هڪ ڪمري کي ڪوليو ۽ اندر وڃي اتي ڪو پيل لالٽين ٻاريائين. اسان کي اتي وهڻ لاءِ چئي پاڻ ٻاهر ويو هليو.

مون روشنيءَ ۾ سندس شڪل پهريون دفعو ڏٺي. ڏاڍي پوائتي پئي لڳي. اسين هئي ڪمري کي ڏسڻ لڳاسين. ڪمرو تمام سوڙهو هو. جنهن ۾ هڪ کٽ مس ٿي پيئي. کٽ جي سيرانديءَ هڪ ڦِڏي سِڏي ٽپائي رکي هئي. جنهن تي بيڙين ۽ سگريٽن جا اٽڙ پيا هئا. ايتري ۾ پوڙهو آيو ۽ اسان کي ٻاهر اچڻ لاءِ چيائين.

اسين پر واري ڪمري ۾ وياسين. جتي به ساڳيو سامان پيل هو. پر کٽ تي به ڇوڪريون ويٺيون هيون. جن کي شايد تمام گهريءَ ننڊ مان اٿاريو ويو هو ۽ جن جي ننڊاکڙين اکين ۾ جا نماٽائي پئي نظر آئي. تنهن مان صاف ظاهر هو ته هو مجبور هيون. يارو وري به کين چتائي ڏسڻ لڳو. ڇوڪريون هيون ڪٽڪ رنگيون. پر نمڪ هون. ياروءَ پوڙهي ڏانهن ڏٺو ۽ پوڙهي سمجهندي چيو. "صبح تائين ٻن ڪمرن ۾. سٺ رپيا." ياروءَ ڪجهه وقت سوچيو ۽ پوءِ سؤ جو نوٽ پوڙهي کي ڏيندي چيائين. "چڱو، اچي هي سؤ رپيا- سٺ تون رک. ڏه ٽانگي واري کي ڏي، باقي صبح جو ڏجانءِ." پوڙهي نوٽ ورتو. ڪجهه دير نوٽ کي ڏٺائين. ۽ پوءِ

قميص جي پاسي واري کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين، ۽ واپس وڃڻ لڳو. ياروءَ مون ڏانهن ڏٺو ۽ مون مرڪي ڏنو.

صبح جا ڇهه ڪن لڳا هجن، اڃا ۽ يارو سخي پير روڊ تان لنگهي رهيا هئاسين. راتوڪو اوجاڳو اکين ۾ هو. سو ٻيل جيان ٿلندا، سيٽيون وڄائيندا، فلمي گيت ڳائيندا، هوريان هوريان هلي رهيا هئاسين.

"ڪيئن، هئي ڪا رات ڀاري؟" يارو مرڪندي پڇيو.

"ٺيڪ آهي، شل اهڙيون جڳهيون وسن! مون کي ته رات خبر پيئي ته تون به گهٽ نه آهين!"

"مڙيئي پيا دل خوش ڪريون." ياروءَ ٺهڪ ڏيندي چيو. "ڪڏهن ڪڏهن جي ڪو سٺو مرغو هٿ چڙهي ويندو آهي، ته پاڻ به ڪجهه عيش ونندا آهيون. ٻي ڳالهه ٻڌي اٿئي؟"

"ڪهڙي؟"

"هي ڏس، منهنجي هٿ ۾!" مون سندس هٿ ڏانهن ڏٺو، جنهن ۾ سؤ جو نوٽ هو.

"اڙي، بيو وري ڪٿان آيو؟"

"اڙي، بيو وري ڪٿي، ساڳيو آهي! پوڙهي نه وڃڻ وقت هٿ ملايو، ته پاسي واري کيسي ۾ ڏسي ورتومانس... صبح صبح ڀٽي تي ويئي!" هن نوٽ کي چمي ڏني.

"پر يارو، تو اهو سئو ڪونه کيو."

"سئو؟ وڏا حرامي آهن! بچيل پاروٿو مال ڏناڻون اسان کي، سونه؟"

"ڇگو ڇڏ انهيءَ بڪ کي، اڃا ته هاٽي گهر ويندس."

"ڀهرين نيرن، پوءِ ڪا ٻي ڳالهه."

ياروءَ کان جدا ٿي گهر ڏانهن وڃڻ لڳس، سڄي رات جو اوجاڳو هو، سو سوچيم ته لت ڪوڙي وڃي سمهي رهندس. سڄو رستو ياروءَ بابت سوچيندو ويس، جنهن هڪ ئي ڦيري هڪ سؤ جو سائو نوٽ ۽ پنج ڏهين ڏهين جا 'ڪمايا'. مون کي ياروءَ جي فن تي رشڪ اچڻ لڳو. اچا گهر واريءَ گهٽيءَ ۾ ئي پير مس رکيم، ته پريان ادا کي ڏٺم.

"ادا، امان ڪيئن آهي؟" جيئن ئي ادا سامهون آيو، مون پڇيومانس. پر ادا کو ڏمريو وينو هو، اصل چڙهي ويو. "ميان شاباس آهي توهان کي! نه گهر جي اون، نه پٽ جو ڪو خيال! هوڏانهن ماءُ پئي آهي سڪرات ۾ ۽ توهين پيا دوستن سان ٽيلارا ڏيو! هاٽي ڇو آيو آهين؟"

"ڇو، امان جي حالت ٺيڪ ڪانهي ڇا؟" مون به سندس ڪاوڙ کي نظرانداز

ڪندي پڇيو.

”حالت وري چا... هوءِ وڃي سگهي ٿي، ۽ تون اچا پڇين ٿو!“ مون کي اوڏيءَ مهل الائي ڇا محسوس ٿيو. جڻ ڪو ڳرو بار هٽ مان ڪري پيم. پير اصل ڇپائڻ جي ويا، ڇُري ٿي ڪونه ٿي سگهيس. آخر سرت ساري گهر ڏانهن ڀڳس.

اڱڻ ۾ انهيءَ ڪٽ تيءَ امان جو لاش رکيو هو، جنهن تي پاڻ رات ستي پئي هئي. پر هينئر ته ڪيس سدائين لاءِ آرام ملي چڪو هو. اڳ ڪي گهڙيون ته ڪٽ جي پرسان انهي وسمي ۾ بيٺو رهيس ته ڇا ڪريان. آخر وڏي ڏڪندڙ هٿن سان منهن تان پلئه چادر جو ڪڍي، جيجل جو چهرو ڏٺم. مون سندس چهري کي ڏاڍي غور سان ڏٺو. سندس پوريل اکين کي، نَڪ کي، پوڙهن ضعيف ڳلن کي، سُڪل چپن کي، انهيءَ هستيءَ کي ڏٺم، جنهن مون کي وجود ۾ آندو. اوڏي مهل ائين محسوس ڪيم، جڻ جيجل ڏاڍي آڪير مان چئي رهي آهي، ”پُٽَ خدا ڪري سو حياتيون ماڻين! شل تنهنجا ڏينهن عيد مثل هجن ۽ راتيون... راتيون، جهڙي تو رات گذاري، الائي ڇو امان جي گنڀير چهري جي دهشت جهلي نه سگهيس ۽ چادر کي وري ڍڪي ڇڏيم.

گهر ۾ ڪجهه پاڙي واريون به ويٺيون هيون، پر تمام خاموشي لڳي پيئي هئي. ايتري ۾ پاڇائي به روئيندي اچي پرسان بيٺي.

”امان کي ڇا ٿيو؟ آخر ڪجهه مون کي به ته ٻڌايو!“ منهنجو آواز ڏڪي رهيو هو ۽ اکين ۾ پاڻي پرجي آيم. پر جواب ۾ رڳو پاڇائيءَ جا سڏڪا ٻڌڻ ۾ آيم. ”توهين مون کي ٻڌايو ڇو نه ٿا؟... هيءَ ته ڇڱي ڀلي هئي!“

”بس، ادا، رب جي رضا هئي، ائين ٿيڻو هو.“ هن جو آواز پڻ ڏڪي رهيو هو. تون وئين، ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ وري دؤرو پيو، جنهن اصل قهر ڪري ڇڏيو... پاڻهين ڊاڪٽر کي وٺي آيو، تنهن ڏسي چيو، ’سور تمام خراب آهي، جي ڪلاڪ اندر ٿي سيون لاڳيتيون نه لڳنديون ته بچڻ محال آهي.‘ ڊاڪٽر ويو هليو. پاڻهين منهنجا سڀ زيور ڪڍي ويو پر واري پٺاڻ وٽ، جنهن مَس مَس ڪُرڪي پيسا ڏنا. سيون هيون سؤ پنترهين جون...“ ايترو چئي پاڇائي وڏيڪ سڏڪا پرڻ لڳي. ”ادا چوندا ڪين آهن ته غريبن رکيا روزا ته ڏينهن به ٿيا وڏا... سو، پاڻهين پيسا ڪنيو بازار پئي ويو... قضا اچي رسي هئي... پوي جو ڪو شاهينگ ته ماڳهين ٻڙون ٿي تڳائي ويو! ريزي ڪان سواءِ، قرض ورتل هڪ سؤ جو نوٽ ۽ پنج ڏهين ڏهين جا به ڪٽي ويو!“

هوءِ وري سڏڪا پرڻ لڳي، پر مون کي محسوس ائين ٿيو، جڻ اڳيان جيجل جو لاش ڪونه رکيو آهي، پر ممتا جو شاهڪار رکيو آهي ۽ مون کي چئي پيو، ”پٽ، شل سدائين سکيو هجين! ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳيئي!“ (١٩٦٠ع)

●●●

# نئون شهر

ڪنهن سينيما جو پويون شو خلاص ٿيو هو. خاموش رستن تي وري گاڏين ۽ موٽرن جو گوڙ بند ٿي آيو هئي. اسين هوٽل جي ڪنڊ ۾، ڪرسين تي ويٺا هئاسين. ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي يڪا سارا ٻه ڪلاڪ وهڻ ڪري، منهنجون ٽنگون ۽ چيلهه، جڻ ٻنڌپهڻ تي وئي. هوٽل ڏهين ڪان پوءِ ئي خالي ٿي ويئي هئي، پر هينئر شو ختم ٿيڻ ڪري وري ڪجهه گراهڪ اچي ويا، ۽ هوٽل جي خاموش ماحول ۾ وري زندگيءَ جا آثار پيدا ٿيڻ لڳا. چانهه ڏاهڻ وارو گهڙيءَ گهڙيءَ ڪير جي وڏي شاهيءَ تاپيلي کي ڪاشڪ سان وڄائي، پنهنجي موجود هجڻ ۽ ڦڙتيءَ جو احساس ڏيارڻ لڳو. بارولو ڇوڪر اڪيون مهٽيندو آيل گراهڪن ڏانهن وڃڻ لڳو. مون محرم کي ڏٺو، جو پرسان پيل ڪرسيءَ تي ٽنگون ٽيڙي، پٺ سان مٿو ٽيڪي، ٻوٽهاٽيل ڇت کي چتائي ڏسي رهيو هو. مونکي سندس ماٺ تي بڇان پئي لڳي.

پرسان ڪنهن ٽاور هڪ ڏڪ هنيو ۽ نوڪرن هوٽل بند ڪرڻ شروع ڪئي. ڪرسيون کڻي سڀ ميزن تي رکڻ لڳا. هڪڙي ڇٽي اسان ڏانهن ڏٺو- مون محرم ڏانهن ڏٺو ۽ محرم ڪرسيءَ تان پير لاهيندي چيو، "استاد ٻه منٽ صبر ڪر. هڪ سگريٽ ٺاهي وٺان-" نوڪر وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. مونکي محرم جي اها سگريٽ ٺاهڻ جي عادت بنهي ڪين وڻي. محرم سڌو ٿي ويٺو ۽ هڪ وڏي اوٻاسي ڏيئي، واسڪوٽ جي اندرئين کيسي مان ننڍڙي دٻلي ڪڍيائين. دٻلي کولي، هن ان مان هڪ ٻڳڙي کان وڏي چرس جي گولي ڪڍي، اڳيان ميز تي رکيائين. گوليءَ کي ٻن آڱرين ۾ جهلي سونگهڻ لڳو.

"پيٽان! ٻين شين ۾ ته ملاوٽ ڪري ڪارو منهن ٿا ڪن، پر- وانجي هن کي ٻه ڪونه ڇڏيو اٿن-!"

"چڱو هاڻ جلدي ڪر." مون ڪَڪ ٿيندي چيومانس. هن چرس جي گوليءَ کي ماچيس جي تيليءَ تي چنبڙائي، هڪ هٿ ۾ جهلي ۽ ٻئي هٿ سان هڪ ٻي تيلي دکائي، ان سان چرس کي ساڙڻ لڳو. ويرم ڪن کان پوءِ هوٽل جي ٻوٽهاٽيل ماحول ۾ چرس جي بانس ڦهلجي ويئي. چرس ساڙي هن ميز تي رکيو ۽ ڦينچيءَ جي هڪ سگريٽ منجهان سمورو تماڪ ڪڍي، ان جي وچ ۾ سڙيل چرس رکي، وري تماڪ

پري، سگريٽ دڪانئي پيڻ لڳو. سندس چوڻ مطابق، جنهن دنيا ۾ اچي ان چيز کي هٿ نہ لاتو، سو ڄڻ پيدا ئي نہ ٿيو.

هوٽل مان نڪري اسين سري گهاٽ وارو ور مٽڻ لڳاسين. محرم ڏاڍيءَ تيش منجهان سگريٽ ڇڪيندو، ڪجهہ اُنتو سونٽو جهونگاريندو، جهولندو پئي هليو. محرم سان پنهنجي دوستي نئين هئي. نئين ڇا اصل بن ڏينهن جي هئي، يا ڪٿي ائين چوان، جيئن هيءُ شهر مون لاءِ نئون هو (خير هاڻ تہ نئون ڪونهي) تيئن محرم بہ- پر محرم يار ناهوڪو هو.

پنهنجي ڄمار ۾ پهريون پيرو حيدرآباد ۾ قدم رکيم ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دوست بہ اتي مليم، ڳوٺان آيس ڪمائڻ. سوچيو هوم حيدرآباد جهڙو آهي شهر وڏو، ڏنتو بہ اوترو ئي هوندو.

ڏنتو بيو ڪو ڪونہ ڄاڻان، سواءِ ماڻهن جي ڪيسن ڪترڻ يا ڪنهن دوست دڙي سان گڏ گهگهہ اوندهہ گهٽين ۾ واٽهڙن کي چاقو ڏيکاري پيسا ڦرڻ- هونئن بدن جو بہ چڱو آهيان، ٻانهون ٽنگون سڀ سلامت اٿم، پر ننڍپڻ کان جو چٽو لڳم- سو بيو ڪو ڏنتو اهڙو سولو لڳيم ئي ڪين. ها سو ڳالهہ پئي ڪيم- حيدرآباد تہ آيس پر سوچيم، شهر نئون، ماڻهن جي پوري طرح ڄاڻ ڪانهي، تنهنڪري مناسب آهي پهرئين ڪنهن اهڙي جهڙي تي قسمت آزمايان ۽ پوءِ- يعني ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ. اسٽيشن تان لهي، گهمندو ڦرندو جڏهن وچ شهر ۾ پهتس، تہ پريان هڪ جوان تي اک پيم، مون جهڙوئي هو. پر هو ڪو نشائي، جو اکيون ڳاڙهيون هيس. هلڻ ۾ بہ ڍرو. سو استاد جو نالو ساري، هنيم جو داءُ، اصل پئون ٻارهن- پر هوڏانهن بہ محترم هو. منهنجو بہ استاد. تنهن ترت سهي ڪيو، ۽ منهنجو هٿ جهلي، اڳيان جهڪندي آهستي سان چيائين، "استاد! اهڙن سان هٿ اٽڪائي، جتي ڦبين بہ- شايد شهر ۾ نئون آهين." اهو ٻڌي منهنجي منهن تي ڦِڪي مرڪ ڇانئجڻ لڳي. "سچو آهين- شهر ۾ برابر نئون آهيان، پر ڏنڌي جو نہ- پير زور اٿئي." اهو رڳو انهيءَ ڪري چيم، جو ڏنم جي هن ڪو ڦڏي جهڙو ڪم ڪري وڌو، تہ ٻازن ۾ ايترو ست اٿم جو هن کان پنهنجي جند ڇڏائي سگهان. پر منهنجي انهن اکرن مٿس ابتو اثر ڪيو ۽ هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي، ۽ هٿ ملائيندي چيائين، "استاد!- پوءِ لڳي؟"

پوءِ اسين جلد ئي هڪٻئي سان گهرا ٿي وياسين. محرم مونکي پنهنجي گهر وٺي ويو. گهر تہ ڇا هڪ پڱل ڪوٺڙي هئي. جنهنجي دروازي تي هڪ وڏو شاهي پنج سيرو تالو چڙهيل هو. حال في الحال تہ ڪنهن جوان جي نظر پويس تہ ٽڪي وڃي. پر هو اهڙو جو هڪ ئي سٽ سان، بنان چاٻيءَ جي کلي پيو. منهنجون اکيون ڦاٽندي ڏسي محرم چيو، "هن تالي کي چاٻي ٿئي ڪانہ، ائين ئي پيو ڪم

ٽپي.“ مون مُرڪي ڏنو. اندر ڪوٺيءَ ۾ گهڙياسين. اصل مسيت لڳي پئي هئي، صفا، صفن صفا.

”هتي حجاب نہ ڪجئين، جيڪو وڻئين سو ڪج. اصل پنهنجو گهر سمجهہ.“ محرم ائين چيو ڄڻ هن مونکي پرئي پڪي محلات جي چابي ڏيئي ڇڏي.

”ميان ڪلين وري ڇا تي تو- مڙيئي پيو ڳالهو گهيلجي.“

اهو ڏينهن پورو مون سندس ڪوٺيءَ ۾ آرام ڪيو. سمنٽ جي فرش تي ڳوڻ وڇيل هئي، سو آرام جي ماڳ. ماڳهين پلن ۾ سور پئجي ويو.

هوٽل مان ٻاهر نڪتاسين. پر هاڻي وڃون بہ ڪيڏانهن؟ گهر وڃڻ تي ٻنهيءَ جي دل ڪونہ هئي. مونکي سُجهيو پئي تہ مچر اونهنئين اسانجي اوسيڙي ۾ هوندا، ڇو جو پرسان ڪني ٻاٺيءَ جي ڪسي وهي ٿي. سو تنهن ڪان بهتر هو، سڄي رات رستن تي چڪرن ۾ گذارجي. محرم سگريٽ ڏاڍي احتياط منجهان پي رهيو هو. هڪ تہ سگريٽ بہ وٽس آخري هئي، ٻيو کيسي ۾ ٽوڪڙ بہ خيرڪو هو. ٻنهي جا کيسا ڪنهن مسڪين مسلمان جي دل وانگر بلڪل صاف هئا. مون سوچيو هينئر ڪو شڪار بہ هٿ اچڻ مشڪل آهي، ڇو جو ايتري دير رستن تي رلياسين پئي، پر ڪو بني بشر نظر ڪونہ آيو. ڄڻ ڪنهن پنڊپهڻ ٿيل شهر ۾ وچي نڪتا هئاسين. مونکي بک بہ پئي لڳي، سو چيم، ”يار- هاڻ تہ هلڻ بہ نٿو پڄي- وري ڪو گراهڪ ملڻ بہ مشڪل آهي.“

”مشڪل سان؟“ هن تارن کي گهوريندي چيو، ”مشڪل سان بہ نہ!“ هو ڪنڌ هيٺ ڪري سيٽي وڄائڻ لڳو. ”خير ڇانهہ ٻاٺيءَ جا پيسا تہ نڪري پوندا.“

”سو ڪيئن؟“ مون ٽرت، پر آهستي سان پڇيومانس.

”يار، تو اسانکي سمجهيو ڇاهي؟“ هن ائڪٽنگ ڪندي چيو، ”ٻتو ڪونہ اٽئي، لڳي دم تہ مٽي غم، ڪمائي اور تو کائي هم- تلڪ چاڙهيءَ ڏانهن تہ هلي ڏس، مولا ڪيئن ٿو جهولي پري. اصل پيسائي پيسا هوندا-“

”استاد پوءِ اڄايو دل پيو لاهيان- هل پلا.“

سري گهاٽ وارو سنئون سڌو رستو مٽي، اسين تلڪ چاڙهيءَ ڏانهن مڙياسين. ميونسپالٽيءَ جي ٿنين جي اڇي ڪير جهڙي روشني چوطرف پکڙجي پئي هئي. ڪتي ڪتي ڪو ڪتو ليٽيو پيو هو. سڀ آرام منجهہ هئا. اسين هلندا رهياسين. جڏهن چاڙهيءَ جي وچ تي پهتاسين تہ محرم بيهي رهيو. مونکي بہ هٿ سان بيهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ هيڏانهن هوڏانهن تکڻ لڳو. ايتري ۾ هن ابداڻي مان چاقو ڪڍيو، پوءِ ٺڪ ٺڪ ڪري کوليو، چاڙهيءَ جي اسڪول واري فٽ پاٿ تي ستل هڪ فقير جي ڳتڙ مان جهلي لوڏو ڏنائين.

وٽو. مون کي هن سان همدردي ٿيڻ لڳي.
گهڻي وقت جو هوءَ ائين ئي ليٽي رهي. آخر هن اکيون کوليون ۽ مون کي پنهنجي پر ۾ ويٺل ڏسي پڇيائين، "تون ڪير آهين؟"
"مان ڪجهه دير پهرئين رڳو هڪ چور هوس، پر هينئر تنهنجو قيدي آهيان." هن اڻ لکي مرڪ مرڪي، ۽ مون سندس وارن ۾ آڱريون ڦيريندي پرسان رکيل ٽيبل ليمپ وسائي ڇڏيو.
ڪيتري دير تائين اسين ڳالهيون ڪندا رهياسين. مون کي سندس اڪيلن ڏينهن ۽ راتين تي ڏاڍو ترس پئي آيو. هڪ ته مڙس پوڙهو- پيو سدائين ٻاهر.
رات جا چار ڪن لڳا هئا، مون هاڻ اُتان وڃڻ چاهيو. هن مون کي چيو، "صبح جو ايندين؟"
"ڇا نوڪر به ڪونهي گهر ۾؟-"
"نه-"
"تنهنجو مڙس ڪڏهن موٽندو؟"
"اڃا هفتو ڪن آهي."
"ته پوءِ ايندس."
پلنگ تان لهي مون ڪپڙا ٺيڪ ڪيا، ۽ موڪلائي هيٺ لهي ويس. محرم هيٺ ڪونه هو. شايد انهيءَ ڊپ جي ڪري پڇي ويو هجي ته مون کي ته جهلي ورتو اٿن. متان ڪيس به نه اچي کو پڪڙي. مون کي ڪل به آئي. پر هاڻ مون کي جلدي وٽس پهچڻو هو. هڪ ته اونده، پيو وري رستو پوريءَ طرح ڪونه ڏٺل. سو ڪيتري دير کان پوءِ مس مس وڃي محرم جي ڪوٺڙي هٿ لڳم. در تي ڪن رکيم ته محسوس ڪيم اڃا محرم جاڳي پيو. مون آهستي سان ٺڪ ٺڪ ڪئي. اندران ڪو به جواب نه آيو. وري ٺڪ ٺڪ ڪيم. آخر گهڻي وقت کان پوءِ محرم ڊڄندي چيو، "ڪير؟"
"اِءٌ آهيان."
"پيو ڪير ته ڪونهي؟" محرم کي شايد ڊپ لڳي رهيو هو.
"نه نه- استاد فڪر جي ڪا به ڳالهه ڪانهي." هن دروازو کوليو.
"يار خير ته هو- هتي منهنجو اڌ ڪان وڌيڪ رت سُڪي ويو آهي." محرم واقعي ڊنل هو.
"استاد ڊپ وري ڇا جو- زالن جي هٿان پڪڙجي پئون ته حيف اٿئون- ڊڄ نه، ڪو به الڪو نه ڪر."
"ڊپ ته هاڻي کهڙو آهي، پر پوءِ به-"
"چڱو پيون خبرون چارون صبح جو، هاڻي ننڊ ٿي اچي."
"واهه لاڏلا، هتي منهنجو رت ئي سڪي ويو آهي، ۽ تون بنا حال احوال جي

"سچي رات هنجي مرضيءَ تي هلي آهيان. اچا پنن مان سور ڪونہ لٿو آهي. انهن پيسن تي منهنجو بہ حق آهي!"

پوءِ مونکي رڳو سندس ڪلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ۽ مان هيٺ ڏاڪڻ لهي ويس، جتي پريان هن جهڙيون ئي عورتون سينگار ڪيو، جسمن وڪڻڻ لاءِ ويٺيون هيون. (١٩٦١ع)

●●●

جهونگاري رهيو هو. رضيه سندس سرسري طور تي جائزو ورتو ۽ گل ڇنڻ لڳي.
وري جو ڪيس لڏڻئين تہ اهو نوجوان بہ ڪيس ڏسڻ لڳو ۽ جيئن ئي رضيہ ساڻس نظرون ملايون، هن نظرون هٽائي ڇڏيون ۽ اتان هٽي بہ ويو. رضيہ مالهيءَ کان پڇيو- خبر پيس تہ کو ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب پوري عيال سميت اچي لٿو آهي.

هوءَ سوچڻ لڳي تہ متان ظفر وانگر اهو نوجوان تہ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪونهي. سندس خيال هو تہ مڙد جيتري سٺي نوڪري ۾ هوندو آهي، اوترو ئي غير جذباتي ٿي پوندو آهي. هن جي پرسان رهندڙ تمام انجنيئر، ڪمشنر، منسٽر، ڊاڪٽر ۽ ٻين مصروف ماڻهن جي زندگيءَ متعلق خبر هئي ۽ محسوس ڪيو هئائين تہ اهي سڀ اڪثر غير جذباتي ۽ پنهنجن ڪمن ۾ رڌل انسان آهن، جن ۾ لطيف جذبات منڊ ڪان ئي ڪونہ ٿين. جن جي زندگي ڪن اصولن مطابق هڪ ئي محور تي ڦرندي رهندي آهي، جنهن ۾ ڪا ڦير گهير واقع نٿي ٿئي. گرمي سردي، برسات بهار سڀ، هن جي نظر ۾ رڳو ڪم جي نوعيت بدلي ڇڏيندا آهن- ليڪن جذبات جي دنيا هميشہ سرد هوندي آهي.

پورو ڏينهن هوءَ سوچيندي رهي- الجهندي رهي. هن ارادو ڪيو تہ سياڻي جيڪڏهن نظر آيو تہ ضرور پڇندس، ڪير آهي. پر شام جو باغ ۾ وينئي تہ اهو ساڳيو نوجوان اتي پسار ڪري رهو هو. "معاف ڪجو مان بنان اجازت آيو آهيان- "

"هتي ڪنهن ٻئي جو تفريح لاءِ اچڻ منع آهي- پر اوهين پاڙيسري آهيو- "

"تمام گهڻي مهرباني- اسانوڻ باغ ڪونهي- جي هيءُ باغ نہ هجي ها تہ جيڪر مان ڏاڍو اداس رهان ها."

"توهين ڇا ڪريو هتي؟ ڊپٽي ڪليڪٽر آهيو؟"

"نہ ڊپٽي ڪليڪٽر تہ والد صاحب آهي- مان تہ ڪجهہ بہ نہ آهيان."

"نوڪريءَ جي تلاش هوندي؟"

"اهڙي جلدي ناهي."

"ڇو شادي ڪونہ ڪئي اٿوَ ڇا-؟"

"شادي تہ ٿي ويئي- بہ سال اڳ ماسات سان."

ڪجهہ دير هو ماٺ رهيو. رضيہ بہ ڪجهہ نہ پڇيو-

ايتري ۾ وري بوندون پوڻ لڳيون ۽ ٻئي ڇڻا ويا هليا.

ٻيءَ صبح جو بہ هو اتي موجود هو.

رضيہ ساڻس ڳالهائي خوشي محسوس ڪئي. لهواريون اُوياريون ڪندي رضيہ پڇيس- "توهانجي زال شايد نيٺ مشرقي آهي-"

"ڇو؟"

سان ملايائين، ظفر تمام سٺي نموني سان مليس- پر اختر ظفر جهڙي، ڪاروباري شخصيت جي مالڪ واري، انسان سان گهڻي دير ڳالهائي نہ سگهيو ۽ جلدي واپس ويو هليو.

رضيہ ۽ اختر جي خيالن ۾ گهڻيءَ حد تائين هڪ جهڙائي هئي- روز صبح ۽ شام، باغ ۾، رضيہ اختر ۽ نسيم، هڪ ٻئي سان پنهنجا پنهنجا خيال ظاهر ڪندا هئا. رضيہ کي اختر جي زال نسيم بہ ڏاڍي وڻي. نسيم رنگ جي سانوري هئي، پر لڳي دلڪش ٿي، تمام خاموش طبع ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي مرڪي ڏيندي هئي. رضيہ کي اهڙن پاڙيسرين جي اچڻ جي خوشي ٿي- ۽ ڪيس ائين معلوم ٿيڻ لڳو، ڄڻ سڄي گهر جي هاڃ ڪان پوءِ، شام جو اختر ۽ نسيم سان ڳالهائيندي، سندس سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهيو وڃي- هوءَ مسرور رهڻ لڳي. سندس جذبات گهٽ ٿيڻ کان وڌڻ لڳا. جذباتي ڳالهيون، هم مذاق، هم خيال دوستن جي صحبت، سندس اداسين کي شگفتگيءَ ۾ بدلي ڇڏيو. ظفر بدستور پنهنجي ڪلب، دفتر پارٽين ۽ ميٽنگن ۾ مصروف رهندو هو. نہ ڪيس رضيہ جي اداسيءَ سان مطلب هو ۽ نہ سندس شگفتگي سان غرض. ڪيس انهي کي ڏسڻ جي فرصت ئي ڪٿي هئي- پر آخر هڪ ڏينهن ظفر پڇيو، "هي اهڙا شوخ رنگين ڪپڙا ڪيئن پائڻ لڳي آهين- "

"انهيءَ ڪري جو سانوڻ آيو آهي."

"مطلب؟" ظفر سمجهي نہ سگهيو.

"مطلب هيءُ تہ سانوڻ ۾ هر شيءِ تي رنگينيءَ جو پوش چڙهندو آهي- جذبات رنگين ڪپڙا پسند ڪن ٿا." ايترو چئي هوءَ پيلي رئي جو پلاند وات ۾ وجهي چوسڻ لڳي- ظفر کي پورو جواب ڪونہ مليو، سو بنا ارادي چوڻ لڳو، "چو نہ- هميشہ کان مشرقي زالون سانوڻ ۾ ڳاڙها پيلا ڪپڙا پائڻ پسند ڪنديون آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪجهہ فيشن پرست ٻارهن ئي مهنا ساده رنگ پسند ڪن، يا ڪي مغرب پرست مڙد ملڪي رنگن کي اهميت نہ ڏين-" ظفر اخبار پڙهڻ لڳو. ڪيس اهي ڳالهيون اجايون ۽ بيڪار نظر اينديون هيون. رضيہ اٿي ٻئي ڪمري ۾ ويئي هلي.

۽ انهيءَ شام جو-

رضيہ مينڌي پئي چني- سانوڻ جا مست مست ڪڪر، رڪندي، جهڪندي، ڄڻ طويل سالن جي عرصي کان پوءِ رضيہ کي مينڌي چنندي ڏسي رهيا هئا- خبر ناهي ڪنهن جي لاءِ مينڌي چني رهي هئي- ۽ مينڌيءَ جون شاخون ڄڻ اظهار تشڪر لاءِ جهڪنديون پئي ويون. رضيہ ماحول کان بي نياز، مينڌي چنڻ ۾ مصروف هئي- 'ڇا ٿي پيو، ظفر کي پسند نہ آهي تہ' - سندس پنهنجي خوشي تہ هئي- سندس جذبات ظفر جا محتاج نہ آهن- هاڻ هوءَ خود پنهنجي لاءِ مينڌي

ڏٺو- هو ٻئي ڄڻا بجليءَ جي ٿنڀي هيٺان بيٺا هئا- نوجوان هٿ چمي، کيس ڏسڻ لڳو- کهڙا نه سرخ هٿ هئا. مينديءَ رتا هٿ- هڪ مرد جي هٿ ۾، جو کين پيار منجهان چمي رهيو هو- هوءَ ڏسندي رهي. ڪيڏو نه جذباتي پيار هو-! هوءَ اتي بيهي نه سگهي- موٽي آئي ۽ سوچڻ لڳي.

'مينديءَ لڳل ڳاڙهيون ترييون ڪڏهن جذبات کي آتشين بنائي سگهن ٿيون؟'

کيس ڳاڙهي رنگ هيٺان ساڳيون اڇيون ترييون نظر اچڻ لڳيون. جن ۾ رت جي ڪا جهلڪ به نه هئي. جذبات ۾ رنگ مرد جي پيار سان پرجي سگهجي ٿو- نه مينديءَ سان. پر مرد جذبات جو پيار ئي نه نٿو ڏيئي- ڏاڍو ڪنجوس آهي!

۽ جڏهن ظفر جاڳيو ته رضيه کيس غمگين نظر آئي- ڳاڙها هٿ ڏسي چوڻ لڳو- "اهڙا ڳاڙها هٿ ڪري به تون خاموش آهين- اڄ ته توکي خوش ٿيڻ کپي- اڄ ته جذبات رنگين هوندا -!" هو طنزيه کليو.

"مان پليل هيس- سفيد جذبات ۾ سرخ هٿن جي لالي رنگ پري نٿي سگهي- عورت کي پنهنجي قسمت تي شاڪر رهڻ کپي! مان ڪنهن ڪنهن وقت جذبات جي لهرن ۾ لڙهي ويندي آهيان، مونکي معاف ڪريو." ۽ رضيه جي اکين ۾ گرم گرم ڳوڙها تري آيا. جن ۾ هڪ نوجوان ۽ هڪ دوشيزه جي تصوير اڀري هئي- هڪ مرد، هڪ عورت جا هٿ جهليو، صبح جي انڌيري ۾ - سندس مينديءَ لڳل ترين کي چمي رهيو هو. (١٩٦٠ع)

●●●

# دل جي ڳالهه

بيبا چوڪري هئي. سدائين پئي ڪيچل ڪندي. ٻيو ڪم تہ اُڇهندو ئي ڪونہ هيس. امان چوندي هئي: "ڇوڪري ڪونهي ڇڻ ڦِتاڪو آهي!" اُهُ ڪيس ڇا چوان ڪنهن ڪنهن مهل اڪيلائيءَ ۾ ملندي هئي تہ چوڻيءَ مان جهلي چوندو هوسانس، "ڇوري! اِهو ڇتپڻ ڪونہ ڇڏيندينءَ."

ڇا چوندي هئي: "ڇتو هوندين تون- ڇڏ منهنجي وارن کي نہ تہ..."

اُهُ مرڪي، سندس وارن مان هٿ ڪڍندو هوس ۽ هوءَ ٻوٽ کي اهڙو ٻچڙو ڪندي هئي، ڄڻ مون سندس وار پٽي ڇڏيا هئا.

ننڍي هئي تہ سڄو ڏينهن گهٽيءَ ۾ ٻڪون پائيندي هئي. ڪنهن کي ڌڪ، ڪنهن کي ٻچو هڻندي هئي. زبان جي اهڙي تکي هئي، جو مون جهڙو ڪونہ ٻڇي سگهندس. امان چوي: "نڙيءَ ۾ ست سيڻيون اٿس!" سڄو ڏينهن اسان جي گهر وٺي هوندي هئي.

مون ميٽرڪ پاس ڪئي تہ هيءَ بہ سانوڻ جي ڪڪريءَ جيان ڪر موڙي، جوانيءَ جي حدن ۾ آئي. اڃا بہ اُهائي مستي هيس ۽ ساڳي بہ پرواهي. گهرِ ماٽس پٽس نہ آهن تہ سموري پاڙي جا ٻار هوندا. پاڻ هوندي ۽ ڏمچر مچندو. ڪڏهن ڪڏهن ٻنپهرن جي ننڊ بہ حرام ڪري ڇڏيندي هئي. جي منع ڪبي هيس تہ هينان ئي جواب ڏيندي: "پنهنجي گهر ۾ گوڙ ڪريون ٿا- تنهن ۾ ٻين جو ڇا وڃي؟"

مٿي ماڙيءَ تي اسين رهندا هئاسين ۽ هيٺين جڳهہ اسان ڪين مسواڙ تي ڏني هئي، جنهن ۾ پنجن ڇهن سالن کان رهندا اچن.

جيئن ڪلي ٽڙي گل ٿيندي آهي ۽ سرهاڻ نري نري ۾ سمائجي ويندي آهي، تيئن خالده بہ جوان ٿي. سندس شوخي، ڪيچل ۽ اُبتا سبتا جواب پڻ سندس جوان ٿيڻ جي خوشبوءِ سان گڏ چوطرف ڦهلجي ويا.

هونئن خالده، جڏهن ننڍي هئي تہ مون کي ڏاڍو ستائيندي هئي، پر جڏهن وڏي ٿي تہ هڪڙو اهو بہ فائدو رسيم تہ هوءَ مون کان پردو ڪرڻ لڳي. جيتوڻيڪ ڪيس مائٽن جهليو ڪونہ هو. پر خالده جي اها خواهش ٿي تہ مون کان پردو

ڪري ۽ جڏهن به مون کي ايندو ڏسي، هرڻي جيان چال هٽي پچي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن اوچتو آءٌ ات هليو ويس، جت خالده ويٺي هوندي ته پوءِ سندس لڪڻ ڏسڻ وٽان هوندو. پٺي هٿ ڪٽي منهن تي رکندي هئي ۽ آڱرين جي وٿين مان پئي ڏسندي ته آءٌ ڇا ٿو ڪريان. آءٌ ته جيئن وڌو ٿيو هوس ته ڪجهه سنجيده بنجڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ۽ ٻيو وري مائٽن جي موجودگيءَ جو لحاظ. سو مرڪي ماٺ ڪري هيڏانهن هوڏانهن هليو ويندو هوس. خالده اهو ڏسي ٽپ ڏيئي وٺي ڀڪ پائيندي. خالده جي انهي شرم تي ڪڏهن ڪڏهن آءٌ چٿي ڏيندو هوس: "هيءَ ڇوري سمجهي الائي ڇا ٿي؟ آءٌ ڪيس کائي ويندس!" امان ۽ اديءَ جن منهنجي چوڻ تي کلنديون ڪين هيون پر مرڪنديون انهيءَ ڳالهه تي هيون ته اها به وڏي ڳالهه چئبي جو خالده دنيا ۾ ڪنهن کان شرمائي ته ٿي.

اسان جي گهر ۾ اندر وڃڻ لاءِ هڪ پنترهن ويهه فٽ ٻگهي گهٽي آهي ۽ گهٽيءَ جي ڇيڙي وٽ خالده جن جي گهر جو در آهي ۽ در جي پرسان اسان جي ڏاڪڻ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڪڻ لهندي جي هوءَ مونکي گهٽيءَ ۾ گڏجي ويندي ته پوءِ سندس ڀڪ ڏسڻ وٽان هوندي هئي.

هفتي ڏيڍ، پٺي امان کان پڇندي: "ماسي، نهن ڪڏهن ٿي آڻين؟ پنهين سلڇڻي جو پت ڪڏهن ٿي ڪارائين؟"

ننهن جي ڳالهه ٻڌي، امان به نري پوندي هئي ۽ ڏاڍي مزي سان ٻڌائيندي هيس ته فلاڻي هنڌ به ڇوڪريون ڏسي آئي آهيان. فلاڻي هنڌ ڇوڪري ڏاڍي سٺي آهي. قدين بتين سهڻي، پڙهيل ڳڙهيل، حيا شرم واري، سلڇڻي- ٻيو ڪپيس به ڇا؟

آءٌ شاديءَ لاءِ گهڻو ڪري ناڪار ڪندو هوس. (اجا به ڪندو آهيان) ۽ خالده به هر دفعي امان کان پڇندي هئي ته ماسي فلاڻي هنڌ تو ڇيو هو ته سومر جي ڏينهن وينديس. پوءِ پڪ ڪري آئينءَ؟

جڏهن به امان کي اڪيلي ڏسندي هئي ته اها ڳالهه هوندي هيس. امان به هر دفعي ڏاڍا مرچ مصالح وجهي ٻڌائيندي هيس. منهنجي شادي، امان سان ڳالهائڻ لاءِ سڀ کان سٺو موضوع هو. ڪلاڪ ويٺي ڳالهائيندي، ٽڪجندي ڪانه.

هڪڙي ڏينهن گهٽيءَ وٽ بيٺو هوس. مون سان هڪ ٻيو به افسانه نگار دوست هو. ايتري ۾ خالده اسڪول مان موٽي. مونکي بيٺل ڏسي اتيئي ڄمي ويئي. ٽانگي مان لهڻ ٿي نه پئي اجهيس. پر مون کي پٺي سان ڏسي ڪجهه همٿ وڌيس ۽ تمام احتياط سان گاڏيءَ مان لٿي، ٽڪڙا ٽڪڙا، سهميل سهميل ۽ ڏڪيل ڏڪيل قدم کڻندي گهر ڏانهن ويئي. مون ڪيس ڏسي مُرڪي ڏنو. نه ڄاڻ منهنجي اها مُرڪ ڏسي ورتئين. بس پاڙي جي سيني ڇوڪرين ۽ اديءَ کي ڪٿي ٻڌايائين ته هي وڏو غنڊو آهي. لوفر آهي. هلندي ڇوڪرين تي کلي ٿو. مون ٻڌو ته مون چيو: "هاڻي هلندي ڇوڪرين تي روئندس." اديءَ کي چيائين. "پاڻ جي ساراه جا ڍڪ

"امان ۽ بابا ڪراچي ويا آهن، ٻار سڀ ستا پيا آهن." هن ٻگهو ساهه ڪڍندي جواب ڏنو. آءُ ڪجهه دير منجهي پيس. چيومانس: "ڪهڙي شيءِ آهي؟ ڏسان."

هن مُرڪي ٻئي مُٺيون ڪٺي بند ڪيون.

"تون ٻڌاءِ- ڇا آهي؟"

مون اڳيان وڌي سندس ڪرائين کي جهليو. هن ڪرائيون ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"تون مونکي ستائين ڇو ٿي؟" مون چيو.

"ڏس پلا-" هن مُرڪي چيو- ۽ اکيون جهڪائي، ٻئي هٿ کولي ڇڏيا. مون سندس هٿن ڏانهن ڏٺو.

خالده جا کير جهڙا سفيد هٿ، جيڪي ٿورڙا گلابي لڳندا آهن، تن تي ميندي لڳ هئي. ٻه مينديءَ رتا هٿ- خالده جا ارمان ۽ انسنا - منهنجي آرزو.

خالده جا ٻئي هٿ منهنجي هٿن ۾ هئا. هن جون اکيون شرم وچان بند هيون. ۽ ڳل حيا جي گلابي لهرن ۾ ترڳيا پئي. مونکي نرم هٿن تي ميندي جي سونهن ڏاڍي وڻي. مونکي خالده جي ترين ۾، پنهنجي ۽ سندس تمنائن جي شفق ڦٽندي محسوس ٿي.

مون آهستي سان، جهڪي، پنهنجي چپن سان خالده جي هٿن جي نرم لالاڻ کي ڇهيو. خالده جي لڱن ۾ ڏڪڻي محسوس ڪيم.

"آءُ توکي رڱو هٿ ڏيکارڻ آئي هيس." خالده شرم وچان منهن ٻئي پاسي ڦيري چيو. "۽ تون..."

"ها- ۽ آءُ بدتميز ٿي، انهن کي چمان ٿو." مون چيو. "خالده تنهنجي لڱن ۾ ميناج آهي."

"مون کي خبر آهي." هن آهستي سان چيو. "توهان مردن کي اڄڻ لاءِ عورت وٽ پنهنجي جسم کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جي مرد کي گهرج محسوس ٿئي!"

خالده جا اهي لفظ دل ۾ چڀي ويم- سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ ئي هئا- پر منهنجي منهن جو پنو لٿل ڏسي، هن کلي پڇيو: "پلا منهنجا هٿ ميندي سان نهن ٿا يا ائين ئي سٺا لڳن ٿا."

خالده جي ڳالهين مونکي ذهني ڇڪتاڻ ۾ وجهي ڇڏيو. سوچيم ته هيءَ ڇوڪري اڄ ڳالهيون ڪهڙيون پيئي ڪري. مون کي ائين ولڙو ڏسي خالده مُرڪي، منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون ۽ جهڪي منهنجي اکين ۾ نهاريندي چيائين: "ڏس، آءُ تنهنجي سامهون آهيان- ڪيڏو نه ويجهو ۽ تون چپ آهين."

مون سندس اکين ۾ ڏٺو. مون کي سندس اکين جي گهرائپ ۾ ٻه هوءَ پاڻ

ايتري ۾ امان ڪمري ۾ آئي. امان کي ڏسي چيائين:

"ماسي، منهنجي ڪراچي واري ماسيءَ جو مڙس ڊاڪٽر آهي، تنهن ڪلهه..."

"پهرئين ڀڄاءِ تنهنجيون ماسيون ڪيتريون آهن. روز نئين ماسيءَ جو ذڪر ٿي ڪرين." مون سندس ڳالهه ڪٽي.

انهيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيس. چپ پڪوڙي، پيشانيءَ تي گهنڊ وجهي، مون ڏانهن بنا ڏسڻ جي چيائين: "سڀ ماسيون آهن- تون ڇو ٿو سڙين!" وري امان کي چيائين: "منهنجي ڪراچي واري ننڍي ماسيءَ جي مڙس، مونکي ٻڌايو ته مون جيترا گلاس پاڻيءَ جا حيدرآباد ۾ پيتا آهن، اوتري مٽي منهنجي پيٽ ۾ گڏ ٿي وئي آهي. چوي ٿو آهستي آهستي منهنجو رنگ ب ميرانجهڙو ٿي ويندو- ڊاڪٽر ٺيو يا چٽي ٺيو!"

"هفتي هفتي جلاب وٺ." امان پنهنجو ٺهيل ٺڪيل نسخو ٻڌايس، "سڀ ايرغير ٺيڪ ٿي ويندي."

امان رڌڻي ۾ وئي ۽ مون کيس چيو: "ويچاري اڳئي مون وانگر اڇي آهي، سا ب ٿي پوندي ميرانجهڙي!"

هن مونڏانهن نهاريو. پر سندس اکين مان پرپور پيار جو پيمانو ڇڙ اٿليو پئي.

"تون سچي مٽيءَ جي ٿي پؤ." مون چيو، ته "آءٌ توکي پنهنجي من ۾ ويهاري پوڄيان."

"ته وري هينئر تنهنجي من ۾ ڪير آهي؟" هن ترت پر آهستي پڇيو.

"تون ڀڄاءِ-" مون چيو.

اهو ٻڌي، هوءَ اٿي ۽ امان کي ڏٺائين. امان پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئي. پوءِ آهستي سان پر ۾ اچي چيائين، "مونکي خبر آهي تنهنجي من ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪير ڪونهي. مونکي ته ايتري ب پڪ آهي ته تون مون کي ايترو چاهين ٿو، جيترو آءٌ ب توکي نٿي چاهيان. آءٌ تنهنجي خوابن ۾ ايندي آهيان. تون مون سان ڪڏهن ب نه ختم ٿيڻ واريون رهاڻيون ڪندو آهين. جيئن رت تنهنجي سڄي بدن ۾ ڦري ٿو، تيئن آءٌ ب تنهنجي بدن جي نري نري ۾ موجود آهيان."

آءٌ سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيس ۽ سوچيم جيڪي ڳالهيون مون کي چوڻ کپن، سي ته هيءَ ڪيچلي پاڻ پئي چوي.

"خالده، منهنجيون ڳالهيون تون پئي ڪرين." مون چيو.

خالده اٿي. سندس منهن تي حيا هو. هن اکيون جهڪايون ۽ وري اکيون کڻي، مون کي بل کن ڏٺو. سندس اکين ۾ آلاڻ هئي. سندس اکيون ائين پئي

"ڪين چيم- " ثورو مرڪندي چوڻ لڳي، "۽ آءُ لِکي پنهنجي ماروٽ ماهتاب ۽ سندس ساهيڙي منور سان گلين فورڊ ۽ ڊيبي رينالڊ جي پڪچر It started with a kiss ۾ ٿي وڃان."

ٻئي مُرڪڻ لڳا ۽ نوجوان تمام پيار وچان، ڪنڌ جهڪائي، ڇوڪريءَ جي هٿ تي، پنهنجي ٻئي چپ رکيا. تمام ٿڌي ۽ وڻندڙ هوا پئي لڳي.

گنجي ٽڪر سان لڳ، هڪ بنگلي جي اڳيان گاڏي بيٺي ۽ ٻئي ڄڻا لٿا- ۽ ممون سندن وڃڻ کان پوءِ سوچيندو رهيو- پوءِ چيائين- "هاءِ پئسا هاءِ- تون سين جو ابو آهين- مشڪل ڪشا!"

ممون واپس شهر ڏانهن موٽيو. شاهه لطيف آباد جي وڏين ۽ ڏگهين سڙڪن تي خاموشي گهري ٿيندي ويئي. بنگلن ۾ روشني هئي- جي پاڳ وانگر هڪ جهڙا ئي ڪوارٽر اونڌهه ۾ پاڻ لڪايو، پريان يا پرسان روشنين کي وٽيڪ روشن ڪري رهيا هئا. مموڻ جو گهوڙو ٽيش منجهان، هڪ جيترا قدم کڻندو، ڏامر جي ڪاري سڙڪ تي هلي رهيو هو. جيڪا بنهه ڪوارٽرن ۾ رهندڙن جي پيشاني جهڙي هئي. رستن تي ننڍڙن گول ٽڪندڙ پارڪن ۾ ويرانيءَ جو واسو هو ۽ ريل جي پٽي پرسان بيٺل بدبودار پاڻيءَ منجهان ڏيڏرن جي رڙين جو آواز پئي آيو. هوٽلن جي موڙ وٽان مُڙي، ممون ڦاٽڪ ڏانهن مڙيو.

طنبيلي تي پهچندي پهچندي ڪيس سادا يارهن ٿي ويا هئا. رستي تي ڪيس گهوڙي لاءِ ڪتر وٺي هئي ۽ ڪيس ماني کاڌي هئي. طنبيلي تي پهتو ته ڏٺائين بخشو ستو پيو آهي ۽ ڪونگهرا پئي هنيائين. ممون ڏانهس ڏٺو ۽ آهستي پٽڪيو. "اها آهي بيپرواهي سائين!" هن بخشي جي ننڊ ڦٽائڻ نه ٿي چاهي ۽ پاڻ ئي گهوڙي کي کولڻ لڳو. ايتري ۾ ماٺهو آيس ته هل رئيس پيو ياد ڪريئي. ممون گاڏي به پوري ڪونه کولي ۽ رئيس جي سڏ تي ويو. رستي ۾ ڦڙتيءَ سان ست رپيا ڪيي، خميس جي پاسي واري کيسي ۾ وڌائين. رئيس اڳيئي بگڙيو ويٺو هو. اصل ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس.

"وڏو ڪو خبيث آهين. چار گهمرا ورجائي چيومائين، پر هاڻي ايڏو بيپرواهه ٿي ويو آهين، جو ٽڪي پيسي واري ڳالهه کي ليکين ڪونه ٿو."

مموڻ کي ڳالهه ياد پئي. شام جو گاڏي ڪونه وٺي ويو. ڇا چوي؟ آخر گهٽي ٻڌڻ کان پوءِ چيائين: "سائين ڏوهه منهنجو آهي. مجان ٿو. منهنجا رئيس ڏوهه منهنجو آهي- هي پيرو بخشيم!"

رئيس ڏوهه بخشڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

۽ ممون ڏوهه باسيندو رهيو- "ڏوهه منهنجو آهي! ڏوهه منهنجو آهي!"

نيٺ به ٿي دل تي ٻڌي، ممون واپس موٽيو. رئيس کي پئسا وٺڻ به وسري ويا. هن پيري مموڻ کي بخشي جون ٽنگون ٽيڙهي بنهه ڪين وڻيون ۽ گهٽر کان جهلي،

ٻانهون متي ڪري، ٻت سيڙي، وات ڦاڙي اوٻاسي ڏيڻ لڳو- ۽ پوءِ اندر ٽنبيلي ۾ وڃي پئسا ڪٽي، ڳڻي، وڙ ۾ سوگها ڪري ٻاهر گهٽيءَ ۾ آيو- ۽ سندس رئيس گهٽيءَ مان نڪري رستي تي پهچي چڪو هو. (۱۹٦۳ع)

●●●

# پوسات

”توں من جهڙي آهين!“

جمعي راڄل کي ديسي شراب جي خالي بوتل ڏيکاريندي چيو.

”جيئن هن مان دارون نڪري چڪو آهي، تيئن تون به خالي ٿي ويئي آهين.“

جمعو ڪجهه پيتل هو. هن بوتل ڪٽي ڪنڌ ۾ ڦٽي ڪئي ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

راڄل کي خالي بوتل جهڙو چوڻ کان اڳ، جمعي ڪيس دل تي مار ڏني هئي. راڄوءَ جي لڱن سور پئي ڪيو. سندس پٺن جي مشڪن تي، جمعي جي ٻچڙين آڱرين جا نشان، راڄوءَ جي ڪارن لڱن تي ڄڻ چٽجي ويا هئا. ڪاٻي ٿونٽ مان ٽميل رت ڦڙو، جمي ويو هو. راڄوءَ جون پريل پريل سٽرون سور ڪري رهيون هيون. هڪ مُرئي ۾ پڻ سٽ آئي هيس، جيڪو سڄي پيو هو. جمعي جو هڪڙو هڪڙو هٿ ڄڻ ڊبل روٽيءَ جهڙو هو- راڄوءَ جي لڱن تي ائين ٿي وهيو ڄڻ ٽوبيءَ جي ڦرهي تي پسيل ڪپڙي جو شپڪو! هونئن راڄوءَ جو بت هو به ڦرهي وانگر لسو، سخت ۽ ويڪرو. ڪيس جمعي جي اهڙي جهڙي ڏڪ جي پرواه به ڪانه هئي. هڪ ته بت جي وڏڙسٽڙ، ٻيو ڪارو ماس، سو جمعي جو رواجي ڏڪ ٻجو، رڳو سندس ذهني ڪشمڪش کي ئي تيڙيندو هو.

جمعو جوءِ کي مار ڏيئي هليو ويو. چي: ’تنهنجي لڱن ۾ دارون ڪونهي. تون خالي بوتل آهين.‘ راڄو سمجهي نه سگهي. رڳو اها ڄاڻ هيس ته مڙس جي ڪيسي ۾ ڪجهه ڏوڪڙ آهن، سي مڙيئي ختم ڪرڻا اٿس. ڪجهه پيتل هو، ڪجهه پيئندو وڃي.

انهيءَ رات گرمي زور هئي. راڄوءَ جي پريل لڱن جي ڪاري گوشت ۾ پگهر، جهڙي ڳپ ڳوهي ڇڏي هئي. ٻيو وري گهر ۾ اڱڻ به ڪونه هو. گهر ڇا هو، هڪڙو طنبيلو هو، جيڪو سياري ۾ جهڙو گنڊي، پر اونهاري ۾ ويل هو. اڄ به گرميءَ ڪري راڄوءَ کي بت تي پنهنجو هٿ لڳڻ به ڪين پئي وڻيو. جمعي جي مار سندس هڏ هڏ پئي ڏکويو- وري گرمي، ساهه ڪٽڻ نٿي اچيس.

گرميءَ جي ڏينهن ۾ هونئن ئي زال مڙس در وٽ ٽيڙي وڇائي در جا به طاق کولي، ائين سمهندا هئا جو در تي لڳل ڳوڻ ٽوري متيري هجي ۽ هوا اندر اچي سگهي.

جمعي جي منهن سان وچي ٽڪريو ۽ - راڄوءَ غير ارادي طور جمعي جي نڪ ۾ ڪلي چڪ وڌو. جمعو سچو پيٺو ٿي ويو. راڄوءَ جا ڏند جمعي جي ٽلهي ۾ سيٽرن واري نڪ ۾ کپي ويا ۽ ٿوري رت سان گڏ سيٽرن ۽ موهيڙن مان پوُن ٻه ٻاهر نڪري آئي.

جمعو ساٿو ٿي ويو.

صبح جو جمعي ڏٺو ته سندس نڪ تي راڄوءَ جي ڏندن جا ڇهه نشان پيل هئا. ٽي ساڄي پاسي، ٽي کاٻي پاسي - ۽ راڄوءَ جو مٿيون بت هڪ رئي سان ويڙهيل هو، جنهن تي جمعي جي مار جا نشان هئا.

●●●

۾ ڪوئجي ويندس. تنهنجي اکڙين جي ڪاراڻ، مونکي اوڙنيھ واري اونداهه لڳندي آهي، جنهن جي جانب ۾ گهري هنج ۾ تون ۽ مان."

"مان نه -!" ثريا ادا سان چيو.

"تون نه ته ٻيو ڪير-؟"

"مون جهڙي ڪا ٻي- جنهن جا ڳل به، ٻه چوڏهين جا چنڊ آهن."

ثريا، مون سان گڏ منهنجي ئي ڪلاس ۾- منهنجي ئي بينچ تي ويهندي هئي. ويهڻ ۾ ڪوئڻ ڪسوئڻ ڪو ڪانئس سڪي. ڪلاس- روم ۾ ائين شادابي سا ويني هوندي، جڻ ورڊس ورٿ جي نظم ڊيفو ڊلس جون پُربهار سٽون. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هيس ته مون کان پڇندي هئي. پروفيسر صاحب انهيءَ ڳالهه تي خار ڪائيندو هو ته ڪلاس جي سڀ کان سهڻي ڇوڪري ئي، ڪانئس ڪانه ٿي پڇي. هڪ ٻه دفعا پروفيسر صاحب ٽوڪيس به. مون به کيس چتاءُ ڏنو: "ثريا، هي پروفيسر صاحب شايد ولين جو ڪردار ادا ڪري." ائين ٿئي ضرور ها، پر هڪ ٻي سهڻي ڇوڪريءَ (ثريا کان گهٽ- تمام گهٽ!) کيس لفٽ ڏني- (پاس ٿيڻ لاءِ).

مون ۽ ثريا بي. اي پارٽ ون پاس ڪيو ته اسان جو مڱڻو ٿيو. سڀ ڇوڪرا، پروفيسر، جي دل ئي ۾ ثريا جا دعويدار هئا، دستبردار ٿيا- پر ياسمين انهيءَ وچ ۾ قد ڪري ويئي. گلاب جي ول جيان ڪاليج جي ورانڊن ۾ ٻهڪڻ لڳي. ڇوڪرا ڀونئر جيان ڀون- ڀون ڪرڻ لڳا. ياسمين ڪليءَ جيان مرڪندي رهندي هئي- پر مون سمجهيو هو ته ياسمين، اجا ننڍڙي ئي ڪينهي.

ثريا ڪي ٽائفائڊ ٿي پيو. آءٌ اداس، ويڳاڻو- اڪيلو! تڏهن ڏنم يارن ياسمين جا دڳ پلائي ڇڏيا هئا. نيٺ به ته سالي هيم. کيس گڏ وٺي اچڻ لڳس. کيس گڏ وٺي ويندو هوس. ياسمين قد جي ڊگهي، رنگ جي سانوري (مونکان به) چپ ٿلها ۽ ويڪرا. ڳل ڏاڙهون جيان گول پر ڳاڙها نه. اکين ۾ سدائين مرڪندڙ ڪشش، جيڪا سندس لڪل لڱن جهڙي سانوري هئي.

هڪ دفعي ڪاليج مان موٽندي، ياسمين کي ڪافي هائوس وٺي ويس. ڪافي هائوس جي ڪئبن ۾ ياسمين مونکي ڏاڍي وڻي- وچ ۾ ميز، دنيا وانگر رنڊڪ پئي لڳي. هوءَ ميز جي ٻئي پاسي واقعي پُرڪشش هئي.

"تنهنجا وار ڪارا آهن..." مون چيو.

"پر آءٌ اڇي نه آهيان." ياسمين وراڻيو.

"شايد تنهنجي دل اڇي هجي- گوري گوري- جهڙو سترهين تاريخ جو چنڊ."

مون پاڪولا جي آرينج جو آرڊر ڏنو. ياسمين کي ڪاري ڪافي ڪين وڻي.

سامهون ڪرسي تي ياسمين ويٺي هئي. ڪرسيءَ جي نرم گاديلي تي سندس نرم ماس جو داٻ ڏسي، مون کي ڪرسي ڏاڍي دلڪش لڳي. ياسمين جا ٻئي هٿ

منهنجي سهاري جهڪي پوندا. ڇڻ ڪا گلن سان پريل ول- پوءِ هُبڪار ئي هبڪار هوندي.

تن ڏينهن آءٌ انهيءَ سوچ ۾ غرق رهندو هوس. پيو ڀڏندو چڙهندو هوس- ياسمين جي اکين جي گهرائيءَ ۾ لڳن جي ڪوشش ۾. تن ڏينهن ئي امان پڇيو:

"ياسمين ڪي تون ڪيئن پائين تو؟"

"فس ڪلاس ڇوڪري آهي!" مون ترت جواب ڏنو.

"منظور لاءِ گهري اٿم-"

"هو راضي آهن؟"

"ها- سڀ راضي آهن."

مون سوچيو ياسمين ته ماڳهين گهر ۾ ئي اچي- ڪيترو نه ويجهو. پري ته ٿي ڪانه سگهندي. اوڏي مهل مونکي ٻئي وڻ لڳيون. ثريا جي محبت ۽ ياسمين جي ڪشش!

* * *

گرمي مدام هئي. مانيءَ جي تانگهه ۾ چتي آهي. ماني پنهنجي ۽ ماروٽ جي سامهون ڏسي، جنبي ويس. منهنجي خوراڪ هوندي ٻه گهٽي ڪونهي. پوري سوري ماني کائيندو آهيان. انسان جي خوراڪ ٻه ڪيتري؟ بدهضمي ڪان ڏايو ٻجندو آهيان. جڏهن ٻه مانيون، گوشت جو ٻوڙ، پيندين ۽ چٽنيءَ متان وڏو گلاس برف جي پاڻيءَ جو پيتم ته پيٽ پرجي ويو. لڳو ساڻا ٿي تڏا ٿي ويا. باقي ٻه مانيون، گوشت جو ٻوڙ، پيندين جي ڀاڄي ۽ چٽني، اڇَت ڪٽي امان کي ڏنم. امان سنڀالي رکي، جو منهنجو ماروٽ منظور هميشه دير سان ايندو آهي- ۽ آءٌ بي سرت پلنگ تي ليٽي پيس. (۱۹٦۴ع)

●●●

# عورت ءِ پیار

# 1

اسپين ۾ عيش ۽ خوشيءَ جو جشن پنهنجي ملهايو ويو. سيوائل شهر منجهه ماڻهو جرڪندڙ پوشاڪون پهريو، رستن تي نڪتا پئي. بي فڪر ۽ حرڪتي ٻار، ڳاڙهي، نيري، سائي ۽ گلابي رنگن جي ڪپڙن ۾، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙيا پئي ۽ ايترو گوڙ پئي ڪيائون، جو آسمان ڪٽي مٿي تي کنيائون. سندن هٿن ۾ ڏنڊا هئا، جن تي ڪپڙي جا ٽڪر ٻيرقن وانگر لڙڪيا پئي. منهن تي نقاب پيل هئن، جن مان رڳو سندن اکيون پئي ڏسڻ ۾ آيون. بي فڪر ٻارن جو اهو وهڪرو جنهن پاسي به لڙيو ٿي، اتان ماڻهو هٽيو ٿي پري ٿيا.

گهرن جي درين ۾ تر ڇڻڻ جي جاءِ ڪانه هئي. نوجوان ڇوڪريون، جيڪي ڳوٺن منجهان شهري تماشو ڏسڻ آيون هيون، تن جو درين ۾ مدام ڪونه هو. ڇوڪرين جي هٿن ۾ وجڻا هئا، جن سان اکين تي ڇانو پئي ڪيائون. ننڍيون ننڍيون گهنٽيون هل هنگامي، ٺهڪن ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي گوڙ سان پريون پيون هيون. ائين پئي لڳو، ڄڻ انهن ٻن ٽن ڏينهن ۾ سيوائل شهر جا اهي ٻه ٽي هزار ماڻهو، ايترو گوڙ ڪن ٿا، جو پيرس ۾ به ڪونه ٿيندو هوندو.

ٽيويهه فيبروري، ارڙهن سؤ چوراڻوي عيسويءَ جو ڏينهن. انهيءَ جشن جو آخري ڏينهن هو. ’اينبري‘ ڪي قدر مڙيئي بيقرار هو. انهيءَ جو سبب اهو هو ته، سڄي ساري هفتي جي رنگينين منجهه ڪيس ڪنهن خاص دلچسپيءَ سان سامهون ٿيڻو نه پيو هو.

هو اسپين ۾ ڪيترائي پيرا آيل هو. ڪيس اها چڱيءَ ريت پروڙ هئي ته هن سونهن ۽ عشق جي سرزمين تي، محبت جا ناتا، ڪيتري قدر جلد ۽ ڪشاده دليءَ سان ڳنڍيجن ۽ ڇڄن ٿا. ڪيس اهڙي خوشيءَ جي موقعي جو ڏاڍو انتظار هو، پر اهڙي گهما گهميءَ ۾ به سندس دل جي بيتابي دور ٿي نه سگهي ۽ انهيءَ سوچ ڪيس اداس پئي بنايو. رڳو هڪ ڇوڪريءَ سان واسطو پيو، جنهن جي پٺ هن گهٽين منجهه ورتي هئي. هن ڪيس گلن جو ڇڳو پڻ سوکڙي طور پيش ڪيو، پر حيف هو اينبريءَ ڪي جو انهيءَ سهڻيءَ جو نقش، دل تي پوري ريت ڇڻي به نه سگهيو جو هوءَ غائب ٿي وئي.

جدا جدا هنڌن تي وڏيهن گرجائن ڇٽن جا ٽڪاءَ هنيا. اينبري شهر گهمڻ لڳو. سيوائل شهر جا آسوده ماڻهو ايترا امير ڪونهن، جو ٽئي ويلا کائي سگهن. هو فاقا ڪيندا، پر وٽن هڪ گاڏي به گهوڙا ضرور هوندا. اميريءَ جو انهيءَ ڏيکاءَ کان سواءِ وٽن عيش عشرت جو پيو ڪوبه ذڪر جوڳو سامان ڪونهي. انهيءَ ننڍڙي

سان ٿي ڏنو آهي.

## 2

انهيءَ وچ ۾ گاڏي گهٽيءَ جو موڙ مُڙي چڪي هئي. پڪي سڙڪ تي گهوڙن جي سنبن جو آواز، پريان ٻڌڻ ۾ آيو پئي. اينبري ٻوڙڻ لڳو. کيس فڪر پئي لڳو ته متان اهو موقعو به هٿان نڪري وڃي ۽ شايد اهو آخري موقعو هجي. هو ٻوڙندو ٻوڙندو گاڏيءَ وٽ انهيءَ وقت پهتو، جڏهن گهوڙا آهستي آهستي 'پلازا ڊي ٽرائنفو' جي گلابي رنگ واري گهر وٽ پهچي چڪا هئا.

سيخن وارو شاهي در کليو ۽ اُها سهڻي، گاڏيءَ مان لهي اندر هلي وئي. هن سوچيو: جيڪڏهن هو همت ڪري ها ته اڳيان وڌي هن جو نالو پڇي وٺي ها. پر اينبري کان اهو ٿي نه سگهيو. هن جلدي جلدي پنهنجي ٽوپي ۽ نيڪٽاءِ کي ٺيڪ ڪيو ۽ در تي لڳل گهنٽي وڄايائين.

هڪ نوجوان نوڪر در وٽ آيو.

"هيءُ منهنجو ڪارڊ آهي. هن بيگم صاحبہ کي وڃي ڏي."

"ڪهڙي بيگم صاحبہ؟" نوڪر ادب وچان پڇيو.

"جيڪا هن گهر ۾ رهي ٿي."

"پر هن جو نالو.....؟"

اينبريءَ کي ڏاڍا خار لڳا ۽ ڪو جواب ڪونہ ڏنائين.

"سائين، مون کي رڳو ايترو ٻڌايو، توهان کي ڪهڙي بيگم صاحبہ سان ملايان؟"

"اُهُ جوان تون، تنهنجي مالڪياڻي، منهنجو انتظار پئي ڪري."

نوڪر ادب وچان جهڪيو ۽ هليو ويو، جنهنجو مطلب هو ته اٿين ڪنهن سان ملائڻ اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي.

نوڪر جي انهيءَ حرڪت تي اينبري ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ادب کي پاسو ڪري، وري گهنٽي وڄائڻ لڳو. هن دل ۾ سوچيو: جنهن منهنجي پهرئين آواز تي، ايترو جلدي نوڪر اماڻيو هو، جيڪڏهن اُهُ اصرار ڪري اندر هليو وڃان ته هن کي حيران ٿيڻ نه گهرجي. گهر ۾ هوءَ اڪيلي هوندي ۽ نوڪر جيڪي ڳالهايو، سو ضرور ٺٺو هوندائين.

اينبري جي بيتابيءَ جي اهڙي ڏيکاءُ هوندي به اندران ڪو جواب ڪونہ مليو. گهر اندر، اهڙي ته خاموشي هئي، ڄڻ اُن ۾ ڪو رهي ٿي ڪونہ ٿو.

هاڻ هو ڇا ڪري؟ ڪجهہ دير هو درين ۽ گيلرين جي سامهون ڦريو. شايد

ڪتان انهيءَ سهڻيءَ جي ڪا جهلڪ ڏسڻ ۾ اچيس، پر ڪجهه به پلئه ڪونه پيس ۽ واپس وڃڻ لڳو.

انهيءَ پراسرار در ڪان ٿورو پريرو، وڻ جي ڇانو هيٺ، هڪ گاڏي وارو ميڻ بتيون وڪڻي رهيو هو. اينبري هن وٽ ويو ۽ پڇيائينس، "هن گهر ۾ ڪير رهندو آهي؟"

"مون کي خبر نه آهي." هن وراڻيو.

اينبريءَ کيسي مان ڏهه چانديءَ جا سڪا ڪڍي هن کي ڏنا.

"هاڻ ٻڌائي ته هن گهر ۾ ڪير رهندو آهي؟"

"آءٌ ڪونه ٻڌائيندس. اها عورت مون کان ميڻ بتيون خريد ڪندي آهي. جي ڪيس پتو پئجي ويو ته آءٌ سندس ڳاليهون ٻين سان ڪريان ٿو، ته هوءَ ٻين هنڌان، ميڻ بتيون گهرائيندي سائين، مان وڌيڪ ڪونه ٻڌائي سگهندس. ها باقي نالو 'سينورا بونا ڪونچا پريز' اٿس ۽ هوءَ 'ڊان مينوئل گارشيا' جي زال آهي."

"ڇا هن جو مڙس هن شهر ۾ ڪونه رهي؟"

"هن جو مڙس 'بوليويا' ۾ آهي."

"بوليويا ڪٿي آهي؟"

"بوليويا، آمريڪا ۾ هڪ ملڪ آهي."

اينبريءَ وڌيڪ ڪونه پڇيو ۽ واپس پنهنجي هوٽل ۾ وڃڻ لاءِ وري ماٺهن جي گوڙ ۾ گهڙي ويو.

اڃا تائين هو اِهو فيصلو ڪونه ڪري سگهيو ته اڳيان ڇا ڪري. ڪيس اها ته خبر پئجي چڪي هئي ته هن ڇوڪريءَ جو مڙس موجود آهي، پر اها پڪ ڪانه هيس ته سندس رستو صاف آهي يا نه. ميڻ بتين واري دبيل انداز ۾ ڳالهايو ۽ سندس انهيءَ انداز، اهو پئي سليو ته هن کي اڃا به وڌيڪ ڄاڻ هئي. هن جي ڳالهين مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڇوڪريءَ جو ڪو ٻيو به عاشق آهي. نوڪر جي حرڪت ڪري اهو شڪ وڌيڪ پختو ٿي ويو. اينبري سوچڻ لڳو ته پيرس واپس وڃڻ ۾ رڳو پنڌرهن ڏينهن بچيا آهن. ڇا انهيءَ ننڍڙي عرصي ۾ هو انهيءَ سهڻيءَ کي حاصل ڪري سگهي ٿو. جا پنهنجي دل ڪنهن ٻئي کي ارپي چڪي هجي.

انهيءَ مونجهاري سان ڳڌ هو هوٽل جي دروازي تي پهتو.

"توهان جو خط سائين!" دربان آواز ڏنو.

لفافي تي سر نامو لکيل ڪونه هو.

"توکي پڪ آهي ته هي خط منهنجو آهي؟"

"هي مون کي ڊان اينبريءَ لاءِ ئي ڏنو ويو آهي."

اينبريءَ جلديءَ سان لفافو کوليو. نيري رنگ جي ڪاغذ تي لکيو هو. 'ٻان اينبري کي نهايت ادب وچان عرض ٿو ڪيو وڃي ته هو ايترو گوڙ نه ڪري، پنهنجو نالو ڪنهن کي نه ٻڌائي ۽ نه وري ڪنهن کان منهنجو نالو پڇي. جي سياڻي ٽين بجي 'ايمپام' ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي پهچي ته اتان هڪ گاڏي لنگهندي. شايد اها رڪجي به.'

هاڻ ڪم ٿي ويندو. اينبريءَ جي دل چيو.

هو جڏهن ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو ته، سندس دل ۾ ايندڙ وقت جي باري ۾ تصورات جي ڪائنات آباد ٿيڻ لڳي ۽ گهڙي گهڙي انهيءَ سهڻيءَ جو نالو ورجائڻ لڳو.

## 3

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ، اينبري اٿيو ته ڪيس هر طرف عجيب خاموشيءَ جو احساس ٿيو. جهڪي جهڪي روشني بالڪنيءَ جي درين مان اچي پئي. گهوڙن جي سنبن جي ٽاپ ۽ گهوڙرين جا هوڪا ٻڌڻ ۾ آيا پئي. گرجي جا گهنڊ، شهر جي زندگيءَ ۾ ڦهلجڻ لڳا. اينبريءَ سوچيو: اهڙو صبح شايد سڄي حياتيءَ ۾ نه ڏٺو هوندائين. هن پنهنجيون ٻانهون ڦهلائي پنهنجي سيني کي اٿين زور ڏنو، ڄڻ ڪنهن سان بغل گير ٿي پيو.

هن جي چپن تي مرڪ وري آئي. ڪيتري نه پياري زندگي آهي، هن چيو: ڪالهه هن وقت آءٌ بلڪل اڪيلو هوس. زندگيءَ جو ڪو ٺڪاڻو ڪونه هو. هاڻ اسين ٻه ٿي وياسين. عورت سان رڳو محبت ظاهر ڪبي آهي ته هوءَ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي.

هو اٿيو. هن پنهنجو سليپر پاتو ۽ وهنجڻ لاءِ گهنٽي وڄائي. هو دريءَ جي شيشي مان جرڪندڙ روشني ڏسڻ لڳو. گهرن کي هلڪو هلڪو رنگ ڏنل هو. اهي رنگ زالن جي لباس جهڙا هئا. سنگترن جا وڻ ٻور جهليو بيٺا هئا، فوارا هليا پئي ۽ نوجوان ڇوڪريون کليون پئي. ڇوڻڪ جي ٻنهي پاسي، گاڏين ۽ سوڙهين گهٽين مان گهوڙن جي گهنٽين جا آواز پئي آيا. اينبري اهو تصور به نه پئي ڪري سگهيو ته اهڙي وقت ۾ سيوائل کان ٻاهر به رهي سگهجي ٿو.

ڪپڙا پهري، هو هوٽل مان نڪري پلازا دي ٽرائنفو ڏانهن وڃڻ لڳو. اوچتو خيال ٿيس، متان سندس محبوبه، ڪيس پنهنجي گهر وٽ ڏسي ناراض ٿئي ۽ وري نه ملي. اهو سوچي، هو سامهون واري رستي ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ اتان هو 'لاڊيلش' مڙيو.

ڪالهه جا بيدن جي ويڙهه لڳي هئي، تنهنجو ڪچرو اڄا تائين پيو هو. هر

طرف ڪاغذ جا ٽڪر ۽ بيدن جون ڪلون ڏسڻ ۾ آيون پئي، سامهون سهڻو باغ، اڄ ڪنهن رُتَ جي پويون حصو پئي لڳو. چئني پاسي خاموشي هئي. ايتري ۾ هن گهٽيءَ منجهه هڪ شخص ايندو ڏٺو. هن انهيءَ شخص کي سڃاتي ورتو ۽ وڏي هٿ ملايائينس.

"مسٽر مينٽو! مون کي اميد ڪانه هئي ته ايترو جلد ملنداسين."

"جيڪو ماڻهو بلڪل اڪيلو هجي ۽ ڪنهن ڪم ڪار جو نه آهي، جنهن وٽ ڪو ڪم ئي ڪونهي، اهو ٻيو ڇا ڪندو؟ بس صبح شام گهمڻ کان سواءِ يا ته پڙهندو رهندو آهيان، يا وري جوا ڪندو آهيان. اها اٿئي اسان جي حياتي."

"پر خلق جي زبان، جيڪي ڪجهه اوهان بابت چئي ٿي، جيڪڏهن اهو درست آهي ته توهان جي ڏينهن واري ڪمي، رات جو پوري ٿي ويندي هوندي!"

"جيڪي اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا سي پليل آهن. اڄ کان، منهنجي موت تائين، تون ڪنهن به عورت کي منهنجي گهر ڪونه ڏسندين."

'ڊان مينٽويباز' چاليهن ورهين جي عمر جو هو. اينبري جڏهن پهرئين پيري اسپين آيو ته هن جو ذڪر ٻڌو هئائين. هن جي هٿن ۽ پرن جا اشارا، سندس سٺي طبيعت سڪيندا هئا. ٻين هم وطن وانگر، هي ڪن اهڙين شين جي اهميت تي زور ڏيندو هو، جي بلڪل ضروري نه هيون. انهيءَ جو مطلب اهو ڪونه هو ته هو بيوقوف هو. هن جون عادتون ۽ اٿڻ ويهڻ تمام فضيلت ڀريو هو. البت دولت ڪيس ڪاهل بڻائي ڇڏيو هو. ڊان مينٽو پنهنجي رنگين عيش پسند زندگيءَ جي ڪري ڏاڍو مشهور هو. انهيءَ ڪري اينبري کي اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿي ته هن پنهنجيون سموريون رنگينيون ختم ڪري ڇڏيون. اينبري ساڻس وڏيڪ ڪونه ڳالهايو ۽ ٻئي ڄڻا درياهه جي ڪپ ڏانهن وڃڻ لڳا. مينٽو گهڙي گهڙي درياهه جي ساراهه ڪرڻ لڳو.

"توکي هڪ پر ڏيهي سفير جو چرچو ياد ڪونهي، جنهن هي درياهه ڏسي چيو ته: "هن درياهه کي، ٻين جي مقابلي ۾ رڳو انهيءَ ڪري پسند ٿو ڪريان، ته هن کي ڪنهن ڇڪڙي يا گهوڙي تي ويهي پار ڪري سگهجي ٿو. گنريل ويهن سالن ۾ مون ڪيترائي درياهه ڏٺا آهن، پر هن درياهه جهڙو ڪو ورلي هوندو. هن جو پنهنجو شان نرالو آهي ۽ سندس رنگ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڇا پل جي محرابن جي هيٺان سون وهي نه پيو اچي؟"

انهيءَ کان پوءِ هن سياست بابت ڳالهيون ڪيون. مينٽو شاهه پسند هو. هو شهنشاهت جي دشمن کي هرگز برداشت نٿي ڪري سگهيو. هن جو خيال هو ته ملڪ جي سمورين طاقتن کي ڪمزور، پر دلير راڻيءَ جي چوطرف جمع ٿيڻ کپي.

هن چيو، "زوال ته ڏس، ڪيڏي وڏي مصيبت آهي. اسان وٽ هڪ اهڙي

سلطنت هئي، جنهن ۾ سج لهندو ئي ڪونہ هو. اسان ئي نيپولين کي سڀ کان پهرئين شڪست ڏني. پر هاڻ اسين ڪجهہ ڌاڪوئن جي رحم ۽ ڪرم تي آهيون. ڏس اسپين جي قسمت ڪيئن نہ ڦٽي آهي.“

هن جا جذبات ڀڙڪڻ لڳا. هن ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکيو.

”مون کي پنهنجي ديس سان محبت آهي. مون کي ديس جي جبلن ۽ ميدانن سان محبت آهي. مون کي ماڻهن جي زبان، سندن ڪپڙن ۽ سندن جذبات سان محبت آهي. اسان جو بڻ اعليٰ آهي. اسپين، يورپ کان بلڪل الڳ آهي.“

”توکي خبر آهي اسپين ۾ رئيسن کي انهن خاندانن جو سمجهيو ويندو آهي، جن ۾ عربن جي رت جي ملاوٽ ڪونهي. جنهن سرزمين تي ست سؤ سال مسلمان حڪومت ڪندا رهيا، ان دؤر ۾ بہ اهي رئيس انهيءَ ڳالهہ جو اقرار نہ ڪندا هئا. ڪيتري نہ زيادتي آهي پنهنجو پاڻ تي، اها خود فريبي نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي، انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ تہ اسان ۾ عربن جو رت ڪونهي، اها ڪا فخر جهڙي ڳالهہ نہ آهي. اسان ۾ جيڪي ڪجهہ سٺيون عادتون موجود آهن، اهي اسان کي عربن کان ئي ورثي ۾ مليون آهن. عربن ئي اسان کي دولت ۾ خوش رهڻ، ڪوڙ کان نفرت ۽ موت کان بي خوفيءَ جو سبق ڏنو آهي. هر خراب شيءِ کان نفرت، عربن ئي اسان کي سيکاري آهي، اها حقيقت آهي تہ اسين انهن جو اولاد آهيون ۽ اڃا تائين اسين انهن جا گڻ ڳايون ٿا.“

سج نڪتو پئي، آسمان ڪليل ۽ نيرو هو. پري پري تائين سرسبز وڻ ڏسجڻ ۾ آيا پئي ۽ گرم هوا جا هلڪا هلڪا جهوٽا سياري جي انهيءَ صبح کي گرمي پهچائي رهيا هئا.

مينٽو چيو: ”ڇا مان اميد ڪريان تہ تون ٻنپهرن جي ماني مونسان کائيندين. منهنجو گهر ’ايمپام‘ ڏانهن ويندڙ سڙڪ جي ويجهو آهي. پاڻ اٽي اڌ ڪلاڪ ۾ پهچي ويندا سين..... ۽ جيڪر تون شام تائين ترسين تہ مان توکي پنهنجا نوان گهوڙا ڏيکاريان.“

”نہ نہ.“ اينبريءَ مجبوري ڏيکاريندي چيو. ”مان ماني تہ ڪائي ونڊسر پر وڏيڪ نہ ترسي سگهندس. اڄ شام مون کي هڪ ٻئي هنڌ پهچڻو آهي.“

”ڇا ڪنهن عورت سان ملڻو اٿئي؟ ٻڌ نہ، مان توکان ٻيو ڪو سوال ڪونہ پڇندس. خير، اهو وقت جيڪو تو مون سان گڏ گذاريو آهي، انهيءَ جو مان ٿورائتو آهيان. مان جڏهن تنهنجي عمر جو هوس، تڏهن بلڪل برداشت نہ ڪندو هوس، تہ ڪو منهنجي پراسرار ڏينهن ۾ مون سان ملي. مان ماني پنهنجي ڪمري ۾ گهرائيندو هوس. انهيءَ پراسرار دؤر کان پوءِ مون جنهن شخص سان سڀ کان پهرين ڳالهايو، اها منهنجي محبوبہ هئي.“

هو ڪن پل لاءِ خاموش ٿيو ۽ پوءِ نصيحت ڪندي چيائين: "عورتن کان خبردار رهجئين، مان توکي اها صلاح نٿو ڏيان ته تون انهن کان بلڪل ئي الڳ رهه. مون انهن سان جيڪو وقت برباد ڪيو آهي، اهو وقت جيڪر مون کي موٽي ملي، ته مان هاڻ اهو سجايو ڪريان. پر قسمن جون عورتون ته اهڙيون آهن، جن کان هر حال ۾ بچڻ گهرجي. هڪ ته اهي، جيڪي توسان محبت نٿيون ڪن ۽ ٻيون اهي جيڪي توسان محبت ڪن ٿيون. انهن ٻنهي قسمن جي عورتن جي وچ ۾ هزارين دلربا عورتون ٿينديون آهن. پر اسان کي خبر ڪانهي ته اسان کي ڪهڙي ريت انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي."

ڊان ميٽئو پنهنجي ئي لڳاتي ويٺو هو. اينبري پنهنجي ذاتي معاملات ۾ اهڙو ته الجهيل هو، جو هن ميٽئو جون ڪي ڳالهيون ته ٻڌيون ۽ ڪي نه ٻڌيون. جيئن جيئن هن سهڻيءَ سان ملڻ جو وقت ويجهو پئي آيو، هن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. هن جي من ۾ هڪ ئي خيال هو ۽ اهو خيال هن جي محبوبه جو هو. هن جون نظرون ايمپام جي گهڙيال تي جميل هيون. جيڪر هن گهڙيال جي سوئيءَ کي ڪو پنجاهه منٽ اڳيان ڪري، ملاقات جو وقت ويجهو آڻي سگهي، ته شايد هو انهيءَ جي عيوض سڄي دنيا جي دولت لٽائي ڇڏي ها.

هاڻ هو وڌيڪ خاموش نه رهي سگهيو. هن ڪي ڪجهه دير انتظار ڪرڻو ئي هو. هن چيو "ڊان ميٽئو! اوهان مون کي سدائين تمام چڱا مشورا ڏنا آهن. ڇا مان اوهان کي پنهنجي هڪ راز ۾ شريڪ ڪري، اوهان کان هڪ مشورو وٺي سگهان ٿو؟....."

"ها ها، ضرور حاضر آهيان."

"چڱو...... هڪ ڳالهه...... هڪ ڳالهه آهي." اينبري اٽڪندي اٽڪندي چيو. "مان فقط اوهان سان اها ڳالهه ٿو ڪريان، انهيءَ ڳالهه جو ٻيو ڪنهن کي پتو نه پوي. ڇا اوهين سوائل جي هڪ ڇوڪريءَ کي سڃاڻيندا آهيو، جنهن جو نالو 'بونا ڪسپيسئين گارشيا' آهي؟"

"ڪسپيسئين گارشيا! ڪسپيسئين گارشيا! پر ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڳالهه کلي ڪر. اسپين ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهه هزار ڪسپيسئين گارشيا آهن. اِهو نالو ايترو ئي عام آهي، جيترو جين بوول يا ميري ليمبرٽ. هن جو شاديءَ کان پهرين جو نالو ٻڌاءِ ڇا- پ.... پريز ته ڪونهي؟ پريز؟ ڪونچا پريز؟ پر تون ڳالهائين ڇو نه پيو؟"

اينبري تي جذبات جي شدت ايتري ته طاري هئي، جو ڪجهه دير ته هن اِهو سوچيو ته مان پوري حقيقت نه ٻڌايان. پر هن جي واتان نڪري ئي ويو.

"ها."

ميٽئو تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيو، ته اينبري کي ائين لڳو ڄڻ هو هن جي قتن

تي لوڻ پيو ٻرڪي.

"ڪسپيسئين پريز ڊي گارشيا 22 پلازا ڊي ترائنفر، ارڙهن سالن جي عمر، ڪارا وار ۽ هن جو منهن..... هنجو منهن......"

"ها....." اينبري چيو.

"تو چڱو ڪيو جو انهيءَ جي باري ۾ مون کان پڇي ورتو."

"پر هوءَ آهي ڪير؟"

"ڇا؟ تون هن کي سڃاڻين ڪونہ ٿو؟"

"هن سان ڪالهہ ٻهريون دفعو مليو هوس. مون اڄا تائين هن جو آواز بہ نہ ٻڌو آهي."

"اڄا وقت ضائع نہ ٿيو آهي."

"ڇا هوءَ ڪا آواره عورت آهي؟"

"اهو ڪير ٿو چوي؟ هن کي چاهڻ وارا ڇهن پنجن کان وڌيڪ ڪونهن. انهيءَ زماني ۾ تہ هن کي پاڪباز عورت ئي سمجهڻ گهرجي."

"۽......"

"۽ هوءَ تمام ذهين عورت آهي. فطرت جي حقيقت کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿي. تون يقين ڪر، هوءَ هر سارا هہ جي قابل آهي. هن جي رقص ڪرڻ جا انداز ڏاڍا وڻندڙ آهن. اِهو تہ تو ڏٺو هوندو تہ هن جو چهرو ڪيڏو نہ حسين آهي. پر جيڪو ڪجهہ هن ۾ لڪل آهي، جيڪر اهو بہ تو ڏٺو آهي، تہ تون چوندين تہ هنجو.... چڱو ايترو ئي ڪافي آهي. ڇا اڄا بہ ٻڌندين؟"

اينبري کي ڪاوڙ پئي لڳي، پر هن ڪو جواب نہ ڏنو.

ڊان ميڻئو هن کي ڪوٽ کان جهلي ۽ هر لفظ تي زور ڏيندي چيو: "ميان، تون آهين ڪهڙن خيالن ۾! هوءَ تمام خراب عورت آهي. ٻڌين پيو منهنجي ڳالهہ؟ هن کان وڌيڪ خراب عورت توکي ساري دنيا ۾ نہ ملندي. مون کي فقط هڪڙي اميد آهي ۽ انهيءَ اميد تي مون کي سڪون ملي ٿو، تہ مرڻ کان پوءِ خدا هن کي ڪڏهن معاف نہ ڪندو."

اينبري اٿي بيٺو.

"جيڪي ڪجهہ اوهان مون کي ٻڌايو آهي، مان انهيءَ جي باوجود بہ هن عورت جي متعلق ڪجهہ نہ چوندس. هن سان ملڻ اوهان کي ياد ڏياريان ٿو تہ مان انهيءَ جي پابندي ڪندس. مان اوهان کي ياد ڏياريان ٿو تہ مون اوهان کي پنهنجي هڪ راز ۾ شريڪ ڪيو آهي ۽ مون کي افسوس آهي تہ مان اوهان کان جلدي موڪلايان پيو."

هن هٿ ملائڻ لاءِ وڌايو.

مينٽو دروازي کي جهلي اٿي بيٺو: ”منهنجي ڳالهه ٻڌ. خدا جي واسطي منهنجي ڳالهه ٻڌ. هينئر تو چيو هو تہ مان توکي چڱا مشورا ڏئي سگهان ٿو. مان توسان بلڪل رواجي نموني ڳالهائي رهيو آهيان. منهنجي حيثيت انهيءَ ماڻهو جهڙي آهي، جيڪو هڪ رستي کان لنگهي چڪو آهي ۽ ٻئي نئين ايندڙ کي رستي جي خطرات کان واقف ڪرڻ لاءِ رڙيون پيو ڪري، ’اڳيان قدم نہ وڌائجئين، پٽيان موٽي وڃ.‘ جنهن کي تو ڏنو آهي، انهيءَ کي تون وساري ڇڏ. جنهن تو سان ڳالهيون ڪيون آهن، جنهن توکي محبت ڀريو خط لکيو آهي، انهيءَ کي وساري ڇڏ. جي هينئر تون زندگيءَ جا ڏينهن آرام سان گذاري رهيو آهين، جي توکي ڏينهن جو سک ۽ رات جو سڪون حاصل آهي، تہ تون ’ڪونچا پريز‘ جي ويجهو بہ نہ وڃجانءِ. جيڪڏهن تون پنهنجي خوشي ۽ راحت کي، رنج ۽ مصيبت ۾ بدلجڻ نٿو چاهين تہ ڪونچا پريز کان پري رهہ. جي توکي اڃا تائين اِهو احساس نہ ٿي سگهيو آهي تہ هوءَ توکي ڪهڙيءَ حد تائين چريو ڪري ڇڏيندي، تہ هن کان پاسو ڪر. انهيءَ کان ائين ڀڄ جيئن ماڻهو ملڪ الموت کان ڀڄي ٿو. مان توکي، هن جي جادوءَ کان ڇڏائڻ چاهيان ٿو. خدا جي واسطي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي حال تي رحم ڪر.“

”ڊان مينٽو! ڇا اوهان کي هن سان محبت آهي؟“

”آه... نہ! هاڻ سارو معاملو ختم ٿي چڪو آهي. مان نہ هن سان پيار ڪريان ٿو ۽ نہ نفرت. اها ڳالهہ ئي ختم ٿي چڪي آهي. مان سڀ ڪجهہ وساري چڪو آهيان....“

”پر جيڪڏهن مان اوهان جي نصيحت نہ مڃان، تہ اوهان کي ڏک ٿيندو؟“

مينٽو پنهنجي چهري جي ڪيفيت کي يڪدم مٽيندي چيو، ”عورت پهريون دفعو ملاقات لاءِ جيڪو وقت ڏي، انهيءَ تي نہ وڃڻ گهرجي.“

”آخر ڇو؟“

”ڇو تہ هوءَ ايندي ئي ڪانہ.“

اينبريءَ جي ذهن ۾ ڪو خاص واقعو اڀري آيو. هن مرڪي ڏٺو، ”ڪجهہ وقتن تي ائين بہ ٿيندو آهي.“

”ڪنهن وقت ائين نہ بہ ٿيندو آهي ۽ اتفاق سان جيڪر هوءَ مقرر ڪيل وقت تي تنهنجو انتظار بہ ڪٽي ڪري، تہ ياد رک انهيءَ سان پاڻ تنهنجي اهميت وڌندي.“

اينبري ڪجهہ دير سوچي پوءِ پڇيو، ”انهيءَ جو مطلب؟“

”مطلب اِهو تہ جي تنهنجي محبوبہ جو نالو لولا واسڪينز يا ساريولوسينا هجي ها تہ مان توکي مشورو ڏيان ها، تہ تون اتي وڃي رهہ ۽ ڪنهن خاص ڳالهہ کان سواءِ هتان نہ وڃ. پاڻ ٿڌو شربت پيئنداسون، انهيءَ سان گڏ سگار پڻ

چڪيون ها. انهن ٻنهي شين جو مزو توکي پيرس جي ڪنهن به هوٽل ۾ نه ملي ها."

انهيءَ ڪان پوءِ ڪجهه دير تائين خاموش رهي. ٻئي هڪ ميز تي آمهون سامهون ويٺا هئا. نيٽ ڊان ميٽئو چيو. "ته هاڻ ٻاڻ چا بابت ڳالهايون؟"

اينڊري اشارو ڪيو. جنهن جو مطلب هو ته تون چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو.

ميٽئو جهڪي آواز ۾ چيو. "چڱو مان ٻڌايان ٿو."

## 4

"اڄ تون منهنجا وار اڇا پيو ڏسين. اڄ کان ٽي سال پهرين اِهي اڇا ڪونه هئا. انهيءَ وقت منهنجي عمر سنتيهه سال هئي. پر مون کي ائين ٿي لڳو ته ڄڻ مان ٻاويهن سالن جو آهيان. مان پاڻ کي هر وقت جوان سمجهندو هوس. ڪنهن کي جرئت هئي، جو مون کي اهو احساس ڏياري، ته منهنجي جوانيءَ جي بهار ختم ٿيڻ واري آهي.

"توکي اِهو غلط ٻڌايو ويو آهي ته مان عياش هوس. اِهو غلط آهي. مان محبت جو ايترو ته احترام ڪندو هوس، جو تون مون کان قسم کڻائي وٺ، جو مان ڪڏهن به برين عورتن وٽ ويو هجان. جنهن به عورت سان منهنجا تعلقات ٿيا، مون هن کي دل سان محبت ڪئي، پر اهڙين عورتن جو تعداد گهڻو ڪونهي.

"سچ ڳالهه ته اها آهي ته مون لاءِ محبت، ڪڏهن به تفريح يا دل جي وندر نه رهي، بلڪ محبت ته منهنجي ساري زندگيءَ تي ڇانيل رهي آهي.

"ايترو ڪجهه چوڻ کان پوءِ مان توکي اهو ٻڌايان ٿو ته، مون کي 'ڪونچا بريز' جي باري ۾ ڪيتري ڄاڻ آهي. 26- ڊسيمبر جو ڏينهن هو. مان فرانس مان موٽيس پئي. انهيءَ ڏينهن تمام گهڻو سيءُ هو. مان فرانس مان ايڪسپريس ۾ آيس پئي. جيڪا ٻنپهرن جو 'لائڊاسو' جي پل تان لنگهي ٿي. اڳيان سارو رستو برف سان ڍڪيل هو. انهيءَ ڪري ريل ٻه ڪلاڪ 'زمرگا' تي بيٺي رهي. مزور جلدي جلدي رستي تان برف هٽائي رهيا هئا. رستو ڪجهه صاف ٿيو ته ريل هلي، پر جبلن وٽ پهچي وري بيهي رهي، ڇو جو برف جي هڪ ڇپ ڪري پئي هئي. انهيءَ کي هٽائڻ ۾ ٽي ڪلاڪ لڳي ويا. سڄي رات برف پوندي رهي، ڊرين تي برف جا تهه ڄمي ويا هئا.

"ٻئي صبح جو گاڏي 'ايولار' تي وڃي بيٺي. اسان کي اٺ ڪلاڪ دير ٿي چڪي هئي. سڄو ڏينهن اسان ڪجهه نه کاڌو هئوسين. مون ريل جي هڪ نوڪر کان پڇيو. 'ڇا اسان کي اِتي لهڻو پوندو؟' هن جواب ڏنو ته 'هِت ڇڪن ڏينهن تائين ترسڻو پوندو.'

"تو ايولار ڏٺو آهي؟ جيڪي ماڻهو اِهو سمجهن ٿا ته پراڻو اسپين ختم ٿي چڪو آهي؟ انهن کي اتي وڃڻ گهرجي. اتي جا رهاڪو جهالر وارا پاجاما پائي، فوارن جي چوڌطرف گڏ ٿي ويهندا آهن. شام جو اسان کي پتو پيو ته ريل هينئر هلڻ واري آهي. اسان کي هڪڙي چڪڙي ۾ ويهاريو ويو. جنهن کي ٻه ٽٽون ڇڪي رهيا هئا. اهو ڇڪڙو برف کان ڍڪيل رستي تان گهلبو ريل تائين پهتو. اهو ڇڪڙو اهڙيءَ ته تيزيءَ سان هليو پئي، جو ڪئين دفعا رستي ۾ اٿلندي اٿلندي بچيو.

"اهو قصو جيڪو مون توکي ڪجهه منٽن ۾ ٻڌايو آهي، پورا چاليهه ڪلاڪ هليو هو. شام جو ائين بجي ريل ۾ جڏهن مان پنهنجي ڪنڊ واري جاءِ تي ويٺس، اوڏيءَ مهل پنهنجي طبيعت تمام ڳري محسوس ڪيم. ماني اڃا تائين نه ملي هئي. ريل ۾ ويهي هڪ ٻي رات گذارڻ، مون لاءِ ڳري ڳالهه هئي. جنهن دٻي ۾ مان ويٺل هوس، انهيءَ ۾ چار انگريز به سنٽل هئا. اهي پيرس کان مونسان گڏ هئا. مون پنهنجو بلانڪيٽ کڻي هڪ هيٺائين درجي جي دٻي ۾ ويس، جنهن ۾ الاهي اسپيني عورتون ويٺيون هيون، ڪجهه خلاصي به هئا. ٻه راهبا عورتون هيون، ٽي شاگرد ڇوڪرا، هڪ خانه بدوش عورت ۽ هڪ سول گارڊ مطلب ته هن دٻي ۾ هر خيال ۽ هر طبقي جا ماڻهو موجود هئا. اهي سڀ ڳالهائي رهيا هئا ۽ ڳالهيون به زور زور سان ڪري رهيا هئا. مون کي اتي ويٺي پندرهن منٽ به نه ٿيا هئا، پر مون کي هر هڪ جي متعلق خبر پئجي چڪي هئي. ڪجهه ماڻهو انهن تي کلندا آهن، جيڪي ائين سيني جي سامهون پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪري ڇڏيندا آهن. پر مون کي انهن سادن ماڻهن تي رحم ايندو آهي، جيڪي پنهنجي ڏک جو داستان، موقعو مهل ڏسڻ بنا ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن.

"ريل اوچتي بيهي رهي. اسين 'سيرا ڊي گارڊا راما' وٽان لنگهي رهيا هئاسين، جيڪو چوڏهن سؤ ميٽر بلند آهي. برف جي هڪ ڇپ اسان جو رستو روڪيو بيٺي هئي. ريل کي پنيان موٽائڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر برف جي هڪ ٻي ڇپ ريل جي پنيان ڪري پئي ۽ پويون رستو به ڍڪجي ويو. برف پئي پئي، انهيءَ ڪري ريل جا دٻا برف ۾ ڍڪجڻ لڳا.

"اهو سڀ ڪجهه 'ناروي' جو قصو پئي معلوم ٿيو. جيڪڏهن اسين ڪنهن 'پروٽسٽنٽ ملڪ ۾ هجون ها، ته ماڻهو خدا جي سامهون گوڏا کوڙي ويهن ها، پر اسپين جا ماڻهو سخت طوفان ۾ به آسماني قهر کان نه ڊڄندا آهن. ريل ۾ ويٺلن کي جڏهن اها پڪ ٿي وئي ته اڳيان ۽ پويان ٻئي رستا بند ٿي ويا آهن، ته هڪ پنهنجي خانه بدوش ساٿيءَ کي چيو: تون ناچ شروع ڪر ته جيئن وقت گذري.

"خانه بدوش عورت نچڻ لڳي. هن جي عمر اٽڪل ٽيهن سالن جي هئي. هوءَ

عام خانہ بدوش عورتن وانگر بدصورت هئي. پر هن جي چيلهہ ۽ ٻُڪين جي وچ ۾ طوفان اُٿلندو نظر پئي آيو. هن جي ناچ، اسان کي سيءُ، برف ۽ اوندهہ سڀ ڪجهہ وساري وڌو. ٻين ڏهن وارا بہ ڪاٺ جي بينچن تي گوڏا کوڙي ناچ ڏسي رهيا هئا. پر جيڪي ماٺهو نچڻ واريءَ جي ويجهو هئا، اهي ناچ سان گڏوگڏ تاڙيون بہ وڄائي رهيا هئا.

"منهنجي نظر سامهون ڪنڊ تي پئي. مون ڏٺو تہ اُتي هڪ ننڍڙي ڇوڪري ڳائي رهي هئي. هن جو ٻڙو گلابي رنگ جو هو. جنهن مان مون اندازو لڳايو تہ هوءَ اسپيني نسل مان آهي. ڇو تہ ڪيسپئن عورتون تکا رنگ پسند ڪنديون آهن. فرانسيسي عورتون ڪارو ۽ جرمن عورتون بادامي رنگ وڌيڪ پسند ڪنديون آهن. هن ڇوڪريءَ جا ڪلها ۽ اُڀريل ڇاتي هڪ اڇي شال سان ڍڪيل هئي. سيءُ کان بچڻ لاءِ هن مٿي تي هڪ اڇو رومال ٻڌي ڇڏيو هو. سيني کي خبر هئي تہ هوءَ جوزي ڊي ايويلا جي ڪانونيٽ اسڪول ۾ پڙهندڙ آهي ۽ پنهنجي ماءُ ڏانهن 'ميبرڊ' وڃي پئي، هوءَ بلڪل معصوم هئي ۽ هن جو نالو 'ڪونچا پريز' هو. هن جو آواز ڏاڍو وڻندڙ هو. هوءَ جڏهن ڳائيندي هئي تہ سنن ڳائڻن وانگر فقط هن جا چپ چرندا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هن جا هٿ شال منجهہ هئا ۽ نظرون جهڪيل هيون. جيڪو گيت هن ڳايو پئي، منهنجي خيال ۾ اهو راهبائن جو گيت هو. منهنجي خيال ۾ اهو راهبائن جو گيت نہ هو. منهنجي ڪن ۾ اجا تائين هن جا گيت گونجي رهيا آهن. هن ڳايو پئي:

'اي سادي عورت! جي توکي مونسان محبت آهي تہ خدا جي واسطي پنهنجي ڇاتي ڍڪار.'

'تنهنجو هنڌ چنبيليءَ جو آهي، تنهنجون چادرون اڇي گلاب وانگر آهن. تنهنجا وهاٿا ڪنول جي گلن جهڙا آهن ۽ انهيءَ کان سواءِ تون پوئين رات جي سنل گلاب جي گل وانگر ڏسڻ ۾ ايندي آهين.'

"پوءِ هوءَ طنزيہ گيت ڳائڻ لڳي:

'اي سادي عورت جنهن جا ويهہ چاهيندڙ آهن (۽ ايڪيهون مان پاڻ آهيان) جي ٻين سيني جو مزاج بہ مون جهڙو آهي تہ تون اڪيلي سمهندين؟!'

"خانہ بدوش عورت ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرڻ لڳي، پر ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ جي شوخي پاڻ وڌي وئي.

"خانہ بدوش عورت پنهنجا هٿ لوڏيندي، تمام چڙ ۾ چيو. 'مان تنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏندس.'

"'چڱو، هاڻ مان احتياط ڪندس.' ڪونچا مٿي نهارڻ بنا ڏاڍي تحمل سان جواب ڏنو. هوءَ عورت انهيءَ تي گار گند ڪرڻ لڳي. پر ڪونچا ڏاڍي تحمل سان

”’ايسڪوريل‘ تان لنگهياسين تہ ڏينهن پوريءَ طرح نڪري چڪو هو. جبلن جا نظارا تيئن وڌيڪ وڻندڙ ٿي ويا هئا. جلدي ئي هڪڙي اسٽيشن آئي. آءٌ پليٽ فارم تي لٿس. مون کي هڪ جوان ڇوڪريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”’ميرا، ميرا.‘

”هوءَ پنهنجي آڱر سان برف جي انهيءَ ڍير ڏانهن اشارو ڪري رهي هئي، جيڪا گاڏيءَ جي ڇت تي پکڙيل هئي. ڇوڪريءَ جي لاءِ اِهو نظارو ڏاڍو وڻندڙ هو، ڇو جو شهر مان جيڪي ريلون هلنديون آهن، سي ڏاڍيون صاف سٿريون رهنديون آهن. پر اسان واري ريل برف سان ڍڪيل هئي. هوءَ کلڻ لڳي، هن وٽ ڪجهہ سامان هو، جيڪو مون کڻي ورتو. پر هن جلدي ئي مون کان موٽائي پاڻ کڻي ورتو. هن وٽ ڇهہ ننگ هئا، جن مان هڪ هن ڪلهي تي ڪنيو، هڪ ٺونٺ منجهہ لڙڪايائين ۽ باقي ننگ هٿن ۾ کڻي ورتائين ۽ ٻوڙندي نظرن اڳيان غائب ٿي وئي.

”تو ڏسي ورتو تہ هن ڇوڪريءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ڪهڙي نموني ٿي پر منهنجي ڪهاڻيءَ جي شروعات، هن پهرينءَ ملاقات سان نٿي ٿئي، ڇو تہ هن وقت منهنجي ذهن ۾ ڪونچا پريز جي ياد جا ڪي گهرا نقش نہ اڀريا هئا.

”انهيءَ صبح جو ڪو گنريل رات بابت پڇي ها تہ، آءٌ چاليهہ ڪلاڪن جي سفر جو حال ٻڌائيندي قدرتي نظارن جو ذڪر تہ ڪريان ها، پر ڪونچا پريز شايد ياد نہ اچي ها. هن ويهن منٽن تائين منهنجي دل خوشي ڪئي هئي، هن کي مون ٻہ- ٽي دفعا ياد ضرور ڪيو، پر ٻين ڪمن ڪارڻ مون کي هن جي متعلق وڌيڪ سوچڻ جو موقعو نہ ڏنو.“

## 5

”انهيءَ ڪانپوءِ گرمين ۾ منهنجي هن سان اتفاقي ملاقات ٿي وئي. انهيءَ ملاقات کان فقط ڪجهہ ڏينهن پهرين آءٌ سيوائل آيل هوس. آءٌ هڪ دوست سان تعلق وري ڳنڍڻ، يا انهيءَ کي ٽوڙڻ آيو هوس، پر انهيءَ تعلق جي باري ۾ آءٌ توکي ڪجهہ نہ ٻڌائيندس، تون هن وقت منهنجي ساري داستان ٻڌڻ لاءِ نہ ويٺو آهين، انهيءَ کان سواءِ مون کي وسريل ڳالهين کي وري ياد ڪرڻ جو شوق بہ ڪونهي.

”آگسٽ واري مهيني ۾ مون پاڻ کي پنهنجي گهر ۾ اڪيلو محسوس ڪيو. هن گهر ۾ ڪئين سالن کان فقط هڪڙي نوڪرياڻي هئي. گهر ۾ هر طرف خاموشي ئي خاموشي هئي. جيڪڏهن تو ڪنهن سان عشق ڪيو آهي، تہ منهنجيون ڳالهيون چڱيءَ طرح سمجهندو هوندين. اها حالت ڏاڍي ڀيانڪ هئي،

مان ڏاڍي عذاب ۾ مبتلا هوس، جنهن کان جند ڇڏائڻ لاءِ آءٌ صبح جو بندوق يا ڪتاب کڻي گهران نڪرندو هوس، ۽ شام تائين بنا مقصد ڪڏهن پنڌ ۽ ڪڏهن گهوڙي تي گهمندو رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن گهر واپس وڃڻ جي مصيبت کان بچڻ لاءِ، ڪنهن هوٽل ۾ وڃي سمهندو هوس. هڪ ڏينهن آءٌ ڏاڍو منجهيل هوس، ائين ئي گهمندو ڦرندو سيوائل جي تماڪ جي فيڪٽريءَ ۾ وڃي پهتس.

"انهيءَ ڏينهن ڦهر جي گرمي هئي. مون پنهنجي ماني هوٽل ڊي پيرس ۾ کاڌي هئي ۽ 'لاس سرپي' کان ٿي فينٽر جي گهٽيءَ مان لنگهيس پئي. اِهو اُهو وقت هو، جڏهن گهٽين ۽ رستن تي ڪتن ۽ فرانسيسين کان سواءِ ٻيو ڪوبه نظر نه پئي آيو. مون کي پڪ هئي ته اها اُس منهنجو خاتمو ڪندي.

"فيڪٽريءَ ۾ آءٌ اڪيلو ئي داخل ٿيو هوس. مون سان اِها خاص رعايت هئي. توکي خبر آهي ته اٽڪل چار هزار عورتن جي انهيءَ عظيم حرم ۾، هڪ عورت سپرينٽينڊنٽ جي رهنمائيءَ جي بنا، ڪو شخص انهيءَ ڪارخاني ۾ داخل ٿي نٿو سگهي. ڇو جو انهيءَ ڪارخاني جون عورتون شوخ هونديون آهن. آتي جي قاعدي جي ڪري، انهن کي پوريءَ طرح اختيار آهي ته اهي جون کان سيپٽمبر تائين، موسم جي مناسبت سان جيترا ڪپڙا چاهين، لاهي ٿيون سگهن. انهيءَ ڏينهن، جيئن ته آءٌ ٻڌائي چڪو آهيان، گرمي تمام گهڻي هئي، انهن انهيءَ رعايت مان پورو پورو فائدو ورتو هو. اهي ء ـ تون جن ڪمرن ۾ ڪم ڪن ٿيون، اهي باهه وانگر تپي ويندا آهن. بهرحال انهن مجبور عورتن تي اهو وڏو احسان هو، جو انهن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪپڙا پائڻ جي اجازت مليل هئي، پر انهيءَ آزاديءَ جو جيڪو نتيجو نڪري ٿو، اهو گهٽ دلچسپ ڪونهي. توکي ٻڌي تعجب ٿيندو ته جنهن عورت جو تمام گهڻو جسم ڍڪيل هو، انهيءَ کي فقط هڪ قيص پيل هئي ۽ اها به فقط اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ته هوءَ تمام حياءَ واري آهي. ڪجهه ته نري گهٽ اگهاڙيون هيون. هن کي هڪ سادو سوٽي پڙو پيل هو. انهن ۾ هر عمر جون عورتون هيون، جوان، پوڙهيون، ٿلهيون ۽ سنهڙيون- اهو نظارو رنگا رنگي هو. ڪجهه پيٽ سان هيون، ڪن جي هنج ۾ ٻار هئا. ڪجهه اهڙيون به هيون جن جي عمر اڃا شاديءَ جي نه هئي. مطلب ته اگهاڙين جي انهيءَ لشڪر ۾ هر قسم جون عورتون هيون. انهيءَ ۾ ڪجهه پري جهڙيون سهڻيون به هيون. ساڄي ڪابي ڏسندو انهيءَ گوڙ مان لنگهي ويس، پر اهي عورتون مون تي طنز ۽ مذاق ڪرڻ لڳيون، مون تي عجيب عجيب نموني چٺرون ڪرڻ لڳيون. اگهاڙين پرين جو هڪ لشڪر هو ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ مرد! جذبات جو هڪ طوفان اٿلڻ لڳو. تون يقين ڪر، انهن جي زبان تي جيڪو آيو ٿي، انهن اهو چيو پئي.

"نه رڳو اهو، پر هن هٿن، اکين ۽ پرن سان اهڙا ته اشارا ڪيا پئي، جو

هئي.

”توهان جي مهرباني.“

”مون ڏٺو ته هن جو آواز بدليل هو، مون کي ته اهو خيال ئي نه آيو ته منهنجي انهيءَ ننڍڙي سوکڙيءَ، مٿس ڪو ايڏو اثر ڪيو هوندو. جيئن ئي مون غور سان ڏٺو ته، مون محسوس ڪيو ته هن تي تمام گهڻو اثر پيو هو. ڇو ته مون ڪيس هڪ سونو سڪو ڏنو هو، جو سندس مهيني جي ڪم جي اُجوري برابر هو. انهيءَ کان سواءِ اها ڳالهه به هئي ته اهو سونو سڪو هو ۽ اسپين ۾ سون رڳو سڪا مٽائڻ وارن جي دڪانن تي هوندو آهي.

”منهنجو ڪو اهڙو ارادو ڪونه هو، پر ڪونچا ۾ اهي سڀ جذبات پيدا ٿي ويا هئا، جي دولت جي ڪري ٿيندا آهن. هوءَ صبح کان جيڪي سگريٽ پِي رهي هئي، تنهنجا دٻا اُتيئي ڇڏي آئي هئي. هن گهنگهرو ۽ وڏا جوراب پاتا ۽ منهنجي پٺيان ٻوڙندي آئي. هن جي ڪلهن تي ڳاڙهي شال هئي. سندس هٿن ۾ ننڍڙو وڃڻو هو ۽ ڳلن تي پائوڊر لڳل هو.

”اڇو!“ هن چيو، ”توهين ته منهنجا دوست آهيو. منهنجي ماءُ وٽ هلو، هاڻ آءٌ آزاد آهيان. اوهان جي مهرباني.“

”تنهنجي ماءُ ڪٿي رهندي آهي؟“

”ڪال مونٽروس ۾، تمام ويجهڙو آهي. توهان مون تي ايڏي وڏي مهرباني ڪئي، پر منهنجو راڳ ڪونه ٻڌڻ چاهيو. هاڻ توهان کي اها سزا ڏبي. جو توهين پاڻ راڳ ٻڌايو.“

”راڳ کان سواءِ ٻيو جيڪي دل چوئي ٻڌ.“

”هوءَ مون ڏانهن جهڪي.

”توهين هي راڳ ٻڌائيندا.“

”ڇا ٻيا اسان جون ڳالهيون ٻڌن ٿا- نه، ته ڇا آءٌ توکي ٻڌايان- ٻڌاءِ.“

”تنهنجو ڪو ٻيو عاشق آهي- نه.“

”ڇا تون مون کي پنهنجو عاشق بڻائيندين- ها.“

”توکي خبر آهي ته اهو راڳ آهي، ۽ انهيءَ ۾ جيڪي جواب ڏنا ويا آهن، سي منهنجا نه آهن.“

”سچ چئبو!“

”بلڪل سچ.“

”تصور ڪري وٺ.“

”ڪيئن ڪريان، تون مون سان محبت ٿوروئي ٿي ڪرين.“

”پر توهين مون کي ڏاڍا وڻو ٿا.“

”پر تنهنجو ته هڪڙو عاشق به آهي.“

”نه منهنجو پيو ڪو عاشق نه آهي.“

”ڇا انهيءَ ڪري، جو تون پاڪ آهين.“

”آءٌ بلڪل پاڪ آهيان، پر مون ڪو قسم ته ڪونه کنيو آهي.“

”انهيءَ جي معنيٰ ته تون لهه و چڙ ۾ گهٽ ٿي اچين.“

”نه سائين!“

”پياري، منهنجا ڪي سوال اهڙا به آهن، جيڪي مان پڇي نٿو سگهان، جي ڪا اهڙي ڳالهه هجي ته مون کي پل ٻڌاءِ.“

”مون کي خبر هئي ته توهين اندازو نٿا لڳائي سگهو. اندازو لڳائڻ آهي ئي ڏکيو.“

”پر انهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو تنهنجو ڪو عاشق ئي ڪونهي.“

”آءٌ بلڪل ڪنواري ۽ پاڪ صاف آهيان.“

## 6

”هن اِهي اکر اهڙي انداز منجهه چيا، جو آءٌ سندس دل رکڻ لاءِ هتي بهي رهيس. انهيءَ ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ جي دل ۾ خيالن جو ڪهڙو ممڻ هو؟ هن جي انهيءَ اٽڙ انداز، هن جي صاف ۽ پاڪيزه نگاهه جو مطلب ڇا هو؟ مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. پر اهو اندازو هئم ته اها ڇوڪري منهنجي نظر ۾ سمائجي چڪي آهي. مون کي انهيءَ ڳالهه جي خوشي پئي ٿي، ته هوءَ مون کي پيهر ملي هئي، هاڻ مون کي هنجي سموري حياتي ڏسڻ جو موقعو مليو پئي.

”اسين هڪ گهر جي در وٽ پهتاسين. هڪ ميوو وڪڻندڙ پنهنجي ڇبي در وٽ رکيو ويٺو هو.

”ڪجهه سنگترا ڪٺي وٺو، پاڻ مٿي هلي کائينداسين.“ هن چيو.

”اسين ڏاڪڻ رستي مٿي پهتاسين. گهر جي حالت ڏسي، آءٌ حيران ٿي ويس. پهرئين ماڙ جي ٻاهران هڪ تختي لڳل هئي، جنهن تي هڪ عورت جو نالو لکيل هو. تختي تي اِهو نه لکيل هو ته هوءَ ڪهڙو ڪم ڪندي آهي. هڪ پاسي هڪ بند ٿيل ڪمرو هو، جنهن مان ڪلڻ جو آواز پئي آيو. مون دل ۾ سوچيو ته هيءَ ڇوڪري مون کي اهڙي هنڌ وٺيو پئي وڃي، جو تمام ڪريل آهي. پر آسپاس جي شيئن ڏسڻ سان اندازو نٿي ٿي سگهيو. برحال آءٌ مائهن جي گهٽ وڌ هجڻ جو اندازو انهيءَ ڳالهه سان ڪونه ڪندو آهيان ته هو ڪٿي رهن ٿا.

”آخري ماڙ تي پهچي هوءَ بيهي رهي ۽ پوري رنگ جي در تي ٺڪ ٺڪ ڪري،

مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. در کليو.

”’امان‘، هن چيو، ’مون سان گڏ هڪڙو دوست آهي.‘

”هن جي ماءُ پوڙهي هئي، جنهن جي منهن جا ويران ٽيل نقشن، عاليشان عمارت جو ثبوت ڏيئي رهيا هئا. هن ڪوبه اهڙو اثر ڪونه ڏيکاريو، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ته ڪيس مون تي اعتبار آهي. پر ڇوڪري بنا هٻڪ جي در کوليو ۽ مون کي پاڻ سان اندر وٺي ويئي. انهيءَ مان مون اهو اندازو لڳايو ته گهر ڌنياڻي ڇوڪري پاڻ آهي ۽ ماڻس جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي.

”’امان ڏس، ٻارهن سنگترا.... هڪ سونو سڪو ٻه.‘

”’يا خدا‘! پوڙهيءَ پنهنجي سيني تي هٿن جي اشاري سان صليب جو نشان ناهيندي چيو، ’اينترو تو ڪيئن ڪمائي ورتو آهي؟‘

”مون پاڻ ئي سمورو قصو ٻڌايو. مون پوڙهيءَ کي پنهنجي ٻنهي ملاقاتن جو حال ٻڌايو، جيڪي گاڏيءَ ۾ ۽ فيبريڪا ڪارخاني ۾ ٿيون هيون. انهيءَ کان پوءِ بيون ڳالهيون ڪيونسين. ڳالهه مان ڳالهه نڪرڻ لڳي. پوڙهيءَ ٻڌايو ته سندس مڙس انجنيئر هو. جيڪو ’ايولا‘ ۾ گذاري ويو. پر پوڙهيءَ کي ڪابه پينشن ڪانه ملي، نڪا وٽس ئي ڪا ملڪيت هئي. مڙس ڪجهه بچايو هو. پر اهو ڇئن سالن ۾ ئي ختم ٿي ويو. پوڙهيءَ اِهو طويل داستان ويهه دفعا دهرايو. نٿو ڇئي سگهان ته اهو غلط هو يا صحيح. پوڙهيءَ سمورو قصو ٻڌايو ۽ جڏهن ٻڌائي چڪي، ته هن هڪ ٿڌو ساهه پريو، جنهن مان اهو محسوس ڪيم ته هاڻ هوءَ تمام ڏکي نموني زندگي گذاري رهي آهي.

”’آءٌ ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟‘ پوڙهي چوڻ لڳي، ’مونکي ڪو ڪم ڪونه ايندو هو. گهر کي سنڀالڻ يا دعا گهرڻ ڄاڻيندي هيس. هڪ هنڌ مون کي گهر جي سنڀال جي نوڪري به ملي ٿي، پر انهيءَ کي مون پنهنجي گهٽتائي سمجهي. هاڻ آءٌ پنهنجو گهڻو وقت ديول ۾ گذاريندي آهيان. ٻين جي درن تي ٻُهاريون ڏيان، تنهن کان بهتر آهي، ديول جي پٿر کي چُمندي رهان. خدا کي ياد ڪنديندي آهيان ته هو مون کي پيريءَ ۾ صبر ۽ سگهه بخشي. ٻن اڪيلين زالن جي حياتي، گهڻين مصيبتن ۾ وڪوڙيل ٿيندي آهي. دنيا ۾ لالچ ۽ دوکو گهڻو آهي. جي اسين برائيءَ جي رستي تي هلون، ته اسين ٻئي ماءُ ڌيءُ دولت جا ڍير لڳائي ڇڏيون ها، پر ڪنهن رات به اسان جي گهر ۾ گناهه ڪونه لڙيو آهي. اسان جي سَتَ تي ڪو ٽِڪو ڪونه لڳو آهي. اسان کي رب تي پروسو آهي، جيڪو اسان سيني جي دلين جو حال ڄاڻي ٿو.‘

”ڪونچا جي ماءُ پنهنجو داستان ٻڌائي رهي هئي ۽ ڪونچا انهيءَ وچ ۾ پٽ ۾ لڳل آرسيءَ جي سامهون بيٺي پنهنجي ٻن آڱرين سان پنهنجي ننڍڙي منهن تي

”’بس ساڳيوئي.‘

”’تون اهو نہ سمجهجئين تہ مون کي امان جي سکيا مليل آهي. مون ئي پاڻ سڌاريو آهي، ۽ منهنجي ماءُ انهيءَ قابل ئي ڪانهي، جا مون کي سڌاري سگهي. مون پنهنجي سَتَ جي جيڪا حفاظت ڪئي آهي، تنهن ۾ امان جو ڪو حصو ڪونهي. ڪيس رڳو پنهنجي ڌيءَ جي پاڪيزگيءَ متعلق ڳالهيون ڪرڻ اچن ٿيون. ايستائين جيڪڏهن مان دريءَ اڳيان ويهي صبح کان شام تائين اينڌڙن ويندڙن کي اشارا ڪريان تہ بہ هوءَ منهنجي تعريف ئي ڪندي. هروبرو ائين بہ ڪونهي تہ مان ابتا سبتا ڪم ڪندي آهيان. انهيءَ هوندي بہ آءٌ پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ آهيان، ۽ هن کي مون تي ڀروسو آهي.‘

”’تنهن جي معنيٰ، جي ڪو توسان دوستي رکڻ چاهي تہ هن کي توسان ڳالهائڻو پوندو؟‘ مون پڇيو.

”’ها بلڪل ها. تون ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي سڃاڻين، جيڪو مون سان دوستي رکڻ چاهي ٿو.‘

”’نڪو!‘

”آءٌ سندس سامهون هڪ ڪاٺ جي آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هوس، جنهن جي هڪ ٻانهن ڀڳل هئي. مون کي اِهو منظر اجا تائين ياد آهي. دريءَ طرف منهنجي پُٺ هئي ۽ سج جا ڪرڻا فرش تي پيا پئي، اوچتو هوءَ وڌي اچي منهنجي هنج ۾ ويٺي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي ڪلهن تي ڪٽي رکيائين ۽ چوڻ لڳي، ’سچ چئو!‘

”مون ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

”مون بنا ارادي، ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽي پڪڙيو ۽ هڪ هٿ سان سندس سهڻو چهرو پاڻ ڏانهن ڪيم. هن جي چهري تي سنجيدگيءَ جا آثار پئي بکيا. هوءَ منهنجي دل جي ڳالهہ سمجهي ويئي ۽ ڏاڍي بيتابيءَ منجهان پنهنجا چپ ڪٽي منهنجي چپن تي رکيائين. انهيءَ وچ ۾ هوءَ مون کي هڪ ٽڪ ڏسندي رهي. آءٌ هن جي اها حرڪت سمجهي نہ سگهيس، پر تنهن هوندي بہ جهڙيءَ ريت هن، پاڻ کي منهنجي حوالي ڪيو، تنهنجو نشو منهنجي گهرائين ۾ لهي ويو. مون سندس نرم لڱن کي ٿورو وڌيڪ پڪڙيو تہ هوءَ اٿي بيٺي.

”’نہ نہ.‘ هن چيو. ’تون هليو وڃ.‘

”’وڃان تہ ٿو، پر توسان گڏ. هليا، پاڻ هلون.‘

”’آءٌ تنهنجي پٺيان پٺيان اچان؟ تہ ڇا تون مون کي پنهنجي گهر وٺي هلڻ ٿو چاهين؟‘

”مون ڪيس وري پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽي سوگهو ڪيو، پر هن وري ڇڏائي ورتو.

”خبردار جو مون کي هٿ لاتو اٿئي. نه ته آءٌ رڙيون ڪري ماڻهن کي سڏي وٺندس ۽ پوءِ وري توسان ڪڏهن به ڪانه ملنديس.‘

”پياري، وهلور نه وڃ. آءٌ تنهنجو دوست بنجي آيو هوس. هاڻ بلڪ اجنبي ٿي پيو آهيان. تون پاڻ ئي منهنجي هنج ۾ ويٺي هئينءَ.‘

”آءٌ تنهنجي هنج ۾ انهيءَ ڪري اچي ويٺس، جو مون کي توسان محبت آهي، پر تون محبت بنان، مون کي ڀاڪر پائي نٿو سگهين.‘

”ڇا آءٌ توسان محبت نٿو ڪريان؟‘

”نه. آءٌ تنهنجو دل خوش ڪريان ٿي. ڇا آءٌ پنهنجي نموني جي ڀرئين ڇوڪري نه آهيان. توکي ڪيترين ئي ڪارن وارن واريون ملنديون ۽ اهڙيون ڇوڪريون گهڻين ۾ عام جام آهن.فيبريڪا ۾ اهڙيون ڇوڪريون به آهن. جيڪي مون جهڙيون سهڻيون آهن. تون انهن ڇوڪرين سان جيڪي وٽي، ڪري سگهين ٿو. جي تون چاهين ته انهن جا نالا به ٻڌايان. پر مون جهڙي ڇوڪري تو کي ’سان روڪ‘ کان ’تريانا‘ تائين ڪانه ملي سگهندي. آءٌ نٿي چاهيان ته ڪو مون کي اهڙيءَ ريت خريد ڪري، جيئن بازار مان ڪا ڳڏي خريد ڪجي. مون کي خبر آهي، ته جي آءٌ ڪنهن شخص سان هڪ ڀيرو ويس، ته پوءِ ڀير مون کي ڳولي ئي ڪين سگهبو.‘

”ڏاڪن تي قدمن جو آواز آيو. ڪونچا اٽي در کوليو ۽ سندس ماءُ اندر آئي.

”امان، ميٽئو توکي پُڇڻ آيو آهي.‘ هن چيو. ’هن جو خيال هو، تون بيمار آهين!‘

”هڪڙي ڪلاڪ کان پوءِ آئيس. مون کي ڪاوڙ پئي آئي ۽ سوچيم پئي ته وري اٽي واپس ڪين ويندس. پر افسوس جو آءٌ وري اتي ويس. هڪ ڀيرو نه، بلڪ هزار دفعا! عشق جي چرياڻپ منهنجي مٿان اهڙو ئي اثر ڪيو، جهڙو هر نوجوان تي ٿيندو آهي. توکي خبر آهي ته انهيءَ حالت ۾ ماڻهو ڪهڙيون بيوقوفيون ڪندو آهي. جيڪي ڳالهيون آءٌ ڪريان پيو، تن کي تون پاڻ سمجهندو هوندين. آءٌ جڏهن هن کان موڪلائيندو هوس، ته اِها ڀٽڪ هوندي هئي، سياٽي وري ڇوويهن يا ويهن ڪلاڪن کان پوءِ ملاقات ٿيندي. ۽ اهي ٻارهن سؤ منٽ ڇڻ گذرندا ئي ڪونه هئا.

”آهستي آهستي آءٌ سمورو ڏينهن وٽن رهڻ لڳس. سندس سڄو خرچ آءٌ ئي پورو ڪندو هوس. ايتريقدر جو مٿن جيڪو قرض هو، سو به لاهي ڇڏيم. هاڻ اِهو نٿو چئي سگهان ته مون سندس قرض ۽ ضرورتن تي ڪيترو خرچ ڪيو. پر تنهن هوندي به اها هڪ وڏي رقم هئي. شهر ۾ انهيءَ بابت ڪو هل ڪونه اٿيو ۽ مون کي يقين ٿي ويو ته انهن بي سهاري ماءُ ڌيءَ جو آءٌ پهريون ئي دوست آهيان. هنن جي اٽڻ ويهڻ ۾ ڪو ڏيکاءُ ڪونه هو. جنهن مان آءٌ پنهنجي مرضيءَ موجب

اسپين جي سيني زالن جا طور طريقا اهي ئي آهن. هنن جي اکين ۾ چمڪ هوندي آهي، آواز شانائتو ۽ هلڻيءَ منجهه هڪ خاص قسم جو چاڙهه هوندو آهي. پر جڏهن هو اڪيليون هونديون آهن، ته ڪاهلي ۽ سُستيءَ جي زندگيءَ ۾ لذت محسوس ڪنديون آهن. هو اهڙن زيورن جا خواب ڏسنديون رهنديون، جيڪي وٽن هئڻ گهرجن. اهي اهڙن محلن جي بابت سوچينديون، جنهن ۾ باقي زندگي گذاري سگهن. هو انهن اڻڄاتل عاشقن جا خواب ڏسنديون رهنديون، جيڪي سندن ڇاتين کي گرمائش پهچائي سگهن. اهڙي ئي ريت سندن زندگي گذري ٿي.

"روزاني زندگيءَ بابت به ڪونچا جو اهوئي خيال هو، جيڪو عام اسپيني زالن جو هوندو آهي. پر مون کي اِها سُڌ ڪانهي، ته محبت جو تصور هن ڪهڙي ملڪ جو اختيار ڪيو هو. آءٌ پورا ٻارنهن هفتا هن جا ناز سهندو رهيس، پر هن جي مرڪ ۾ اهي ئي وعده ۽ اهي ئي بهانا.

"اهو لاڳيتو انتظار، مون لاءِ عذاب کان گهٽ ڪين هو. ٽي مهينا انهيءَ حال ۾ گهارڻ کان پوءِ منهنجي حالت اها هئي، جو ڪنهن ڪم ۾ دل ئي ڪانه ٿي لڳي. ائين پئي لڳم، ته حياتيءَ منجهه ڪو لطف ئي ڪونهي. آخرڪار هڪڙي ڏينهن ڪونچا جي ماءُ جي اڳيان اڪيلائيءَ ۾ دل جي سموري ڪيفيت ظاهر ڪري ڇڏيم.

"مون صاف چيو مانس ته 'مونکي سندس ڌيءُ سان محبت آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته آءٌ کيس پنهنجو بنايان ۽ اهو به ٻڌايومانس ته هن کان سواءِ منهنجي دل ۾ ٻئي ڪنهن جو خيال به نه آهي. پڇاڙيءَ ۾ اهو به چيم ته، 'مونکي يقين آهي ته هوءَ به مون کي چاهي ٿي، پر هن کي مون تي ڪجهه بي اعتمادي آهي، جيڪڏهن کيس مون سان محبت ڪانهي، ته آءٌ مٿس جبر ڪونه ڪندس. پر جي منهنجي بدقسمتيءَ ڪري هن کي ڪو شڪ شبهو آهي، ته تون کيس سمجهاءِ.' مون کيس اهو به يقين ڏيارو ته هوءَ هميشه مون وٽ سکي رهندي. انهيءَ خيال کي سوچيندي ته متان پوڙهي منهنجين ڳالهين کي وزن نه ڏي، مون نوٽن جي هڪ دستي کيس ڏني ۽ گلوگير اها منٿ به ڪئي مانس ته هوءَ پنهنجي ڌيءُ کي ڪنهن به ريت اهو سمجهائي، ته آءٌ ساڻس ڪنهن طرح بيوفائي ڪونه ڪندس.'

"آءٌ گهر واپس آيس. منهنجي طبيعت پهرين کان وڌيڪ بي چين هئي. اها رات ڪجهه ٿڌي ۽ وڻندڙ هئي، پر مون کي سڪون نه پئي مليو. ايتريقدر جو انهيءَ رات سمهي به ڪونه سگهيس ۽ ڪيترا ڪلاڪ ورانڊي ۾ پئي پسار ڪيم. آءٌ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون سوچڻ لڳس.

"جڏهن صبح ٿيو ته، مون آس پاس مان، جيترا به گل مون کي ملي سگهيا، گهرائي، گهر ۾ هر هنڌ ۽ ڏاڪڻ تي وجهي ڇڏيا، ته جيئن هوءَ مون وٽ انهن گلن

ڪجھ مونتي گذري چڪو هو، سو منهنجي دل تان ميسارجي نہ سگهيو. منهنجي حياتيءَ جي ڀڃ ڪنهن ۾ واقعي مون کي ايترو پريشان نہ ڪيو هو.

"منهنجو خيال هو تہ آءٌ زندگيءَ جو هڪ نئون دؤر شروع ڪندس. منهنجو خيال هو تہ اها محبت هڪ اڻ کٽندڙ عرصي تائين، بلڪ سڄي زندگي تائين منهنجو ساٿ ڏيندي. پر سڀ ڪوششون ناڪام ٿي ويون. مون کي ڪاٻہ اهڙي ساعت ياد ڪونہ هئي، جيڪا مون هن ڇوڪريءَ سان گڏ گذاري هئي. جي مون کي اهڙي ڪنهن بہ ساعت جي يادگيري اچي سگهي ها، تہ شايد منهنجي دل کي ڪجھ آٿت ملي ها.

"مون کي ڪونچا سان ڪيتريقدر محبت هئي! خدا ڄاڻي تہ تہ مون کي هن سان ڪيتريقدر نہ محبت هئي. پوءِ مون سوچيو، هن مون کي جو ائين ڇڏي ڏنو، انهيءَ تي هوءَ حق تي آهي. ڇو تہ مون پاڻ کي هن جي سامهون بلڪل بيوقوف ثابت ڪيو آهي. جي هيءَ مون کي وري ملي وڃي، جي قريل دولت پيهر منهنجي هٿ لڳي وڃي، تہ آءٌ هن جي قدمن ۾ ڪري پوندس ۽ تيستائين هن جي قدمن ۾ پيو هوندس، جيستائين، هوءَ 'هائوڪار' نہ ڪندي. پوءِ پل مون کي ورهيہ انتظار ڪرڻو پوي، پر آءٌ تڪڙ ڪونہ ڪندس، نڪو اُبهرو ٿيندس. آءٌ سمجهان ٿو تہ هن جا جذبات ۽ احساس ڇا آهن. هوءَ رڳو مون کي آزمائي ٿي تہ جيئن ڪيس منهنجي محبت تي ويساھ ٿئي ۽ جيڪر هوءَ مون کي پاڻ پيرو ڪري تہ مان فقط سنڌس ٿي هجان. آءٌ بہ هميشہ ائين ئي ڪندس، جيئن هوءَ چاهيندي. پر ڇا هوءَ مون کي پيهر ملندي. اهو تصور ڪندي دل جو ڦٽ پيهر تازو ٿي ويندو هو.

"نيٺ اسان جي ملاقات ٿي وئي. بهار جي موسم ۾. هڪ شام جو آءٌ ڪجھ ڪلاڪ 'ڊيوڪ ٿئيٽر ۾ ويٺو هوس جڏهن ٻاهر نڪتس تہ رات بلڪل خاموش هئي. چوڌاري رونق گهٽ پئي ڏني. آءٌ ڪشادي سڙڪ "الميدا" تي هلندس پئي. سگريٽ جا ڪش هڻندي جڏهن واپس موٽيس پئي، تہ ڪنهن منهنجو نالو وٺي مون کي آهستي سان سڏيو. جڏهن مون آواز سڃاتو تہ منهنجي لڱن مان سيسرات نڪري وئي.

"'ڊان مينئو!'

"مون پٺيان مڙي ڏٺو، اُتي ڪوبہ موجود نہ هو. پر تنهن هوندي بہ اهو يقين هوم تہ آءٌ خواب نہ پيو ڏسان.....

"'ڪونچا!' مون بيتابيءَ منجهان چيو، 'تون ڪٿي آهين؟'

"'آهستي! نہ تہ امان جاڳي پوندي.'

"هوءَ هڪ دريءَ منجهان ڳالهائي رهي هئي، جيڪا منهنجي ڪلهن تائين اوچي هئي. ۽ هوءَ سيخن جي پٺيان بيٺي هئي.

''تنهن ڪانپوءِ؟'

''پوءِ؟ ڇا تون سمجهين ٿو ته تنهن کان پوءِ مون کي واقعي ڪا ڏکيائي ٿيندي؟'

'مون کو جواب ڪونه ڏنو ۽ هوءِ ڳالهائيندي رهي. هن جو آواز ديول جي گهنٽين جيان گونججي رهيو هو. هن جون ٻانهون ٺونٺين پر رکيل هيون ۽ سندس هڪ هٿ سندس ڳهاٽن وارن ۾ گم ٿيل هو. هن پنهنجي مٽي کي آڱرين سان جهليل هو.

''تون مون کي سچائين ٿو، ته جي مون کي هٿ رهڻو پيو، ته منهنجي لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. پر توکي ڪنهن ڇيو ته آءٌ انهيءَ ڳالهه جي ڪري فڪرمند آهيان. گئبريل سال آءٌ لاڳيتا ٽي هفتا 'لاميڪاونا' جي پٽين جي ڇانو هيٺ ستي هيس ۽ هو ڏاڍو چڱو ماڻهو هو، جيستائين مان ستل هوندي هيس، هو پهرو ڏيندو هو ۽ ڪنهن کي به منهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيندو هو. مان اڄ به انهيءَ حالت ۾ گذارو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. آءٌ گهٽين ۾ رلي ڏينهن گذاري سگهان ٿي. رات جو ڪنهن ڦٽ پاٿ تي سمهي سگهان ٿي. تون منهنجي بابت گهڻو فڪر نه ڪر. ڏينهن جو آءٌ فيبريڪا يا ڪنهن ٻئي هنڌ ڪم ڪري سگهان ٿي، يا ڪيلا وڪڻڻ شروع ڪندس، مون کي شال اُڻڻ به اچي ٿي. ڪپڙن تي گل پرڻ اچن ٿا. گلدستا ٺاهي سگهان ٿي، نچڻ به ڄاڻان ٿي. تون ڇو ٿو فڪر ڪرين ڊان ميڻٿو؟ منهنجو گذارو ٿي ويندو.'

'هوءِ تمام آهستي ڳالهائي رهي هئي. پر آءٌ هن جي هڪ هڪ لفظ کي ٻڌي رهيو هوس. آءٌ هن جي گفتگو کان وڌيڪ هن جي چپن جي چرپر کي ڏسندو رهيس. هن هڪ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ چيائين:

''ميڻٿو، سچائي کان آءٌ تنهنجي ٿي رهندس.'

'آءٌ ڏکڻ لڳس. 'تون پنهنجي دل جي ڳالهه ڪونه ٻئي ڪرين.'

''آءٌ سچ ٿي چوان.'

''ته پوءِ پياري، ايتري دير ڇو؟ جي تون راضي هجين، جي توکي مون سان محبت....'

''مون کي شروع کان ئي توسان محبت آهي.'

''ته پوءِ هينئر ڇو نه؟ توکي منهنجي اندر اچڻ ۾ ڪهڙو اعتراض آهي.'

''توکي آچر جي رات تائين ترسڻو پوندو. اڄ منهنجو جسم پاڪ نه آهي. جي مون کي توهان پيٽ ٿي پيو، ته منهنجي ٻار تي لعنت وسندي. سچائي آءٌ پادريءَ جي روبرو گناهه جو اقرار ڪنديس، اهو ٻڌائيندي ته گئبريل اٺ ڏينهن مون ڪيئن گذاريا ۽ اهو به ٻڌائيندي سانس ته تنهنجي هنج ۾ ويهي آءٌ ڇا ڪنديس. جيئن گناهه

هيٺ ٻيهڻ جي جرئت ڪين ڪئي، ته متان هو ناراض ٿي پئي. مون کي انهيءَ خيال ڏاڍو ايذاءُ پئي رسايو. ته هوءَ دريءَ جي شيشن مان مون کي مڇيءَ وانگر تڙپندو ڏسندي هوندي.

”ميٺو،“ نيٺ هن مون کي سڏيو.

”انهيءَ وقت مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ آءٌ پندرهن سالن جو نوجوان آهيان. مون کي پنهنجي زندگيءَ جا گذريل ويهه سال، جيڪي مون عشق محبت ۾ گهاريا هئا، سي هڪ خواب مثل پئي لڳا. مون کي ائين به محسوس پئي ٿيو ته آءٌ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجا چپ هڪ عورت جي چپن سان ڇهڻ لڳو آهيان. هن جي جوان ۽ گرم وجود کي جهڪيل ڀرپور پنهنجين ٻانهن ۾ سوگهو ٿيل محسوس ڪيم. جيئن آءٌ اندر پهتس ته مون بيچيني ٿي ڪيس ڀاڪر پاتو.

”هوءَ منهنجي جسم سان لڳيو بيني هئي. هن جو بدن سيٺيل هو. اسان ٻنهي جا چپ هڪ ٻئي کي ڇهي رهيا هئا. اسان جا مٿا ٻئي گڏ جهڪيل هئا. ٻئي ٽڪا ٽڪا ساهه کڻي رهيا هئاسين. اسان جون اکيون ٻوٽيل هيون. مون کي انهيءَ کان پهرين ڪڏهن به ڪنهن عورت کي چمڻ ۾ ايتري لذت ڪونه محسوس ٿي جيتري انهيءَ وقت ٿي هئي. مان پاڻ کي بلڪل مختلف دنيا ۾ محسوس ڪري رهيو هوس. مون کي ڪجهه به سُجهيو ڪونه پئي ته اسين ڪٿي آهيون ۽ ڇا پيا ڪريون. حال جي ڪيفيت جي اڳيان ماضي ۽ مستقبل ٻئي ڦڪا پئي لڳا. هن وري پنهنجا چپ، منهنجي چپن سان گسيا. آءٌ پنهنجين ٻانهن ۾ هن جي لڱن جي گرمي محسوس ڪري رهيو هوس. مون سندس چولي مان هن جو پيٽ به محسوس ڪيو.

”منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي.“ هن ٿڙڪيو. ’مهرباني ڪري ٿورو ترس - ائين پيو لڳيم، ڄڻ آءٌ غش ڪائي ڪران ٿي - هليا اڳڻ ۾ هلون. ٿوري دير ٿڏي تي ليٽندس - ٿورو ترس - مون کي توسان محبت آهي، پر مون کي غش پيا اچن.‘

”آءٌ در ڏانهن وڌيس.

”نه اهو در نه، اهو در امان جي ڪمري ڏانهن ويندو. هتان هليا.... اچ.“

”ائين اڳڻ ۾ پهتاسين، چانڊاڻ ڦهليل هئي. ۽ آسمان تي جهڙ جو هڪ ٽڪر ڊوڙندو پئي ويو. هوءَ ٿڏي تي سنئين سڌي ليٽي پيئي. هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو.

”منهنجا دوست، ڇا تون مونسان محبت ڪندين؟“

”تون اهو سوال مون کان ڪيئن پئي پڇين؟“

”تون ڪيتري عرصي تائين مون سان محبت ڪندين؟“

”آءٌ اهڙي قسم جي سوالن کان گهبرائيندو آهيان. سڀ زالون اهوئي

ڪيتري حد تائين محبت هئي. آخر وقت تائين به هن اهوئي ظاهر ڪيو، ته هن کي اجا ڪنهن به مرد هٿ ڪونه لاتو آهي.

"هن ڏائڻ جا ڪيو جو گهران ٿي، پنهنجي چيلهه جي هيٺان چوڏاري ڪينوس جو هڪ ٽڪرو ويڙهي آئي، جيڪو ايتريقدر سخت ۽ مضبوط هو، جنهن مان شايد ڏڍي جو سڳ به پار نه وڃي سگهي ها. مون کي انهيءَ حقيقت جي خبر، انهيءَ ويل پئي، جڏهن منهنجي رڳن ۾ نسوري باهه پئي ٻوري.

"ڪي ساعتون ته ائين محسوس ڪيم، ڄڻ هن کي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيندس. پر اها حالت جلدي ختم ٿي ويئي. آءٌ توکي بنا ڪنهن شرم ۽ حيا جي ٻڌايان ٿو ته مون پنهنجو مٿو ڪٽي جهڪايو ۽ منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

"مون کي روئڻ انهيءَ ڳالهه تي پئي آيو ته هن ڇوڪريءَ اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته منهنجي جواني بلڪل بيڪار آهي. ٻاويهن ۽ پنجٽيهن سالن جي وچ ۾ ڪي حرڪتون اهڙيون به ٿينديون آهن، جن کان ماڻهو دامن بچائي ٿو. جي آءٌ ڪجهه جوان هجان ها، ته ويساهه ڪر ڪونچا مونسان اهڙو سلوڪ نه ڪري ها. مون کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ هاڻ جنهن به عورت سان مونکي واسطو پوندو، انهيءَ پڻ پنهنجي چيلهه جي هيٺان چوڏاري ڪينوس جو اهڙو ٽڪر ويڙهي رکيو هوندو. اهو ٽڪر، جيڪو منهنجي ۽ محبت جي وچ ۾ هڪ اڏ هوندو.

"'وڃ هلي،' مون چيو. آءٌ سمجهي ويس.

"پر هوءَ اوچتو گهٻرائجي ويئي. هن پنهنجين نئين پر مضبوط ٻانهن سان مون کي ڀاڪر پاتو. هن پنهنجا چپ منهنجي چپن تي رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: 'منهنجا پيارا، آءٌ توکي جو ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، ڇا تون انهيءَ مان راضي نه آهين؟ تو لاءِ منهنجو سينو، منهنجا چپ، منهنجو ٽنگون، منهنجا سرها وار حاضر آهن. تون منهنجي لڱن کي پنهنجين ٻانهن ۾ پڪوڙي سگهين ٿو. تون منهنجا چپ چمي سگهين ٿو. ڇا اهو سڀ تولاءِ ڪافي نه آهي. ڇا انهيءَ جو اهو مطلب نه آهي ته توکي مونسان محبت نه آهي، پر انهيءَ شيءِ سان آهي، جيڪا هن وقت ڏيڻ کان مون کي انڪار آهي. اها شيءِ توکي ڪابه عورت پيش ڪري سگهي ٿي. تون ايترو بيقرار ڇو آهين؟ ڇا انهيءَ لاءِ جو توکي اها به خبر آهي ته اڄ تائين مون کي ڪنهن به مرد ڪين ڇهيو آهي. شهر ۾ توکي گهٽيون ڙالون ملنديون. ميٺڙو، تون مونسان اهڙيءَ ريت محبت ڪر، جيئن آءٌ چاهيان ٿي. ٿورو ٿورو ڪري ٻاڻ کي جهل، صبر ڪر، توکي خبر آهي ته آءٌ تنهنجي آهيان- رڳو تولاءِ جيئري آهيان. پيارا انهيءَ کان سواءِ تون ٻيو ڇا ٿو چاهين؟'

"فيصلو اهو ٿيو ته اسان جي ايندڙ ملاقات، هن جي گهر ۽ منهنجي گهر ٿيندي ۽ انهيءَ ملاقات ۾ جيڪي ڪجهه ٿيندو، سو هن جي مرضيءَ مطابق ٿيندو.

مون اهو وعدو ڪيو ۽ ڪيس انهيءَ وعدي تي مجبور ڪيم ته پيهر اهو منحوس ڪينوس ڪين ويڙهيندي. انهيءَ وعدي ڪان سواءِ هن پيري به مون کي ڪجهه نصيب نه ٿيو. جڏهن پهرينءَ رات هوءَ بنا ڪنهن ڪينوس جي مون وٽ آئي، ته منهنجي ذهني ڪيفيت کي ٻڻ وڌيڪ ايذاءَ رسيو.

"هن ڇوڪريءَ مونکي پنهنجو نوڪر سمجهيو هو. انهيءَ موقعي تي اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته هوءَ ڳالهين ۾ مون ڪان پئسا به گهرندي هئي ۽ آءٌ هر پيري ڪيس پئسا ڏيندو هوس. آءٌ هر رات پنڌرهن سالن جي انهيءَ ڇوڪريءَ جي اگهاڙي جسم کي، پنهنجي هنج ۾ رکندو هوس. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونه هو ته هن جا جذبات ڪونه اُٿندا هئا. هوءَ به مون وانگر ئي جذبات جي باهه ۾ جلندي رهندي هئي. پر مون سان سندس رويو ڪجهه اهڙي ريت هو، ڄڻ خود قدرت کي اهو منظور نه هو، ته هوءَ پنهنجي حيواني جذبن جي پورائي ڪري سگهي. ائين لڳندو هو ڄڻ هن جي انهيءَ رستي ۾ قدرت جي آڏ آهي.

"آءٌ نٿو چئي سگهان ته هوءَ مون سان ڇو اهڙي ريت هلندي رهي. تون پاڻ ٿوريءَ دير ڪان پوءِ انهيءَ جو مطلب سمجهي ويندين. خير مون ڪيس پوريءَ طرح آزاد رکيو ته هوءَ پل جيترو چاهي مون کي بيوقوف بنائي.

"اينڊا لوزيا، جي علائقي جون عورتون بناوٽي محبت ڪونه ڪنديون آهن. ڪين سچي محبت ئي ڪرڻ اينديءَ آهي. پر ڪونچا ۽ منهنجي وچ ۾ ڪجهه به نه ٿيو- بلڪل ڪجهه به نه. تون سمجهندو هوندين ته 'ڪجهه به نه.' ڇوڻ سان منهنجو ڪهڙو مطلب آهي؟ اهو سلسلو پورا ٻه هفتا هليو. چوڏهينءَ جي رات، هن مون ڪان، پنهنجي ماءُ جي رهيل اوڌر، لاهڻ لاءِ هڪ هزار 'ڊورو' (اسپين جو هڪ سڪو) گهريا. مون ڪيس ڏنا ۽ جڏهن پنڌرهين تاريخ آءٌ سندس گهر ويس، ته خبر پيم ته هوءَ گهر ڇڏي، ڪيڏانهن ويئي هلي آهي."

## 9

"انهيءَ واقعي مون کي ڏاڍو ايذاءُ رسايو. پر انهيءَ ڪان وڌ، مون کي ڪونچا جي سلوڪ شرمسار پئي ڪيو. مون انهيءَ شيطان ڇوڪريءَ جي فطرت کي چڱيءَ ريت پروڙي ورتو. هاڻ مون هن کي پنهنجي ذهن منجهان ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي وسارڻ خاطر، مون کي پنهنجي طبيعت تي ڏمر ڪرڻو پيو. مون 'ميڊرڊ' کي ڇڏي ڏنو. مون پڪو ارادو ڪيو ته جيڪا ڀهرين سهڻي منهنجي نظر کي وڻندي، تنهن کي پنهنجي محبوبه بڻائيندس.

"آءٌ شهر شهر رليس، آخرڪار منهنجي ملاقات هڪ اٽلين رقاصه سان ٿي،

جنھنجو بدن گوشت سان ڀرپور ھو. ھن جون ننگون ٽلھيون ۽ موڪريون ھيون، جي ھوءِ ڪنھن گھرجي چئن ڀتين اندر رھي ھا، تہ شايد وڏيڪ چڱي لڳي ھا. پر جيڪي وصفون ھڪ محبوبہ لاءِ ضروري آھن، اھي ڪين ھيس. ھن ۾ ڪجھہ وصفون ھيون، يعني محبت جو جوش ضرور ھوس. ڳالھہ ڪي مڃيندي بہ ھئي. ھن مون کي اھي سڀ برايون سيکاريون جيڪي 'نيپلز' ۾ ٿينديون ھيون، ۽ جن کان آءٌ بي خبر ھوس، ۽ جن مان مون کي لذت حاصل ٿيندي ھئي، پر ھن کي مون کان بہ ٻيٽي لذت محسوس ٿيندي ھئي. مون ڏٺو، ھوءَ مون کي پنھنجي ويجھو رکڻ لاءِ بيقرار ھئي. مون اھو بہ ڏٺو تہ ھن جي محبت جي جوش جو رڳو اھو سبب ڪونہ ھو تہ آءٌ سندس ناز نخرا سھان ٿو.

"پر افسوس اٿم تہ آءٌ ھن سان محبت نہ ڪري سگھيس. اھڙي ڪا ڳالھہ بہ ڪانہ ھئي، جو آءٌ ڪيس ٺڪاريان. ھن مون سان بيوفائي ڪين ڪئي ۽ نڪي ڪڏھن منھنجي ڪنھن ڳالھہ تي ھروڀرو انڪار ڪيائين. ائين پئي لڳو، تہ ھن کي منھنجو اوٺايون ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ پئي آيون. ھن ڪابہ اھڙي ڳالھہ نہ ڪئي، جنھن جي ڪري مون کي دوستن آڏو شرمسار ٿيڻو پوي. ھو زبان سان ڪا ڳالھہ ڪانہ چوندي ھئي، پر ھن جي جذبن جو ڏيکاءُ، ھن جي لڳن جي ھڪ ھڪ انگ مان ٿيندو ھو. جيتوڻيڪ ھوءَ ڪمائتي زال ھئي، پر منھنجي دل ۾ ھن لاءِ ڪا گرمي پيدا نہ ٿي سگھي.

"ٻہ مھينا آءٌ گوليا سان گڏ سندس ڪمري ۾ ھيس. اھو ڪمرو مون 'لوپ ڊي ويگا' جي سڙڪ جي ڇيڙي تي مسواڙ تي ورتو ھو. مان ھنجي طبيعت تي ڏمر ڪيو. گوليا سان رھيل ھوس. ھوءَ مون وٽ ايندي ھئي، ھيڏانھن ھوڏانھن ٽلندي ناز ڏيکاريندي ھئي، پر ھنجي جذبن ۾ ڪا ھلچل نہ ٿي. مان گوليا سان سٺ راتيون ستس. رات جو جڏھن بتيون وسائي ھوءَ مون کي ڇھندي ھئي، تہ الائي ڇو ائين محسوس ڪندو ھوس، تہ ڄڻ اسان ٻنھي جي وچ ۾ ڪو ٽيون ماڻھو بہ موجود آھي. انھيءَ ڪان پوءِ آءٌ مايوس ٿي اتان ڀڳس.

"آءٌ سيوائل موٽي آيس. مونکي پنھنجي گھر ۽ قبرستان ۾ ڪو فرق محسوس نہ ٿيو. اتان بہ ڪڪ ٿي 'قرطبہ' ويس، اھو بلڪل خشڪ ۽ ماٺيڻو لڳم. قرطبہ کان 'جزير' ڏانھن ڀڳس، جتي جي آب ھوا شراب جي بوءِ سان واسيل ھئي. جزير مان 'ڪڊيز' ھليو ويس.

"انھيءَ سفر ۾، آءٌ ڪنھن بہ ارادي کيل ڳالھہ تي عمل ڪونہ ڪري رھيو ھوس، پر ائين پئي لڳم، ڄڻ ڪا غيبي طاقت ئي مون کان اھو ڪي ڪرائي پئي. انھيءَ عرصي ۾ چار ڀيرا منھنجي ملاقات ڪونچا پريز سان ٿي. اھي ملاقاتون اتفاقي ڪونہ ھيون، ڇو جو آءٌ اھو مڃائي ڪونہ، پر اھو ضروري ھو تہ آءٌ وري

هن جي جار ۾ ڦاسجان.

”آءٌ ’ڪليز‘ شهر ۾ هوس.

”هڪ شام، اتي جي ناچ گهر ۾ ويس، اتي مون ڪيس ڏٺو. هوءَ نچي رهي هئي. سندس سامهون ٽيهه مهاڻا، ٽيهه ڪن خلاصي ۽ بيوقوف قسم جا پرڏيهي ويٺل هئا. جيئن ئي منهنجي نظر مٿس پئي، آءٌ ڏڪڻ لڳس. منهنجي منهن جو پنو لهي ويو. ساهه تيز ٿي ويو. آءٌ اُتيئي در وٽ پيل بينچ تي ويهي رهيس. ميز تي ٺونٺيون رکي آءٌ پري کان ڪيس تڪڻ لڳس. آهستي آهستي ائين پئي محسوس ٿيم، ڄڻ منهنجي جسم ۾ وري ساهه پئجي ويو آهي.

”هوءَ اجا تائين نچي پئي. هوءَ ڏاڍي جوش ۾ هئي. هن جو منهن ڳاڙهو پئي ٿيو. هن جون ڇاتيون لڏڪي رهيون هيون. ٻنهي هٿن ۾ دف هئا، جن کي هوءَ وڄائي رهي هئي. مون کي اهو يقين ٿي چڪو هو، ته هوءَ مون کي ڏسي چڪي آهي، پر هن مون ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هن ناچ ختم ڪيو. ماڻهن زور سان تاڙيون وڄايون، پوءِ ڪي ماڻهو جوش ۾ اچي اسٽيج تي پنهنجيون ٽوپيون اڇلڻ لڳا. سڀ ماڻهو اٿڻ لڳا. ڪونچا انهن کي سلام ورايو. هن جي ڇاتي، زور سان ساهه کڻڻ ڪري، هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. هن جي چپن تي هلڪي مرڪ هئي، جنهن منجهه ڪاميابيءَ جو احساس ۽ نفرت، ٻئي جذبا نظر پئي آيا.

”رواج مطابق، هوءَ اسٽيج تان لهي آئي ۽ ماڻهن جي وچ ۾، هڪ ميز تي ويهي رهي. ايتري ۾ هڪ ٻي رقاصا اسٽيج تي چڙهي. ڪونچا کي اها خبر پئجي چڪي هئي، ته ساڳئي هنڌ، هڪ ڪنڊ ۾، خدا جو هڪڙو اهڙو بندو به ويٺل آهي، جو سندس پوڄا ڪري ٿو. جيڪو هيڏي ساري گوڙ منجهه به، ڪيس پيرين پئي، ٻاڏائڻ کان به لهرائي نٿو سگهي ۽ جنهن جي دل جي چوٽ، ڪيس رڙين ڪرڻ تي مجبور پئي ڪري.

”هر شخص کي هن جي نالي جي خبر هئي. مون آواز ٻڌو: ’ڪونچا!‘ منهنجي نس نس ۾ باهه ٻرڻ لڳي. ماڻهن ڪيس شراب آڇيو. ڪن سندس اگهاڙين ٻانهن تي هٿ ڦيريا. هڪ جرمن خلاصي، ڪيس ڳاڙهو گل ڏنو. جيڪو هن پنهنجي وارن منجهه هنيو. هڪ شخص ڪا بيهودي چرچ ڪئي، جنهن تي ڪونچا سندس وار پٽيا. هڪ شخص جيڪو عورتن جي جهمگٽي ۾ ويٺو هو، ڪونچا هن جي ڳلن تي هٿ ڦيرائڻ لڳي. جي اوڏيءَ مهل وس پڄيم ها، ته انهيءَ شخص کي ماري وجهان ها.

”انهيءَ پنجاهه منٽن جي عرصي منجهه، هن جيڪي حرڪتون ڪيون، سي منهنجي دل تان اجا ميسارجي نه سگهيون آهن. اهڙيون ڳالهيون درگذر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

”سيني وٽان ٿي. هوءِ مون وٽ آئي. هن جي چهري تي ڪنهن قسم جي حيراني يا پريشاني ڪونه هئي. هوءِ منهنجي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ تاڙي وڄائي. بيري کي سڏي چيائين. ’ٽونيو. هڪ ڪافيءَ جو پيالو آڻ.‘

”مون ڪيس آهستي سان چيو. ’ڪونچا. تون ڪنهن کان ڊڄين نٿي؟ ڇا تون موت کان به نٿي ڊڄين؟‘

”’نڪو. ۽ ڏس آءٌ تنهنجي هٿان ڪونه مرندس.‘

”’مونکي آڪڙ ٿي ڏيکارين؟‘

”’ڊان ميٿئو. آءٌ توکي سڃاڻان ٿي. آءٌ نوَ مهينا تنهنجا ناز سهندي رهيس. تون مون کي ڪوبه چيهو نٿو رسائي سگهين. تنهنجو خيال صحيح آهي. ته آءٌ هاڻ توسان محبت نٿي ڪريان.‘

”’تون اهو چئي سگهندينءَ. ته تون مونسان محبت ڪندي رهي آهين؟‘

”’ڇا به سمجهين. پر سمورو ڏوهه تنهنجو آهي.‘

”هوءِ منهنجا عيب ٻڌائڻ لڳي. مون کي انهيءَ جي توقع رکڻ ئي کپي ٿي.

”’ٻه پيرا.‘ مون چيو. ’تون ٻه پيرا مونسان اهڙو سلوڪ ڪري چڪي آهين. مون پنهنجي دلي وابستگيءَ جو اظهار ڪندي توکي جيڪو ڪجهه ڏنو. تون انهن کي ٺڳي. ائين. پڳين. جو نڪي پنيان ڪو نياپو ڇڏيئه ۽ نه وري ڪو خط. منهنجو آخر ڪهڙو ڏوهه آهي. جو تو مون سان اهڙو رويو اختيار ڪيو.‘

”’ڪميٽي ڇوري.‘ مون ڏند ڪرٽيندي چيو.

”پر هوءِ پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ لڳي.

”’تنهنجو ڇڻ ڏوهه ئي ڪونهي. تو مون کي دوکو ڏنو. ڇا تو قسم کائي. اهو اقرار ڪونه ڪيو هو. ته آءٌ تنهنجين ٻانهن ۾ محفوظ رهنديس. ۽ تون مون کي پنهنجي گناهه جي رات ۽ وقت متعلق سوچڻ ڏيندين؟ ڇا تو گنريل ملاقات کي وساري ڇڏيو؟ تو سمجهيو ته آءٌ سٽل آهيان ۽ ڪجهه محسوس نٿي ڪري سگهان- ميٿئو. مون کي خبر هئي. ته جي آءٌ توسان هڪ رات وڌيڪ سمهان ها. ته تنهنجي چار مان پاڻ بچائڻ ڏايو اٿانگو هو. اهوئي سبب هو. جو آءٌ اتان ڀڳس.‘

”پر اها سندس لباڙ هئي.

”مون چيو. ’اها ڳالهه آهي. جنهن تي تون بگڙين پئين. مون کي خبر آهي. هت تون ڪهڙيءَ ريت زندگي گهاري رهي آهين ۽ ڪيترا مرد تنهنجي هنڌ تي روز مٽجن ٿا.‘

”هوءِ اٿي بيٺي. ڪاوڙ منجهه ڳاڙهي ٿي پئي.

”’ائين نه چئو ميٿئو. مون کي قسم آهي پنهنجي ٻيءَ جي قبر جو. آءٌ هڪ معصوم ٻار وانگر آهيان. مون کي توسان نفرت آهي. هاڻ تون منهنجي چال چلن

هوندي ٻه ڇاڪاڻ ته آءُ سندس زبان تي اعتبار پيو ڪندو هوس.

”’جڏهن نچندي نچندي، اسين ٿڪجي پونديون آهيون.‘ هن چيو، ’ته اسان کي ڪلاڪ کن سمهڻ جي اجازت ملندي آهي، نه ته جيڪر اسين اسٽيج تي ئي سمهي پئون.‘

”جڏهن هوءَ مٿي ويئي، تڏهن آءُ تازي هوا کائڻ خاطر اڌ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر نڪري آيس. موٽندي، هٺ ٿي مون کي هڪ بيوقوف رقاصا ملي، جنهن جو نالو ’گيليگا‘ هو، جيڪا مڙيئي ڪجهه پيتل هئي. هن چيو، ’تون تمام جلد واپس آيو آهين.‘

”’ڇو؟‘

”’ڪونچا اچا مٿي آهي.‘

”’آءُ سندس جاڳڻ تائين ترسندس.‘

”ائين لڳو ڄڻ هن منهنجي ڳالهه ٻڌي ڪونه.

”’جاڳڻ تائين؟‘

”’ها، ڳالهه ڇا آهي؟‘

”’هوءَ ستل ته ڪانهي.‘

”’پر مون کي چيائين آءُ سمهان ٿي وڃين.‘

”هن ڏاڍو ضبط ڪرڻ چاهيو، پر هن کان ٽهڪ نڪري ويو. آءُ واتڙو ٿي ويس.

”’هوءَ ڪٿي آهي؟- ٻڌاءِ ته.‘ مون ٻاڻهن مان جهليومانس.

”’هوءَ انگريز کي پنهنجو اگهاڙو جسم ڏيکاري رهي آهي، پر مون کي، اهي ڳالهيون توکي نه ٻڌائڻ گهرجن ها. آءُ ڪنهن سان وڙهڻ نٿي چاهيان.‘

”يقين ڪر، مون ڪاٻه بيچيني ڪانه محسوس ڪئي، پر ائين لڳم، ڄڻ منهنجو سارو وجود ٿڌو ٿي پيو آهي.

”’گليگا‘، مون کيس چيو، ’مونکي مٿي وٺي هل.‘

”هن ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

”’آءُ ڪنهن کي به اها خبر نه پوڻ ڏيندس، ته تو مونسان ڪا ڳالهه ڪئي آهي.‘ مون چيو، ’جلدي ڪر، مون کي وٺي هل.... هوءَ منهنجي محبوبه آهي.... مونکي مٿي وڃڻ جو حق آهي.‘

”ايترو چئي مون سندس هٿ ۾ هڪ سونو سڪو رکيو. ٿوري دير کان پوءِ آءُ هڪ بالڪونيءَ منجهه اڪيلو بيٺو هوس. دريءَ منجهان مون جيڪو منظر ڏٺو منهنجي لاءِ سچ پچ اهو دوزخ جي منظر کان گهٽ نه هو.

”مٿي هڪ ٻيو ناچ گهر هو. جيڪو هيٺين کان ڪي قدر ننڍو هو، جنهن ۾ روشنيءَ جو سٺو انتظام هو. انهيءَ جي اندر وچ ڪمري ۾ هڪ ٿلهو هو، جتي به

نچنديون آهن.'

''اها ڳالهه منهنجي دماغ مان نڪري چڪي هئي.

''ٻن مهينن کان هت اچين پيو. ۽ اها ڳالهه وساري چڪو آهين!'

''چپ ڪر، تنهنجيون ڳالهيون مون کي تڪليف پيون پهچائين.'

''ميٽئو، تون جيڪي اڄ رات ڪيو آهي، تنهنجو آءُ ضرور وير پاڙيندس. آءُ چوان ٿي تون ڪير آهين؟ توکي ڪهڙو حق آهي، منهنجن ڪمن ۾ دخل ڏيڻ جو؟ تون منهنجو پيءُ آهين ڇا، يا منهنجو مڙس آهين!..... ڇا منهنجو عاشق آهين؟'

''ها، آءُ تنهنجو عاشق آهيان؟'

''بس، ايتري ڳالهه ڪري خوش پيو ٿين!' هوءَ نڪ ڦوندي ڪلڻ لڳي.

''منهنجي منهن جو پنو لهي ويو.

''پياري ڪونچا، مونکي ٻڌاءِ، ڇا مون کان سواءِ تنهنجو ڪو ٻيو به عاشق آهي؟ جي تون ڪنهن ٻئي کي پنهنجي دل اربي چڪي آهين، ته قسم ٿو کڻان، آءُ تنهنجي رستي مان هٽي ويندس.'

''منهنجي جان فقط پنهنجي خاطر آهي. ميٽئو، مون لاءِ پنهنجي جان کان سواءِ ٻيوڪي املهه ڪونهي. دنيا ۾ ڪو شخص اهڙو نه آهي، جيڪو مون کي خريد ڪري سگهي.'

''پر اهي شخص، جيڪي سويل هت ويٺا هئا.....؟'

''آءُ انهن کي سڃاڻان به ڪين.'

''آءُ ڪيئن مڃان.'

''تنهنجو خيال آهي ته آءُ ضرور ساڻن ملي هونديس. ٻڌ، هو انگريز آهن، جيڪي هوٽل جي ڪنهن ماڻهوءَ ساڻ هت آيا هئا. سپاڻي ٻئي 'طنجه' ويندا هليا. ڏس، سيني ڪمرن ۾ رهي ڏس، ته ڪٿي به توکي ڪو پلنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي ڪنهن سان سمهي سگهجي. تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي. آءُ بلڪل بيگناهه آهيان.'

''جيڪر هوءَ انهيءَ ڪان به اينگي نموني ۾ پنهنجي صفائي بيان ڪري ها، ته به مونکي مڃڻو پوي ها. مان اهوئي ٿي ڪري سگهيس. مون کي ٻپ هو، ته متان هوءَ پنهنجي گناهه جو اعتراف نه ڪري وٺي.

''اڃا به هڪ سوال بيچين پئي ڪيو. مون ڏڪندي پڇيو، ' ۽ مورنٽيو؟.... ڪونچا مون کي سچ ٻڌاءِ- قسم سان چوڻ ته مون کان ڪجهه لڪائيندينءَ ڪونه- آءُ توکي منٿ ٿو ڪريان- صحيح ٻڌاءِ!'

''مورنٽيو؟.... اڄ صبح جو هو منهنجي هنڌ ۾ ئي هو.'

''ساعت ڪن ته ائين لڳم، جڻ هوش ۽ حواس وڃائي چڪو آهيان، پر جلدي

تون سمجهين ٿو تہ تون منهنجي پٺ وٺيو اچين، ۽ آءٌ تنهنجي ڦر نٿي چڙهان. اصل ۾ ائين نہ آهي، پر انهيءَ جي ابتڙ آهي. حقيقت اها آهي، تہ آءٌ توسان محبت ٿي ڪريان ۽ توکي پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ ٿي سمجهان. فيبريڪا کي ياد ڪر. ڇا ڳالهہ تو شروع ڪئي هئي، ڇا تون مون کي اتان وٺي هليو هئين؟ نہ، گهٽيءَ ۾ تنهنجي پٺيان آءٌ پئي هيس، پنهنجي گهر ڏي گهلي وٺي ويئي هيس. مون توکي زوريءَ اُت هيرايو..... توکي اهو ڏينهن ياد هوندو، جڏهن تون اندر اچي مونکي اڪيلو ڏسي، هڪ ڀيرو بہ منهنجا چپ ڪونہ چميا. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي، تہ تون آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هئين ۽ تنهنجي پٺ دريءَ ڏانهن هئي...... مون پنهنجو پاڻ، تنهنجي مٿان اڇلايو ۽ اچي تنهنجي هنج ۾ ڪري هيس. مون پنهنجن هٿن سان تنهنجي منهن کي جهليو- پنهنجا چپ، تنهنجن چپن تي رکيم ۽- انهيءَ کان پهرين توکي ڪونہ ٻڌايو اٿم، ان وَقت منهنجي عمر ڪچي هئي ۽ انهيءَ چميءَ منجهان، ميٺڙو مون زندگيءَ ۾ پهريوَن ڀيرو اصلي لذت محسوس ڪئي هئي. جڏهن بہ مون کي ڪو چمندو آهي، تہ انهيءَ ويل کي ساريندي آهيان.... آءٌ تنهنجي هنج ۾ هيس.... جيئن هن وقت آهيان.'

"اهو ٻڌندي مون ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ سوگهو جهليو. مان جذبات ۾ وهڻ لڳس. هن اهي اکر چئي، ٻيهر مون کي جيتيو هو. هاڻ ٻيهر آءٌ هن جي وس کان ٻاهر ڪونہ هوس. هاڻ هوءَ وري مون سان رانديڪي مٿل ڪيڏي سگهي ٿي.

"'مون ٻئي ڪنهن شخص سان پيار ڪونہ ڪيو آهي..... تون ئي منهنجو محبوب آهين.' ڪونچا وڌيڪ چيو. 'منهنجو توسان پيار تہ انهيءَ ڏينهن کان ٿيو آهي، جڏهن مون گاڏيءَ ۾ توکي پهريون ڀيرو ڏٺو هو. مون کي توسان پيار انهيءَ ڪري ٿيو، جو تون مون کي ڏايو وڻئين ٿو. تون سهڻو آهين. تنهنجي اکين ۾ اها چمڪ آهي، جنهن ڪري هر عورت تو سان محبت ڪرڻ چاهيندي. اهو شايد تون سوچي نہ سگهين، تہ ڪيتريون راتيون، مون تنهنجي اکين جي سهڻائپ تي پچاريندي ڪاٽيون. تنهن کان پوءِ مون توسان پيار ڪيو. جنهنجو سبب اهو هو، تہ تو اسان تي مهر جو هٿ رکيو. مون کي اتوري خوشي منظور ڪونہ هئي. مون پوريءَ طرح خوش ٿيڻ ٿي چاهيو.'

"'پر پياري، پوءِ ايڏي خاموشيءَ جو ڪهڙو سبب؟'

"'سبب اهو تہ، جن ڳالهين سان ٻيون زالون خوش رهي سگهن ٿيون، سي مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي نہ آهن. آءٌ اهو نٿي چاهيان تہ مون کي خوشي ملي، پر آءٌ چاهيان ٿي تہ سڄي حياتي، خوش گذري. آءٌ توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي. ميٺڙو، آءٌ چاهيان ٿي تہ توسان انهيءَ وقت بہ پيار ڪريان، جڏهن تنهنجي پيار جو مادو ختم ٿي چڪو هجي. ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪر. پاڻ

ڳالھ تي رضامند ٿيڻ ڪان پھرين، پنھنجي پيٽ لاءِ ڪمائي نٿي سگھي، تہ منجھانئس لذت ماڻي سگھجي ٿي. بس وڏيڪ ڇا چوان، مونکي ڪونچا سان پيار جو ھو.

"سيوائل اچي، مون ھڪ تمام آرام واري جڳھ خريد ڪئي. جت گرمين جي ڏينھن ۾ بہ تمام خاموشي ھوندي ھئي. ھوا بلڪل تازي تازي ۽ ڇانوَ گھاٽي. مون کيس اتي خوش محسوس ڪيو.

"گھر لاءِ سامان ونڻو ھو، پر ھن وٽ انھيءَ معاملي کي تارڻ لاءِ ھزار بھانا ھئا. دڪان گھمندي گھمندي، اڻ ڏينھن لنگھي ويا. مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ اھو منھنجي شاديءَ جو ھفتو ھو. ڪونچا جي طبيعت منجھ ڏايو پيار پرجي ويو ھو. جيڪڏھن ھوءَ ڪجھ اُبتيون سبتيون ڳالھيون ڪري تہ بہ آءٌ تنھن کي پيار ٿي سمجھندو ھوس. مون ھن پيري ڪابہ تڪڙ ڪونہ ڪئي. ھن مون ڪان ڪنھن بہ خاص رقم جي گھر ڪانہ ڪئي. مون تہ بہ کيس ھڪ لڪ 'ڊيورو' ڏنا. جن کي ھن ائين سيناڻي رکيو، ڄڻ اھي معمولي 'پئسا' (ننڍو سِڪو) آھن.

"ھفتو ختم پئي ٿيو. بي صبريءَ ھٽي نستو ڪري ڇڏيو. مون ڪان وڏيڪ شايد ڪو عاشق، شاديءَ جي ڏينھن لاءِ ائين بيتاب ٿيو ھوندو. مون کي ھاڻ انھيءَ قسم جو ڪو انديشو ڪونہ ھو، تہ ھوءَ ناز نخرا ڪندي. ھوءَ ھاڻ منھنجي ٿي چڪي ھئي. آءٌ کيس سمجھي ويو ھوس. مون کي ايندڙ وقت ۾ رڳو خوشي ئي پئي نظر آئي. تہ ڪڏيز ۾ نچندي، انھيءَ رات، ھن ڪان جيڪا محبت دبجي نہ سگھي ھئي سان جاڻ ظاھر ٿيڻ واري آھي.

"توکي ھاڻ خبر پوندي، تہ انھيءَ خوشيءَ جو ڪھڙو انجام ٿيو. ھن مون سان لاڏ ڪيو، تہ نئين گھر ۾، تيار ٿيڻ ڪان پھرين، آءٌ پھريون شخص ھجان، جيڪو آڌيءَ رات جو ھڪ لڪل مھمان وانگر وڃي وڃان ۽ ھوءَ منھنجي آجيان ڪري.

"جڏھن آءٌ ٺھرايل وقت تي پھتس، اٽ پردو ڏنل ھو.

"مون گھنٽي وڄائي. ڪجھ منٽن ڪان پوءِ ڪونچا ڏاڪڻ تان مرڪندي ھيٺ لٿي. کيس گلابي رنگ جو پڙو پيل ھو ۽ ھڪ اڇي شال پڻ ڪلھن تي ھيس. بہ وڏا ڳاڙھا گل سندس وارن ۾ لڳل ھئا. تکي سوجھري منجھ مون کي سندس شڪل پوريءَ طرح ڏسڻ ۾ پئي آئي. ھوءَ منھنجي ويجھو آئي. وچ ۾ پردو لڳل ھو. ھن جي چپن تي مُرڪ ھئي.

"'منھنجي مرڪندڙ چپن کي چُمي ڏس.'

"پردو اڃا بہ ھو. مون سندس چپن جي مُرڪ ڇھي.

"'ھاڻ منھنجي پڙي جي گھيري کي چُم. منھنجي سليپر کي چمي ڏي.'

”هن جي آواز ۾ شگفتگي هئي. هن وري چيو، ’ها، نيڪ آهي. هاڻ تون وڃي سگهين ٿو.‘

”آءٌ اصل پگهر منجهه تڙڳڻ لڳس، مون کي ائين پئي محسوس ٿيو، ته هوءَ جيڪي ڪجهه چوڻ ۽ ڪرڻ چاهي ٿي، سو آءٌ اندازو ڪري سگهان ٿو.

”’ڪونچا! پياري..... تون ڪلين پئي.....؟‘

”’ها، آءٌ ڪلان پئي.... جي تون اهو جاڻڻ چاهين ٿو ته آءٌ ڪلان پئي يا نه، ته ٻڌ آءٌ واقعي ڪلان پئي. تون بس خوش ٿي وڃين. ڏس آءٌ ڪهڙو نه سٺو ڪلان ٿي.....؟ آءٌ خوشيءَ ۾ ڏڪان پئي، مون کان چڱو ڀيو ڪوبه ڪلي نٿو سگهي. مون کي هن وقت تمام گهڻي خوشي پئي ٿئي. آءٌ چري نه ٿي پوان. آءٌ ائين پئي ڪلان جڻ پيتل آهيان. مون کي ويجهو ٿي ڏس، ڪلڻ ڪري، مون کي ڪيڏي راحت محسوس ٿئي ٿي.‘

”هن ٻئي ٻانهون مٿي ڪنيون ۽ ڦيرائڻ لڳي، جڻ نچي ٿي.

”’هاڻ مان آزاد آهيان. تنهنجي چار منهنجان هميشه لاءِ آزاد ٿي چڪي آهيان. اندر اچڻ جي ڪوشش نه ڪجئين، پردو ڏاڍو مضبوط آهي. اتي ٿوري دير ويهه ته دل جي سموري ڳالهه ٻڌايان....‘

”هوءَ وڌيڪ ويجهو آئي ۽ ڪاوڙ منجهان چوڻ لڳي، ’مينڪو! مون کي تو مان خوف آهي. مون کي توسان ايتري نفرت آهي، جو توکي ٻڌائڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ڪونهن. جڏهن تنهنجي بدن سان منهنجو بدن ڇهندو آهي، ته آءٌ توسان ائين نفرت ڪندي آهيان، جڻ تنهنجي پوري بدن ۾ ڦٽ ڦرڙيون آهن ۽ تو مان سخت ڌپ ايندي آهي. خدا چاهيو ته هاڻ هميشه لاءِ توسان واسطو ختم. مون چوڏهن مهن تائين توکان پاڻ لڪايو، پر تو هميشه مون کي ڳولي ورتو. تنهنجا هٿ هميشه مونکي ڇهندا رهيا آهن، تنهنجيون ٻانهون هميشه مونکي ڀاڪر پائينديون رهيون آهن. تون منهنجا چپ چمندو رهيو آهين. رات جو جيتري دفعا به تو مونکي چميو، مون ڪٽ هيٺان ٿڪيو. تو کي انهيءَ حالت جي ڄاڻ ئي ڪانهي، ته جڏهن تون منهنجي هنڌ ۾ ليٽندو هئين، ته آءٌ تنهنجي متعلق ڇا محسوس ڪندي هيس. تو کان جند ڇڏائڻ خاطر هميشه دعائون گهريم. گنريل سياري ۾ مون ست ڀيرا دعا گهري، ته تنهنجو ٻيڙو غرق ٿئي. هاڻ مون کي تنهنجي پرواهه نه آهي. هاڻ تون هليو وڃ. مون کي سڀ ملي ويو آهي.‘

”آءٌ بت وانگر رهيس.

”هن وري چيو، ’وڃي نٿو؟ ٻڌئي ڪونه؟‘

”منهنجي حالت چرڻ کان ٻاهر هئي. نڪو جواب ٿي ڏيئي سگهيس ۽ نڪي اتان چرڻ ٿي دل ٿي. زبان خشڪ ٿي ويئي هئي. ٽنگن سٽ ڇڏي ڏنو هو. هن اکيون

ڳاڙهيون ڪندي چيو، 'تون وڃڻ نٿو چاهين- چڱو هاڻ بيهه، پاڻهي خبر پوندئي.'
هن وڏي واڪي سڏ ڪيو، ڇڻ ڪا سوپ ڪٽي هجيس.
''مورنٽيو!'

"اهو ٻڌي منهنجا لڱ ڏڪڻ لڳا. مورنٽيو اتي هو. ڪيس لهندي ڏٺو. ڪونچا پنهنجي شال لاهي، پنهنجيون اگهاڙيون ٻانهون کولي بيهي رهي، 'ڏس، منهنجو محبوب اچي ويو. ڏس ڪيترو سهڻو ۽ جانٺو آهي. ميٺڙو. چڱيءَ طرح ڏسينس. مون کي ساڻس بيحد پيار آهي. منهنجا پيارا، پنهنجا چپ هيڏانهن ڪر..... هڪ دفعي وري، اچا زور سان. منهنجي زندگيءَ ۾ هاڻ ميناج آهي. منهنجي اندر عشق جي گرمي پڙڪا پئي ڪائي.' هن گهڻو ڪي ڳالهايو."

## 13

"گهر موٽي، اڇڻ ڪان پوءِ مون آپگهات نہ ڪيو. جنهن جو وڏو سبب اهو بہ هو، تہ منهنجي ناڪام زندگيءَ کان سوا، هڪ وڏي طاقتور جذبي مون کي سنڀالي ورتو. نند اڏامي چڪي هئي. انهيءَ ڪري مون سمجهڻ جي ڪوشش بہ ڪونہ ڪئي. صبح جو، منهنجي نظر آرسيءَ تي پيئي- تہ مون ٻنا ڪنهن حيرت جي ڏٺو. منهنجا وار اچا ٿي چڪا هئا.

"صبح جو نيرن، مون کي باغ ۾ ملي. مون کي اچا ويئي ڏهہ منٽ ڪن مس گذريا هئا تہ مون ڏٺو، گهٽيءَ جي موڙ وٽان ڪونچا مون ڏانهن آئي پئي. مون کي محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ خوابن جي دنيا مان اچي پئي. توکي حيران ٿيڻ نہ گهرجي. هن جي متعلق ڳالهہ ڪندي، ڪنهن بہ شيءَ جو اندازو نٿو ڪري سگهجي. هن جي سيڪا حرڪت اڇرج ۾ وجهڻ جهڙي شرمناڪ ٿيندي هئي. جڏهن مون ڪيس ڏٺو، تہ دل ئي دل ۾ بيتابيءَ منجهان سوچيم: هاڻ وري ڪهڙي لوپ خطر آئي آهي، وري پنهنجي فتح جي آڻ مجائڻ آئي آهي ڇا؟ يا مون کي بلڪل ئي تباهہ ڪري پوءِ ڇڏيندين.

"هوءَ وڻ جي هڪ تاريءَ هيٺان لنگهي، هن پنهنجي ڇٽي ۽ وڇٽو بند ڪيو ۽ مون ڏانهن منهن ڪري تمام خاموشيءَ سان منهنجي سامهون ويهي رهي. مون کي ياد آهي تہ، ويجهوئي چبر تي هڪ ڪوئر پئي هئي ۽ جهڙي طرح هوءَ منهنجي سامهون چپ ڪيو ويئي هئي، تنهن تي اهڙي تہ ڪاوڙ پئي لڳيم، جو اها ڪوئر ڪٽي، اڦٽ ماري وجهانس.

"هن خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو: 'آءٌ اهو ڏسڻ آئي آهيان، تہ تون ڪيئن مئو آهين. مون کي يقين هو، تہ تون مونسان تمام گهٽي محبت ڪرين ٿو ۽ رات تو

اُڳهات ڪيو هوندو.‘

”پوءِ هن منهنجي اڳيان رکيل پيالي ۾ ڪافي وڌي ۽ پيئڻ لڳي.

”’سٺي نہ آهي. تمام خراب آهي.‘

”هوءِ اٿي ۽ چوڻ لڳي، ’هليا اندر هلون. توکي اهڙي ڳالهہ ٻڌايان، جو تون حيران ٿيندين.‘

”۽ مون سوچيو- اجا بہ ڪي حيران ٿيندس؟

”پر مون ڪجهہ ڪونہ. اسين اندر وڃڻ لڳاسين. هوءِ جهونگاريندي منهنجي اڳيان هلي پئي. هوءِ پنهنجي مرضيءَ سان هڪ ڪمري ۾ هلي آئي- مون ڪيس زور ڪونہ ڪيو. انهيءَ ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟ تنهن ۾ منهنجي مرضي ڪونہ هئي. جيڪي ڪجهہ ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو. جنهن ڪمري ۾ هوءِ داخل ٿي، سو هڪ ننڍو، چوڌاري بند هو. اُتي صوفا سيٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين هو. ڪمري ۾ غاليچو وڇيل هو ۽ اهو قبر وانگر اونداهو ۽ خاموش هو. آءٌ انهيءَ ڪمري ۾ ويهي ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ پيئندو هوس. پر هاڻ استعمال نہ ڪندو هوس. آءٌ ڪونچا جي پٺيان اندر داخل ٿيس. مون اندران ائين ڪڙو بند ڪيو، جو ڪيس خبر ڪونہ پئي. تنهن ڪان پوءِ منهنجين اکين ۾ رت تري آيو. چوڌهن مهينن ڪان جمع ٿيل ڪاوڙ لڳن جي نري نري منجهہ ايامڻ لڳي. مون ڪيس ڦڙ وهايو. هوءِ ڦڙ جو زور جهلي نہ سگهي ۽ ڪري پئي.

”انهيءَ ڪان اڳ مون ڪنهن زال ذات تي هٿ نہ ڪنيو هو. هوءِ ڪنبي رهي هئي، پر ڪانئس وڌيڪ آءٌ ڪنبيس پئي. هنجا چپ ڪليل هئا ۽ ناسوس ڦونديل.

”’تون... ميڻتو... مونسان اهڙي حرڪت....؟‘

”پوءِ هن رڙ ڪئي: ’فڪر نہ ڪرا تون مون کي ٻيهر ڇيهو ڪونہ رسائي سگهندين.‘

”هن وٽ ڪو چاقو لڪل هو، جنهن کي ڳولڻ لڳي. مون سندس ڪرائي مروڙي چاقو ڦري ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مون هن جي ٻنهين ڪرائين کي مضبوطيءَ سان جهلي، ڪيس پٽ تي ليٽائي ڇڏيو.

”’ڪونچا،‘ مون چيو، ’توکي گهٽ وڌ ڪين ڳالهائيندس، نہ ڪا تنهنجي بي عزتي ڪندس، پر اهو ڪن ڪولي ٻڌ، تہ تو مونکي تمام گهڻو ستايو آهي. تو هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ستايو آهي، جيڪو توسان حقيقي محبت ڪري ٿو. هاڻ مان توکي زبردستي پنهنجي قبضي هيٺ رکان ٿو ۽ ياد رک، هڪ ڀيرو نہ بلڪ جيترا ڀيرا دل ٿيم، اوترا ڀيرا تنهنجي هٿ کي ڀچندس.‘

”’آءٌ تنهنجي ڪڏهن بہ ٿي نٿي سگهان.‘ هن رڙ ڪئي، ’توکي ڏسڻ سان ئي مون تي دهشت غلبو ڪري ٿي. مون کي توسان ائين نفرت آهي، جهڙي موت

خاطر هو. اها حقيقت ﭔ ٻڌي وٺ، تہ هن مهل ڪان پهرين، مون ڪڏهن ﭔ تنهنجي محبت محسوس ڪونہ ڪئي. هاڻ آءٌ تنهنجي آهيان. خدا چاهيندو تہ آءٌ صبح تائين تنهنجي زال ٿي وينديس. جيڪي ڪجهہ ٿي چڪو آهي، تنهن کي وساري ڇڏ. هن وقت آءٌ جنهن رنگ ۾ توکي ڏسي رهي آهيان، انهيءَ کان اڳ اهو ڪونہ پسيو هوم. هليا- مون ڏانهن- منهنجي هنج ۾-' ۽ اها حقيقت هئي تہ هوءَ ڪنواري هئي."

## 14

"منهنجي عشق جو اهو انجام هئڻ گهرجي ها، پر افسوس ائم تہ ائين نہ ٿيو. شايد توکي ﭔ ڪڏهن اها پروڙ پئجي وڃي، تہ بدبختي انسان جي حياتيءَ منجهان ڪڏهن ﭔ ختم نہ ٿي ٿئي. جيڪو ڇهڪ هڪ دفعي لڳيو وڃي، پوءِ اهو ڇٽڻ جهڙو ڪونهي. جيڪڏهن زال، روح راڙي ۽ ايذاءَ جو ٻج، حياتيءَ ۾ ڇٽي ٿي ڇڏي، تہ پوءِ حياتي ان ڪلراٺي زمين وانگر آهي، جنهن ۾ هڪ سلو ﭔ اُپري نٿو سگهي.

"ڪونچا، آئن ڏينهن کان پوءِ، شام جي ڪانڌ وقت اهو چوندي آئي، 'سوچي سگهين ٿو تہ اڄ مون ڪنهن کي ڏٺو آهي. اهڙي شخص کي، جنهن کي آءٌ دل سان چاهيان ٿي.'

"آءٌ خاموش رهيس.

"'مون مورنٽيو کي ڏٺو آهي.' هن ڳالهہ کي جاري رکيو. 'هو 'دسيرﭔ' کان گاسڪوي واري دڪان ڏانهن ويو پئي. اسين ٻئي گڏ دسيرﭔ وياسين. توکي چيو هئيم، تہ هن بابت منهنجي راءِ چڱي نہ آهي. پر مون پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي. هو سهڻو آهي. ڪعريز مان اَيل منهنجو ننڍڙو دوست، تو ڪيس ڏٺو آهي ۽ چڱيءَ ريت سڃاڻين ٿو. هن جون جرڪندڙ اکيون، جن جا ٻگها پنبڻ آهن ۽ ٻگها پنبڻ مون کي ڏاڍا وڻندا آهن. هن کي مڇون ڪونهن. هن جا چپ تمام سنا آهن، ڏند اڇا اٿس. سڀ زالون جڏهن اهڙي قسم جو مرد ڏسنديون آهن، تہ سندن وات پاڻي ٿي ويندو آهي.'

"'ڪونچا، تون مون کي ستائي رهي آهين. اها اڻ ٽيٺي آهي. سچ ٻڌاءِ، تو ڪنهن کي ڏٺو آهي؟'

"'توکي منهنجي ڳالهہ تي ويساهہ ڪونهي؟ نهيو، تنهنجي مرضي. جيڪر اها ڳالهہ آهي، تہ آءٌ اڳتي نہ ٻڌائيندس، تہ ڇا ٿيو.'

"مون سندس ٻانهن کي جهليو، 'ٻڌاءِ، پوءِ ڇا ٿيو؟'

"'پنهنجي جذبن کي جهل. آءٌ ٻڌايان ٿي. آخر ڇو لڪايان؟'

”‘اها ته منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اسين ٻئي گڏ شهر کان ٻاهر ويا هئاسين. اڳيان ٻه ٻڌايان؟ ڪرور ڊي ڪيمپو، ۾ پڻ وياسين....‘ ۽ جيئن ئي آءٌ اٿيس، ته هن پنهنجا ٻئي هٿ اڳيان ڪندي ڳالهه ختم ڪئي.

”‘هن جا لڱ ڏاڍا نرم آهن. هو، توکان وڌيڪ چڱو لڳي ٿو.‘

”آءٌ هن کي وري مارڻ لڳس. هن ڀيري ته وڌيڪ خطرناڪ طريقي سان ماريومانس. مون کيس پوري سگهه سان چماٽون هنيون. هوءِ رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ سڏڪندي رهي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ مٿو گوڏن ۾ وجهي، ٻنهي هٿن سان منهن تي آڏ ڪري وهي رهي.

”‘پيارا، مون جيڪي ڪجهه چيو، سو نسورو ڪوڙ هو. آءٌ ڏکن جي ويڙهه ڏسڻ ويئي هيس. سچو ڏينهن اتي هيس. منهنجو ٽڪيٽ، منهنجي کيسي ۾ آهي. اتي مونسان گڏ، تنهنجو دوست ’جي‘ ۽ سندس جوءِ پڻ هئا. تون ڪانئن پڇي سگهين ٿو. مون ٽن ڏکن کي مرندو ڏٺو، پر پنهنجي سيٽ تان نه اٿيس. آءٌ اتان سڌي گهر آئي آهيان.‘

”‘پوءِ تو ڪوڙ ڇو ڳالهايو.‘

”‘انهيءَ ڪري جو تون مون کي مارين. ميٺو، تنهنجي مارڻ، جڏهن آءٌ تنهنجي طاقت محسوس ٿي ڪريان، ته مونکي توسان محبت ٻيڻي ٿيو پوي. تون اهو اندازو نٿو ڪري سگهين، ته جڏهن تو خاطر مون کي روئڻو ٿو پوي، ته مون کي ڪيتري خوشي ٿئي ٿي. اچ ۽ منهنجي ڏکويل لڱن کي هنج ۾ کڻ ۽ منهنجا ڏک دور ڪر.‘

”۽ آخر تائين ائين ٿيندو رهيو. جڏهن هن کي اهو يقين ٿيو ته سندس ڪوڙا وعدا، مون کي دولاب نٿا ڏيئي سگهن ۽ اهو ته آءٌ کيس بيوفا سمجهڻ لڳو آهيان، ته مون کي ڪاوڙ ڏيارڻ خاطر روز نوان بهانا گهڙڻ لڳي. رات جو جڏهن سڀ زالون پنهنجن مردن کي ائين پيون چونديون آهن، ’چا، تون مون کي هميشه پيار ڪندين.‘ مون هن جي واتان هي اکر ٻڌا، ’ميٺو، تون مون کي وري مارينديں؟ وعدو ڪر ته تون مون کي تمام زور سان مارينديں. ڇوُ تون مونکي اڦٽ ماري ڇڏيندين.‘ اهي اکر آءٌ پنهنجي طرفان ڪونه ٿو ٺڳيان، پر اها حقيقت آهي.

”تون اهو نه سوچجئين، ته اها ڳالهه هن جي ڪردار جي بنياد هئي. جي هن کي سزا جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي، ته منجهس گناهه ڪرڻ جو جذبو پڻ هو. هوءِ گناهه، گناهه جي لذت خاطرڪونه ڪندي هئي، پر کيس خوشي انهيءَ ڳالهه جي هئي ته هوءِ ڪنهن شخص کي ايذاءُ پهچائي رهي آهي. هوءِ پيدا ئي انهيءَ ڪري ٿي هئي. شروع شروع ۾ ته منجهس شڪ ۽ بغض ايتري قدر هو، جو تون تصور ئي نٿو ڪري سگهين. جو هوءِ منهنجي هڪ هڪ دوست سان اهڙو ته

اگھاڙيون ننگون ڏيکارڻ چاھين ٿي. اھڙيءَ ريت دربدر رُلڻ، شرم جھڙي ڳالھہ آھي. تنھنجو چولو قاتل ۽ منجھانئس ليئو پائيندڙ بدن، عاشقن کي شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتو آھي.‘

”ڪونچا ڪيس اھڙيون گاريون ڏنيون، جو ھوءَ ڇوڪري دھلجي ويئي. نہ رڳو ايترو، پر ڪونچا ڇوڪري جو سمورو سامان ڦري، پيرن سان ٻوڙي ڦٽو ڪيو ۽ ھوءَ بدبخت ڇوڪري رڻ سان گڏ ڪنبي بہ پئي. ظاھر آھي تہ مون سمورو نقصان پري ڏنو ۽ پوءِ اسان ۾ ويڙھ شروع ٿي ويئي. اھا ويڙھہ ڪا وڏي ڪانہ ھئي. پر آخري ضرور ھئي.

”’تون مون کي ھڪ جٽ ڇوريءَ خاطر ڇڏي ڏيندين؟‘

”’نہ، آءٌ توکي انھيءَ ڪري ڇڏي ڏيندس، تہ مون کي آرام ملي.‘

”ٽن ڏينھن کان پوءِ، آءٌ شھر ڇڏي طنجہ ھليو ويس. ھوءَ اُتي بہ اچي پھتي. آءٌ ھڪ قافلي سان گڏ ملڪ جي اندروني علائقي ۾ ھليو ويس. جيئن ھوءَ منھنجي پٺ نہ ڪري سگھي. اتي مون گھٽائي مھينا گذاريا. اسپين بابت مون کي ڪا خبر ڪونہ ھئي. جڏھن واپس طنجہ پھتس، تہ ٽپال ڪاتي ۾ منھنجا چوڏھن خط پيل ھئا. مون ھڪ ٻيڙيءَ ۾ اٿلي وڃڻ جو ارادو ڪيو. اُتي بہ اَٺ خط منھنجي پٺيان آيا، تنھن کان پوءِ خاموشي.

”پوري سال رُلڻ کان پوءِ آءٌ سيوائل پھتس. منھنجي اچڻ کان ٻہ ھفتا پھرين، ڪونچا جي شادي ھڪ بيوقوف سان ٿي چڪي ھئي، جيڪو ھڪ چڱي گھرائي جو آھي. منھنجي پھچڻ شرط، ھن مڙس کي بوليويا موڪلي ڇڏيو ۽ مون کي خط ۾ لکيائين: ’آءٌ يا تہ رڳو تنھنجي بنجي رھندس، يا ڪنھن اھڙي شخص جي، جيڪو مون کي چاھيندو.‘

”ھاڻ تون سمجھي ويو ھوندين، تہ ڪونچا پريز ڪير آھي ۽ ڇا آھي. جيتري قدر منھنجو تعلق آھي، منھنجي تہ حياتي برباد ٿي چڪي آھي، ھاڻ مون کي رڳو اھا خواھش آھي تہ ھوءَ مون کي وساري ڇڏي- اھا اٿئي ڪونچا پريز جي سموري ڳالھہ. مون رڳو ھڪ نوجوان جي بچاءَ خاطر ھڪ عورت جي چھري تان نقاب ڪنيو آھي.“

## 15

اينبري پنڌ شھر ويو. شام جا ست وڄي چڪا ھئا. چانڊوڪيءَ جي مستي ۽ خمار چوڌاري پکڙيل ھو. ھو چپ چاپ ويو پئي. اوچتو ھو ڪن پل لاءِ بيھي رھيو، ايتري ۾ ھڪ گاڏي اچي بيٺي. جيئن ئي ھو اڳيان وڌيو، ڪو سائس ڳالھائڻ لڳو:

"مون کي ٿوري دير ٿي ويئي." آواز آيو. "توهان جي مهرباني، جو منهنجو ايتري قدر انتظار ڪيو. اي سهڻا اڻ ڄاڻ، تون منهنجي دل ۾ سمائجين پيو. ڇا، آءٌ هن اونداهي ۽ ويران رستي تي، توتي ڀروسو ڪري سگهان ٿي؟"

اينبريءَ ڪيس ڏٺو ۽ ڏسڻ سان سندس منهن جو رنگ لهي ويو ۽ چپ چاپ ڪري ساڻس گڏ وڃي ويٺو. گاڏي ڪليل علائقي مان لنگهندي، زيتون جي وڻن جي ڇانوَ هيٺ، هڪ ننڍي سائي گهر وٽ بيٺي. گهوڙا کوليا ويا. هو مٿي اچي سمهي رهيا.

ٻئي ڏينهن شام جو وري ڪين جوٽيو ويو. گاڏي شهر ڏانهن وڌي ۽ 'پلازا دي ٽرائنفو' وٽ بيهي رهي. سڀ کان اڳ ڪونچا لٿي ۽ سندس پويان اينبري لٿو ۽ ٻئي گڏ گهر اندر آيا.

"روزالي"، هن پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي چيو. "منهنجو سامان تيار ڪر. آءٌ پيرس وڃان پئي."

"سائڻ، اڄ صبح جو هڪ شريف ماڻهو آيو هو، جنهن مون کي چيو، آءٌ ڪونچا پريز سان ملڻ چاهيان ٿو. آءٌ ته ڪيس ڪونه سڃاڻان، پر هو چئي رهيو هو، ته آءٌ تنهنجي مالڪياڻيءَ کي عرصي کان سڃاڻان. هن اهو به چيو، ته جي اسان جي ملاقات ٿئي ته مون کي خوشي ٿيندي."

"ڇا هو پنهنجو ڪارڊ ڇڏي ويو آهي؟"

"نه."

ايتري ۾ هڪ نوڪر اندر آيو. نوڪر جي هٿ ۾ هڪ خط هو. اينبريءَ کي پوءِ اها ڄاڻ پئي ته خط جو هيٺيون مضمون هو:

"منهنجي ڪونچا! مون توکي معاف ڪيو. آءٌ توکان سواءِ جيئرو رهي نٿو سگهان. واپس هلي آ. هاڻ آءٌ تنهنجي سامهون جهڪان ٿو ۽ توکي منٿ پڻ ڪريان ٿو.

"آءٌ تنهنجن اگهاڙن پيرن کي چمڻ لاءِ تيار آهيان."

تنهنجو
ميٽئو

●●●

انهي جي جواب ۾ "وطن يا ڪفن" جو نعرو لڳائي، انگريزي ملٽريءَ ۽ پوليس جا هزارين فرد ماريا، ڦُريا ۽ ڪافي مالِ غنيمت هٿ ڪيو. هن هلچل کي "ٽين حر هلچل" سڏيو ويچي ٿو، جا مجاهد اعظم، امام الاحرار حضرت پير سيد حاجي صبغة الله شاه رحہ جي سرڪردگيءَ هيٺ شروع ٿي هئي. هن ناول ۾ اوهان کي لڙڪ ۽ مرڪ، ٺهڪ ۽ ڇهڪ، حيرت ۽ عبرت، غم ۽ غصو، جوش ۽ هوش، محبت ۽ وحشت، فرض ۽ عزازت، رحم ۽ قهر، عقل ۽ عشق، حب الوطني ۽ غداريءَ جا عجيب و غريب نظارا نظر ايندا. پاڪستان رائٽرز گلڊ بہ هن کي سنڌي زبان جو بهترين ناول ٺهرائي پنج سؤ روپيہ انعام ڏنو آهي. هيءُ تاريخي ناول 656 صفحن تي مشتمل آهي. نئين ٽائيٽل سان سينگاريل- قيمت صرف -/120 رپيا آهي.

## تاريخ جو سفر

ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هيءُ ڪتاب تاريخ کي سمجهڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾، تاريخ ۽ انساني زندگي جي ڳانڍاپڻ ۽ پونڌڙ اثرن جو تجرباتي ۽ سائنسي بنيادن تي تجزيو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب هر پڙهيل لکيل ۽ سجاڳ ذهن کي مطالعو ڪرڻ گهرجي- ڇو تہ مستقبل جو رستو ماضيءَ جي حقيقتن مان ئي تخليق ڪري سگهجي ٿو. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/45 رپيا.

## تنهنجي ڳوٺ، تنهنجون ڳالهيون

زرينہ بلوچ جي هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ سنڌس ١٦ دلچسپ، يادگار ۽ اٿوسرنڌڙ ڪهاڻيون شامل آهن. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت 55 رپيا.

## عاشي

هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان بہ گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهہ قوت، لازوال حسن ۽ غير معمولي سياڻپ جي مالڪ هئي! جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هن جو انتظار ڪندي رهي... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو...! مصري قوم کان بہ گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سنڌس اطاعت ڪندي هئي-! مگر هنجي صورت ڏسڻ بہ ڪين نصيب نہ ٿي هئي-! هوءَ هڪ لاشن سان ڀَريل پيرئمڊ ۾ رهندي هئي!

She جڳ مشهور مصنف هينري رائڊر هنگرڊ جي مڙني ناولن مان مقبول ترين ناول آهي. انهيءَ جو اندازو هن امر مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ کپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن. صفحا 400- قيمت -/75 رپيا.

## فرينچ انقلاب

مترجم: محمد ابراهيم جويو

اصل ۾ فرينچ ٻوليءَ جو هيءُ ڪتاب L' Historie d' un paysan جيڪو ڀهريون پيرو 1868 ۾ شايع ٿيو، يعني فرينچ انقلاب کان لڳ ڀڳ 80 ورهيه پوءِ، ٻن مصنفن جو گڏجي تصنيف ڪيل ڪتاب آهي. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/80 رپيا.

## سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي- ايس- ايس ۽ پي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ)

ليکڪ: اڪبر لغاري

● مقابلي جي امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب، جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي جنهن ۾: سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، هاڻوڪن توڙي اڳوڻن شاعرن جي ڪلام جو جائزو ۽ ادب جي سيني اهم صنفن جي ارتقائي تاريخ جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو آهي- سليبس ۾ ڄاڻايل 28 ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ (جيڪي تقريباً اڻ لڀ آهن) هڪ ئي ڪارائتو ڪتاب پڙهو. ايم. اي سنڌي جي شاگردن لاءِ ٻڻ هڪ ڪارآمد ڪتاب آهي. قيمت -/55

## سرَ لوهيڙا ڳيپا

شيخ اياز جو 400 صفحن تي مشتمل شاعري جو نئون ڪتاب- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/100 رپيا.

## قومي غدارَ ۽ حساب ڪتاب

مشهور و معروف ڪالم نگار، مضمون نويس ۽ استاد لياقت عزيز جو هيءُ ڪتاب اهميت ۽ انفراديت جي لحاظ کان پڙهندڙن وٽ گهڻو مقبول ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ مصنف قومي غدارن ۽ نام نهاد ليڊرن سياستدانن، اسيمبلي جي ميمبرن، وڏيرن، وزيرن، پيرن، ميرن، وائس چانسلرن، استادن، تعليم جي عملدارن، پوليس جي ڏاڍاين، ڪامورن، قوم پرستن، شاگرد ليڊرن، يو-پي، سي- بي، وغيره وارن جا پول پڌرا ڪيا آهن. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- قيمت -/50 روپيه

## ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ڀاڱو I ۽ II)

شيخ اياز جي هنن ٻنهي ڪتابن ۾، ٽن هارٽ اٽيڪ دوران لکيل بيت، وايون، نظم ۽ آزاد نظمن کان علاوه 104 صفحن ۽ 20 صفحن جو مهاڳ ۽ دنيا جي چونڊ جي 120 اديبن، شاعرن، سائنسدانن، دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، عالمن، ليڊرن تي لکيل نوٽس شامل آهن. صفحا 306 ۽ 400- قيمت -/90 روپيه ۽ -/100 روپيه

نيو فيلڊس طرفان غلام نبي مغل جا جلد ايندڙ ڪتاب

## اوڙاهہ (ناول)

سراج جي ناولن کان پوءِ تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ اهڙو ناول جنهن ۾ سنڌين کي پنهنجي بقا لاءِ روزانو سوين جوڏا قربان ڪرڻا پوندا هئا. پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا، دربدر جون ٺوڪرون کائيندا پيون. پنهنجون عزتون اکين اڳيان لٽجنديون ڏسي بيوسيءَ جي عالم ۾ سواءِ رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ جي ڪجهہ بہ نہ ڪري پئي سگهيا. موت سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هو. ڪابہ جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نہ رهي هئي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد ٿي يڪراءِ فيصلو ڪيو تہ......

## سٺ سٺر اسي

(ڪهاڻين جو مجموعو)

نيو فيلڊس طرفان شيخ اياز جا ايندڙ ڪتاب

## جَر- ڏيئا جهمڪن

## پن ڇڻ پڇاڻان